سال (18)   خميس 20 نومبر 2025ع 28 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه   شمارو (60)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94)   خميس 20 نومبر 2025ع 28 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه   شمارو (97)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi   Thursday 20th November 2025

سال (18) خميس 20 نومبر 2025ع 28 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (60)

Daily Ibrat Hyderabad   Thursday 20th November 2025

ڀارت خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج کي برتري ملي، چين پنهنجو دفاعي نظام آزمايو: آمريڪي ڪانگريس

چين 2024ع ۽ 2025ع ۾ اسڪتان سان عسڪري تعاون وڌايو، جنهن ۾ گڏيل مشقون، دهشتگردي خلاف ڊرلز ۽ پاڪستان جي جون ڪثيرالملڪي امن مشقون شامل هيون

پاڪستان جي چيني هٿيارن سان ڪارڪردگي نمايان رهي، چيني هٿيارن جي مدد سان ڀارت جي فرانسيسي رافيل جهازن کي نشانو بنائڻ چيني هٿيارن جي وڪري لاءِ هڪ موثر دليل بڻجي ويو

اهو پهريون موقعو هو ته چين جي جديد هٿيار ايڇ ڪيو 9 ميزائل ڊفينس سسٽم، پي ايل 15 ايئر ٽو ايئر ميزائلز ۽ جي 10 ويڙهاڪ جهاز سڌي طرح جنگ ۾ استعمال ٿيا

هٿيارن جو سڌي طرح جنگ ۾ استعمال چين لاءِ هڪ وڏو تجربو ثابت ٿيو، چين جون 2025ع ۾ پاڪستان کي جي 35 ويڙهاڪ جهاز ۽ دفاعي نظام وڪرو ڪرڻ جي منظوري ڏني

پاڪستان 26-2025ع جي دفاعي بجيٽ ۾ 20 سيڪڙو اضافو ڪرڻ جو اعلان ڪيو جنهن سان مجموعي بجيٽ ۾ گهٽتائي باوجود دفاعي خرچ 9 ارب ڊالر تائين پهچي ويا: آمريڪي ڪانگريس

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي ڪانگريس چيو آهي ته پاڪستان سٽي ۾ ڀارت خلاف جنگ ۾ فوجي برتري حاصل ڪئي ان دوران چين پنهنجو دفاعي نظام آزمايو آمريڪي ڪانگريس جي جاري ڪيل رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته چين 2024ع ۽ 2025ع ۾ اسڪتان سان عسڪري تعاون وڌايو جنهن ۾ گڏيل مشقون دهشتگردي خلاف ڊرلز ۽ پاڪستان جي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڀارن جي حقن جو تحفظ نه رڳو قانوني ذميواري پر اهم اخلاقي فرض به آهي: صدر آصف زرداري

ملڪ جي هر ٻار کي ٻنا ڪنهن فرق جي بنيادي حق ۽ استحصال کان تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي: صدر مملڪت

پاڪستان عالمي معاهدن جو تصديق ڪندڙ آهي جيڪي پاليسي سازي ۾ ٻارن جي آواز شامل ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪن ٿا

حڪومت ٻارن جي استحصال جي روڪٿام ۽ انهن جي ڀلائي جي لاءِ مختلف ادارا ۽ سروس ڊيليوري يونٽس قائم ڪيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته هي ڏينهن رڳو اعتراف نه آهي پر ٻارن جي حقن جي تحفظ ۽ فروغ جي لاءِ عملي قدمن جي گهرج ڪري ٿو ٻارن جو عالمي ڏينهن سڄي دنيا ۾ ٻارن جي ڀلائي جي لاءِ آگاهي ۽ گڏيل ذميواري جي احساس کي مضبوط بڻائڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ ۽ گڏيل قومن جي ٻارن جي حقن بابت
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ اڻڄاتل نوجوان قتل، گولين لڳل لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪلاڪوٽ ٿاڻي جي حد افشاني گلي نمبر 13 لياري ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ 30 سالن جي نامعلوم
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ چين وچ ۾ اسٽريٽجڪ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ۽ معدنيات جي شعبن ۾ تعاون تي اتفاق

ملاقات ۾ توانائي ۽ معدنيات جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ

توانائي ۽ معدنيات جي شعبن ۾ تعاون کي نئين بلندين تائين وٺي وڃبو: پاڪستان ۽ چين جو عزم

چيني ڪمپنيون پاڪستان جي پيٽروليم ۽ معدنياتي شعبن ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ چين وچ ۾ اسٽريٽجڪ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ توانائي ۽ معدنيات جي شعبن ۾ تعاون تي اتفاق ٿيو آهي جنهن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پيٽروليم جي وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان چيني سفير جيانگ زائيڊونگ ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي جي يوم تاسيس تي شاندار جلسو منعقد ڪيو ويندو: سعيد غني

پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪنن جي عظيم قربانين جي ڪري ملڪ ۾ جمهوريت بحال ٿي آهي

قيادت حقن جي بحالي، آئيني حقن جي تحفظ ۽ عوام کي مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي يوم تاسيس جي موقعي تي پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن تحت 30 نومبر تي ڪراچي جي علائقي ڪورنگي ۾ شاندار جلسو عام منعقد ڪندي، جنهن ذريعي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ايندڙ سال سانوڻيءَ ۾ نقصانن کان بچڻ لاءِ هاڻي کان ئي تياري ڪئي: وزيراعظم جي هدايت

موسمياتي تبديلي، منصوبابندي ۽ اين ڊي ايم اي صوبائي حڪومتن سان گڏجي موسمياتي تبديلي بابت جامع منصوبو تيار ڪن

پاڪستان جنهن جو موسمياتي تبديلي ۾ ڪردار نه هجڻ برابر آهي، موسمياتي تبديلي جي خراب اثرن جي لپيٽ ۾ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ايندڙ سال سانوڻيءَ ۾ ڪنهن به جاني ۽ مالي نقصان کان بچڻ لاءِ هاڻي کان ئي تياري ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته موسمياتي تبديلي واري وزارت، منصوبابندي واري وزارت ۽ نيشنل ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) صوبائي حڪومتن سان گڏجي موسمياتي تبديلي جي حوالي سان هڪ جامع منصوبو تيار ڪن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير خالد مگسي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير خالد مگسي ملاقات ڪئي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

او جي ڊي سي پاڪستان جو نمبر 1 ڪارپوريٽ فلانٿراپي ايوارڊ ڪٽي ورتو

وفاقي وزير خزانه ۽ روينيو محمد اورنگزيب سي اي او جي ڊي سي احمد حيات کي ايوارڊ ڏنو

او جي ڊي سي نه رڳو پاڪستان ۾ سڀ کان وڏي ڪمپني آهي پر سي ايس آر ۾ وڏو خرچ ڪندڙ بڻ آهي: احمد حيات

اسلام آباد(پ ر) آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي) ڪارپوريٽ فلانٿراپي ايوارڊ 2025 ۾ ملڪ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: او جي ڊي سي ايل جي سي اي او احمد حيات لڪ کي نائين وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب ڪارپوريٽ فلم ٿراپي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

حيدرآباد ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ايم ڪيو ايم جا ٻه اڳوڻا ڪارڪن قتل

نوراني بستي پنجاري ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ زبير ۽ آصف چينا مارجي ويا

واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ، اطلاع تي پوليس پهچي ضابطو آڻي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيا

اسان جي ماڻهن کي ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي ناصر قريشي مارايو آهي: وارث

حيدرآباد(رپورٽ،مختيار برفت) حيدرآباد ۾ سياسي جماعت جا اڳوڻا ٻه ڪارڪن گولين هڻي قتل علائقي ۾ ڇڪتاڻ خبر موجب ڪالهه حيدرآباد جي علائقي نوراني بستي پنجاري ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

نيشنل گرڊ ڪمپني ۾ انجنيئر الطاف حسين مينيجنگ ڊائريڪٽر مقرر

ملڪ جي بجلي جي ضرورتن ۽ اقتصادي ترقي لاءِ مقرر هدف بروقت حاصل ڪيا وينداءِ ايم ڊي

عهدو سنڀالڻ بعد، نئين مينيجنگ ڊائريڪٽر جنرل مينيجرز، سي سوٽ آفيسرز ۽ ٽيم سان آن لائن خطاب

لاهور (پ ر) انجنيئر الطاف حسين نيشنل گرڊ ڪمپني آف پاڪستان لميٽيڊ (اين جي سي) جي مينيجنگ ڊائريڪٽر طور عهدو سنڀالي ورتو آهي. الطاف حسين وٽ بجلي جي ترسيل ۽ تقسيم جي شعبي ۾ ٽن ڏهاڪن کان وڌيڪ بين الاقوامي تجربو آهي. هن پنهنجي ڪيريئر جو آغاز 1987ع ۾ واٽر اينڊ پاور ڊولپمينٽ اٿارٽي (واپڊا) سان ڪيو جتي هن ڏهه سال وڌيڪ خدمتون سرانجام ڏنيون. جنهن بعد هو ڪينيڊا منتقل ٿيو جتي هن پاور سيڪٽر ۾ 27
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

آمريڪا سان شرطن ۾ تبديلي ڪانسواءِ ڳالهين لاءِ تيار آهيون: ايران

تهران (اي پي پي) ايران اعلان ڪيو آهي ته هو آمريڪا سان ايٽمي ڳالهين ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ تيار آهي اها ڳالهه ايران جي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڊينگي بخار جا وڌيڪ 641 نوان ڪيس ظاهر، 155 مريض اسپتال داخل

ڪراچي جي ليبارٽرين مان 325 ۽ حيدرآباد جي ليبارٽرين ۾ 316 ڪيس پازيٽيو آيا

سرڪاري اسپتالن ۾ ڊينگي جا 70 نوان مريض ۽ خانگي اسپتالن ۾ 80 نوان مريض داخل ڪيا ويا

گذريل 24 ڪلاڪن دوران سنڌ ۾ ڊينگي سبب ڪنهن به فوتگي جي اطلاع موصول

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ صوبي ۾ ڊينگي جي صورتحال بابت روزاني رپورٽ جاري ڪندي ٻڌايو آهي ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران پوري سنڌ جي سرڪاري ۽ خانگي اسپتالن ۾
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

يوڪرين ۾ روسي ڊرون ۽ ميزائل حملي ۾ 16 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

هن وقت تائين ڪنهن هڪ روسي حملي ۾ سڀ کان وڌيڪ جاني نقصان ٿيو

اولهندي يوڪرين ۾ توانائي جي سهولتن، ٽرانسپورٽ ۽ سول انفراسٽرڪچر کي نقصان پهتو

ڪيف (اي پي پي) يوڪرين جي اولهندي شهر ٽرنوپيل تي روسي ڊرون ۽ ميزائل حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 16 ڄڻا فوت ۽ ڪيترائي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم جو نئون صوبن جو مطالبو سنڌ جي اتحاد تي حملو آهي: اسماعيل راهو

سنڌ جي ورهاڱي جا بيان اشتعال انگيز ۽ صوبي جي عوام جي خواهشن جي خلاف آهن

ڪراچي جا شهري هاڻي ٻولي ۽ ورهاڱي جي سياست کي نه پر ڪارڪردگي ۽ خدمت کي ترجيح ڏين ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) يونيورسٽيز ۽ تعليمي بورڊ سنڌ جي وزير محمد اسماعيل راهو وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال جي بيان
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

صوبائي محتسب ۽ هينڊز عوام کي بهتر ۽ آزاد انصاف جي فراهمي لاءِ معاهدو

ٽي جي صوبائي محتسب نسيم الدين ميراڻي ۽ سي اي او هينڊز مقبول احمد صحيحون ڪيون

معاهدي تحت عوام کي بهتر ۽ آزاد انصاف جي فراهمي لاءِ گڏيل ايڪشن پلان تيار ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ ۽ هينڊز ويلفيئر فائونڊيشن جي وچ ۾ مفاهمت جي ياداشت تي صحيحن جي تقريب صوبائي محتسب سنڌ هيڊ ڪوارٽر ۾ منعقد ڪئي وئي جيئرمين هينڊز شيخ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف، سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پاڪستاني ڪرڪيٽ ٽيم کي ڊنل اجيائي ۾ شريڪ آهن

وزيراعظم پاران پاڪستان، سريلنڪا ۽ زمبابوي جي ڪرڪيٽ ٽيمن جي اعزاز ۾ ماني

ميچز ۾ راندبگر اسپورٽس مين اسپرٽ ۽ گڏيل احترام جو اهڙو مثال قائم ڪن: وزيراعظم شهباز شريف

ملڪ ۾ جاري ٽه ملڪي سيريز سان ڪرڪيٽ جي شوقينن کي اعليٰ درجي جي راند ڏسڻ لاءِ ملندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڊيرا اسماعيل خان ۾ 5 ڪروڙ 10 لک روپين جي اسمگلنگ ناڪام

ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ ٽرڪ کي فورسز وزيرستان چوڪ ويجهو روڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) ڪليڪٽريٽ آف
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي پيوٽن سان ملاقات، علائقائي تعاون وڌيڪ مضبوط بنائڻ تي اتفاق

ايس سي او هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ ۽ انساني تعاون ۾ علائقائي سطح تي موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي بهتر صلاحيت رکي ٿي: وزيراعظم

علائقائي آفتن کي منهن ڏيڻ جي تياري وڌيڪ بهتر بنائڻ جي لاءِ ايس سي او پارٽنرز سان مشقون منعقد ڪرڻ جا خواهشمند آهيون

ماسڪو (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي ماسڪو ۾ روس جي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ٿي آهي ملاقات جي دوران پاڪستان ۽ روس بطرفي ۽ علائقائي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ تي اتفاق ڪيو پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب ملاقات جي دوران ايس سي او ميمبر ملڪن جا سربراهه به
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

فنون لطيفه معاشرن ۾ هم آهنگي ۽ ثقافتي لاڳاپا وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو: آصفه ڀٽو

پاڪستان جي خاتون اول ابوظهبي آرٽ 2025 جو دورو ڪري عالمي نمائش ۽ گيلرين جو معائنو ڪيو

هن منارت السعديات پهچي ڊپارٽمينٽ آف ڪلچر اينڊ ٽورزم جي اعليٰ عملدارن سان ملاقات ڪئي

اسلام آباد (ر ع) پاڪستان جي خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري ابوظهبي آرٽ 2025 جو دورو ڪيو جتي هن منارت
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ابوظهبي: خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري ابو ظهبي آرٽ نمائش جو دورو ڪري رهيو آهي

ارڙي ۽ روبيلا ويڪسينيشن قومي مهم ۾ ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ کي يقيني بڻايو رهيو: ڪمشنر ڪراچي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي جي صدارت ۾ ارڙي ۽ روبيلا ويڪسينيشن قومي مهم جو جائزو ورتو جائزي ۾ ڪراچي جي مختلف ويڪسنيشن سينٽرز جو جائزو ڏيندي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

عمران خان جي ڀينرن سان ظلم ۽ بدسلوڪي جبر جي بدترين مثال آهي: حليم عادل

نوريڻ خان ۽ عليمه خان تي تشدد ڪيو ويو ۽ ڪين اغوا ڪرڻ کان پوءِ ويراني ۾ ڇڏيو ويو

سياسي ماڻهو آهيون ۽ پرامن احتجاج جو حق رکون ٿا، بدسلوڪي برداشت نه ڪنداسين: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ انصاف هائوس ڪراچي ۾ هڪ اهم پريس ڪانفرنس
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ مضبوط قانوني نظام موجود آهي، ان تي عمل جي ضرورت آهي: مشتاق جتوئي

قانوني نظام کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ ترقي يافته ملڪن ۾ رائج قانونن وانگر تبديل ڪرڻ پوندو

ڪراچي پريس ڪلب ۾ پيپلز پارٽي برطانيه جي نائب صدر جي اعزاز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي برطانيه جي نائب صدر ۽ سياسي ۽ سماجي اڳواڻ بئريسٽر معشوق علي جتوئي جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 26 ڪلو وڌيڪ اهم روڊن جي بحالي جو جامع منصوبو تيار ڪيو آهي: مرتضيٰ وهاب

ميونسپل حدن ۾ ايندڙ روڊن لاءِ 9 ارب روپين جو منصوبو صوبائي حڪومت وٽ پيش ڪيو ويندو

ٽرئفڪ انجنيئرنگ، سيوريج نظام جي مرمت ۽ اسٽريٽ لائيٽس جي بحالي ۽ اپ گريڊ لاءِ رقم شامل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوغلام علي لڳ رڪشا ڪلٽي ٿيڻ سبب ڊرائيور فوت

ماتلي مين روڊ مير جي گيٽ وٽ تيز رفتار رڪشا ڊرائيور ڪڙي کان بچائيندي ڪلٽي ٿي وئي

حادثي جي نتيجي ۾ اشوڪ ناڪر زخمي ٿي پيو، زخمي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هن دم ڏنو

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي ماتلي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

لاهور: آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي جو وفد صدر سينيٽر سرمد علي جي اڳواڻي ۾ پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر سان ملاقات بعد سائش گڏ بيٺل آهي

خيرپور لڳ تيز رفتار ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت

قومي شاهراهه شاهه حسين ٻاءِ پاس وٽ حادثي ۾ اسلم جروڙيجو ڏاڍي ٿي دم ڏئي ڇڏيو

پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

خيرپور(ن ع) خيرپور لڳ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر نوجوان فوت لاش سول اسپتال منتقل ڪيو
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي گوهر پئليس خانگڙهه آمد

مهر خاندان سان سنڌس والده جي وفات تي تعزيت، گهري ڏک جو اظهار ڪيو

آمد جي موقعي تي خانگڙهه ۾ سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا

خانپور مهر (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خانگڙهه ۾ گوهر پيلس پهچي پ پ ايم اين اي، سردار
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

خانپور مهر: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سردار علي گوهر مهر سان سندس والده جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

ناني وزيراعظم جي ڪرغز جمهوريه جي ڪابينا جي چيئرمين ۽ صدارتي انتظاميه جي سربراهه عادل بيڪ کي ساماليف سان ملاقات

ماسڪو (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار شنگهائي تعاون تنظيم جي حڪومت جي سربراهن جي ڪائونسل جي 24هين اجلاس جي موقعي تي ڪرغز جمهوريه جي ڪابينا جي چيئرمين ۽ صدارتي انتظاميه جي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ چار ماڻهو زخمي ، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي نمبر 5، آءِ ايريا، اسٽريٽ نمبر 8 ۾ فائرنگ ۾ هڪ نوجوان زخمي ٿيو جنهن کي چيپا رضاڪارن جناح اسپتال منتقل ڪيو عوامي ڪالوني پوليس جو چوڻ آهي ته نوجوان جي سڃاڻپ 23 سالن جي يوسف
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ نمائش جو دورو ڪري رهيو آهي

جاپان کي سلامتي ڪائونسل جو مستقل ميمبر بڻجڻ جو ڪو به حق ناهي: چين جو نمائندو

گڏيل قومون (اي پي پي) چين چيو آهي ته جاپان کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو مستقل ميمبر بڻجڻ جو ڪو
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

نبي ڪريم ﷺ جو اسوه حسنه اسان جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو سرمايو آهي: وزيراعظم

برداشت ۽ پائيدارو پاڪستان قائم ٿيڻ جو بنياد آهي آزادي جي تحريڪ ۾ اقليتن سميت زندگي جي هر طبقي جا ماڻهو شامل هئا

الله تعاليٰ پاڪستان کي اهڙو عظيم ملڪ بڻايو جنهن ۾ سمورن مڪتبه فڪر ۽ مذهبن جا پوئلڳ امن ۽ سک جي زندگي گذارين

قائداعظم اهو فلسفو بيان ڪيو ته اسان اهڙو پاڪستان ناهينداسين جتي برداري، تحمل ۽ برداشت کي فروغ حاصل ٿيندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف معاشري ۾ تحمل ۽ برداشت جي ڪلچر کي فروغ ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته نبي ڪريم ﷺ جو اسوه حسنه اسان جي زندگيءَ جو سڀ
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سياسي استحڪام سبب پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ 40 سيڪڙو جو شاندار اضافو ٿيو: بلومر برگ

2025ع ۾ پاڪستان جي اسٽاڪ مارڪيٽ ايشيا جي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ مارڪيٽن ۾ شامل رهي

مدي ۾ ريٽيل سيڙپڪارن جي ذڪر جوڳي دلچسپي ٿي جيڪا ايڪويٽي سيڙپڪاري تي نئين سر کان اعتماد جي عڪاسي آهي

وياج جي شرح ۾ تبديلي نه ٿيڻ جي اعلان ڪانپوءِ پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مسلسل ٻارٽائي جي ٻن سيشنز ڪانپوءِ زبردست بحالي ڏسڻ ۾ آئي

اسلام آباد (اي پي پي) مشهور عالمي اداري بلومر برگ چيو آهي ته سياسي استحڪام، بهتر منافعو ۽ سيڙپڪارن جي اعتماد سبب پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ 40 سيڪڙو جو شاندار اضافو رڪارڊ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: پاڪ فوج ۽ انڊونيشيا جي آرمي جا جوان گڏيل مشقن ۾ شريڪ آهن

صدر آصف زرداري پاران اومان جي قومي ڏينهن جي موقعي تي اومان جي سلطان ۽ عوام کي مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري اومان جي قومي ڏينهن جي موقعي تي اومان جي سلطان ۽ عوام کي دلي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان ۽ اومان جي وچ ۾ ويجها، پراڻا ۽ تاريخي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت جو سپريم ڪورٽ رولز 2025ع کي اختيار ڪرڻ جو فيصلو

چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت امين الدين خان جي صدارت هيٺ فل ڪورٽ اجلاس ٿيو

آئيني عدالت جي پريڪٽس اينڊ پروسيجر لاءِ سپريم ڪورٽ رولز 2025ع کي اختيار ڪندي: فيصلو

ڪيسن جي ٻڌڻي گهٽ ۾ گهٽ ٻه رڪني بئنچ ڪندي، ان جي فيصلي خلاف ٻڌڻي 3 رڪني بئنچ ڪندي

آئيني عدالت جي فل ڪورٽ اجلاس جي فيصلن جي باري ۾ اٽارني جنرل ۽ چئني صوبن جي ايڊووڪيٽ جنرلز کي آگاهه ڪيو ويو

اسلام آباد (ر ع) وفاقي آئيني عدالت سپريم ڪورٽ رولز 2025ع کي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت امين الدين خان جي صدارت هيٺ فل ڪورٽ اجلاس ٿيو وفاقي آئيني عدالت ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا جنهن ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته آئيني عدالت جي پريڪٽس اينڊ پروسيجر لاءِ سپريم ڪورٽ رولز 2025ع کي اختيار ڪندي، وفاقي آئيني عدالت ۾ ڪيسن جي ٻڌڻي گهٽ ۾ گهٽ ٻه رڪني بئنچ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه جي ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي صدر سان ملاقات

بشڪيڪ (اي پي پي) وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي صدر مساتو ڪاندا سان اهم ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان جي ڊجيٽل نيشن ويزن تي اعليٰ سطحي سهڪار تي ڳالهيون
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پنجاب ۾ غيرقانوني ترسيل افغانين جو اطلاع ڏيندڙن کي انعام ڏيڻ جو اعلان

آپريشن جاري آهي، غيرقانوني ترسيل افغانين جي اطلاع ڏيندڙن کي روڪ انعام ڏنو ويندو

2002 کان 2005 جي وچ ۾ تقريبن 30 لک افغان پناهگير پاڪستان مان واپس افغانستان اماڻيا ويا

ٽن هفتن ۾ 6 هزار 220 افغانين کي واپس اماڻيو ويو، جاڻ ڏيندڙ شهرين جو نالو راز ۾ رکبو: عظميٰ بخاري

لاهور (ر ع) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري غيرقانوني طور تي ترسيل افغان پرڏيهي شهرين جي اطلاع ڏيڻ تي روڪ رقم انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ عظميٰ بخاري چيو ته
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ملاقات

ملاقات ۾ مجموعي سياسي صورتحال ۽ سنڌ جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ملاقات ڪئي وزيراعظم
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيو آهي

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار 19 کان 21 نومبر تائين برسلز جو سرڪاري دورو ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار يورپي يونين جي اعليٰ نمائندي ۽ پرڏيهي
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻن ڏينهن جي ٻاڙائيءَ ڪانپوءِ ڪاروبار ۾ تيزي، 100 انڊيڪس ۾ 1291.14 پوائنٽس جو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻن ڏينهن جي ٻاڙائيءَ ڪانپوءِ اربع ڏينهن ڪاروبار ۾ تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

لبنان جي فلسطيني ڪيمپ تي اسرائيلي فضائي حملي سبب 13 ڄڻا شهيد

لبنان جي شهر صيدا ۾ موجود عين الحلوه فلسطيني پناهگير ڪيمپ تي اسرائيلي فورسز حملو ڪيو

اسرائيلي فضائي حملا ڪيمپ جي هڪ گنجان آبادي واري حصي تي ڪيا، ايمبوليسز زخمين ۽ فوتين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪندي رهي

بيروت (اي پي پي) لبنان جي شهر صيدا ۾ موجود عين الحلوه فلسطيني پناهگير ڪيمپ تي اسرائيلي فضائي حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 13 ڄڻا شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب لبنان جي صحت واري وزارت ٻڌايو ته فضائي حملا ڪيمپ جي هڪ گنجان
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي وارو وفاقي وزير مصدق ملڪ ۽ چيئرمين اين ڊي ايم اي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ سنڌ پوليس گيمز جو شاندار افتتاح، رنگا رنگي آتشبازي جو مظاهرو

گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار پوليس هيڊڪوارٽر گارڊن سائوٿ ۾ منعقد تقريب جو افتتاح ڪيو

صوبي ۾ راندين جي فروغ ۽ مثبت سرگرمين جي بحالي لاءِ هڪ اهم قدم به آهي: گهرو وزير

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار پوليس هيڊڪوارٽر گارڊن سائوٿ ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ سنڌ پوليس گيمز 2025 جو باقاعده افتتاح ڪيو. ان موقعي تي سنڌ
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

27 هين آئيني ترميم ذريعي برابري ۽ يڪجهتي کي مضبوط ڪيو ويو آهي: شرجيل ميمڻ

ماضي ۾ خاندانن کي سياست ۾ نه گهليو ويندو هو اسان لاءِ سيني پارٽين جون عورتون عزت لائق آهن.

سنڌ حڪومت عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ پنڪ بس سروس جو دائرو وڌايو آهي

خاص صلاحيتن وارن ٻارن لاءِ خاص سائيڪلون تيار ڪيون پيون وڃن جيڪي مفت ڏنيون وينديون

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ٽرانسپورٽ کاتو صوبي ۾ بهتر سفري سهولتن لاءِ لڳاتار ڪم ڪري رهيو آهي ۽ شهرين کي جلد ئي وڌيڪ خوشخبري ملندي عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت پنڪ بس سروس جو دائرو وڌايو آهي پنڪ بي آر ٽي بسون نمائش کان سرجاني ٽائون شروع ٿي ويون آهن ۽ جلد ئي ايڊي اورنج لائن بي آر ٽي ۽ گرين لائن ۾ به پنڪ بسون هلنديون وزيراعظم خيبرپختونخواهه ۽ پنجاب جي وڏن وزيرن کي به پنهنجن صوبن ۾ عورتن لاءِ اهڙيون
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنڪ بس جي نئين روٽ جو افتتاح ڪري رهيو آهي

مريم نواز پاران اطلاعات واري صوبائي وزير عظميٰ بخاري جي چاچي جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف اطلاعات واري صوبائي وزير عظميٰ بخاري جي چاچي سيد مجاهد حسين بخاري جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي اربع ڏينهن پنهنجي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

'مونڪان پهرين ماني جو ڪاڏي' ڏال مڙس ۾ جهيڙي بعد ٻنهي زهريلي دوا پي ڇڏي

چمبڙ لڳ ڳوٺ غفور آباد ۾ ساجن ڀيل ۽ گنگا ۾ ماني اڳ ۾ کائڻ تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي بعد ٻنهي ڪاروڄي زهريلي دوا پي ڇڏي، نازڪ حالت ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل

چمبڙ(ن ع) چمبڙ لڳ 6 واٽر اسٽاپ ويجهو ڳوٺ غفورآباد ۾ ڀيل برادري سان تعلق رکندڙ 27 ورهين جي ساجن ڀيل ۽ سندس ڏال 24 ورهين جي گنگا ڀيل وچ ۾ هڪ ٻئي کان سواءِ ماني کائڻ تان جهيڙو ٿي پيو جنهن تان ڏال ۽ مڙس زهريلي دوا پي ڇڏي، چمبڙ اسپتال ۾ طبعي امداد ڏيڻ بعد ٻنهي ڏال مڙس کي ڳڻتي جوڳي حالت سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير شاهينه شيرعلي ڪراچي هڪ عورت جي شڪي موت جو نوٽيس ورتو، پوليس کان تفصيل طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شاهينه شير علي، بدر ڪمرشل ڊفينس فيز فائيو ۾ هڪ عورت جي شڪي موت جو نوٽيس وٺندي پوليس کان واقعي بابت تفصيل
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ملي ويجهو مبينا پوليس فائرنگ سبب ڪار ڪلٽي ٿيڻ سبب هڪ ڄڻو فوت، جاچ شروع

بدين روڊ تي ڳوٺ ماليهوٽ راهمان وٽ مبينا پوليس ڪار تي فائرنگ ڪئي ته ڪلٽيون کائي روڊ تان هيٺ لهي وئي

حادثي ۾ بدين واسي رمضان ڪرسو فوت ٿي ويو ته پوليس واقعي واري هنڌان فرار ٿي وئي

واقعي بعد ايس ايڇ او ڊيپلو حسين بخش راڄڙ واقعي بعد دل جي تڪليف جو جواز ٻڌائي اين آءِ سي وي ڊي داخل ٿي ويو

ملي/بدين (نمائندن وٽان) ڊيپلو پرسان ڳوٺ ماليهوٽ راهمان وٽ ڊيپلو-بدين روڊ تي فائرنگ جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ بدين جو رهواسي رمضان ڪرسو مارجي ويو آهي رمضان
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

پوليس طرفان واقعي بابت سرڪاري موقف اچا تائين جاري نه ڪيو ويو

نوجوان جو لاش ڊيپلو کان ملي روانو ڪيو ويو، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو

ايس ايڇ او کي ڪاٻه تڪليف نه هجڻ ڪري اسپتال مان فارغ ڪيو ويو: ذريعا

ملي: پوليس طرفان واقعي بابت سرڪاري موقف اچا تائين جاري نه ڪيو ويو آهي جڏهن ته لاڳاپيل اختيارين کان اپيل ڪئي
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ايس ايس پي پاران واقعي جي جاچ لاءِ سي آءِ اي انچارج کي سرزمين تي موڪليو ويو

ملي: ڊيپلو واقعي بابت ايس ايس پي
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

پاءِ کي ايس ايڇ او ڊيپلو حسين بخش راڄڙ بيدردي سان قتل ڪيو آهي، جاچ ڪئي وڃي: پاءِ

بدين :فوتي جي پاءِ جاني ڪرسو بدين
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

واقعي جي شفاف جاچ ڪري ذميوارن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن: سجاڳ ذريعن

ملي: سماجي حلقن ۽ مقامي ماڻهن طرفان مطالبو ڪيو پيو وڃي ته رمضان ڪرسو جي موت بابت شفاف جاچ ڪئي وڃي.
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 ڪيترائي زخمي

زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق ان حملن ۾ فليٽن جي 2 بلاڪس کي نشانو بڻايو ويو آهي ۽ هي يوڪرين جنگ دوران هن وقت تائين ڪنهن هڪ روسي حملي ۾ سڀ کان وڌيڪ جاني نقصان آهي رپورٽ ۾ يوڪريني پوليس جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته روسي حملي ۾ 64 ڄڻا زخمي به ٿيا آهن جن ۾ 14 ٻار به شامل آهن پوليس مطابق روسي حملن ۾ وڌيڪ 2 علائقن ايوانو فرانڪيوسڪ ۽ لويف کي نشانو بڻايو ويو. آن لائن پوسٽ ڪيل تصوير ۾ روسي حملن ڪانپوءِ عمارتن ۽ ڪارن ۾ باهه لڳل ڏيکاري پئي وڃي يوڪرين جي توانائي واري وزارت چيو ته روسي حملن ڪانپوءِ ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي آهي. يوڪرين جي صدر ولاديمير زيلنسڪي چيو آهي ته روس 470 کان وڌيڪ ڊرون ۽ 47 ميزائل فائر ڪيا آهن جنهن سبب يوڪرين ۾ وڏي پيماني تي تباهي ٿي آهي هن چيو ته ترنوپل ۾ ملبي هيٺ دٻيل آهن رپورٽ مطابق اولهندي يوڪرين ۾ توانائي جي سهولتن، ٽرانسپورٽ ۽ سول انفراسٽرڪچر کي نقصان پهتو آهي ايوانو فرانڪيوسڪ ۽ لويف ۾ روسي حملن ۾ بجلي جي تنصيبن کي نشانو بڻايو ويو آهي اهي روسي حملا يوڪرين طرفان روس خلاف آمريڪي ساخت ڊگهي فاصلي تائين مار ڪندڙ ميزائل ڪان هدف کي نشانو بڻائڻ جي هڪ ڏينهن ڪانپوءِ ڪيا ويا آهن.

بقايا 2 اسماعيل راهو

تي سخت رد عمل ظاهر ڪندي چيو آهي ته صوبن کي رڪاوٽ قرار ڏيڻ حقيقتن جي خلاف آهي ۽ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش آهي هن واضح ڪيو ته ايم ڪيو ايم جو نئون صوبن جو مطالبو سنڌ جي اتحاد تي حملو آهي جيڪو ڪنهن به حالت ۾ قبول نه ڪيو ويندو محمد اسماعيل راهو چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جا بيان غير سنجيده، اشتعال انگيز ۽ صوبي جي عوام جي خواهشن جي خلاف آهن محمد اسماعيل راهو چيو ته 18هين ترميم وفاق کي مضبوط ڪرڻ ۽ صوبن کي بااختيار بڻائڻ جو هڪ تاريخي فيصلو آهي جڏهن ته 18هين ترميم عوام جي بنيادي حقن کي آئيني تحفظ فراهم ڪري ٿي ۽ ان کي واپس رول ڪرڻ جون ڳالهيون عوام دشمني کان سواءِ ڪجهه به نه آهن محمد اسماعيل راهو مصطفيٰ ڪمال جي تنقيد ڪندي چيو ته کيس ذميواراڻي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته 18هين ترميم نه صرف صوبن کي مضبوط ڪيو آهي پر وفاقي ڍانچي کي به مضبوط ڪيو آهي يونيورسٽيز جي وزير چيو ته ايم ڪيو ايم جي نفرت، ورهاست ۽ تڪرار جي سياست ان کي وڌيڪ محدود ڪندي ۽ عوام هاڻي اهڙي سياست کي رد ڪري چڪو آهي شهري هاڻي ٻولي ۽ ورهاڱي جي سياست کي نه پر ڪارڪردگي ۽ خدمت کي ترجيح ڏين ٿا. محمد اسماعيل راهو سوال اٿاريو ته مصطفيٰ ڪمال جيڪو هن وقت وفاقي وزير آهي ۽ سندس پارٽي مرڪزي حڪومت جو ميمبر آهي پهريان اهو ٻڌائي ته هو سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪهڙا نوان منصوبا کڻي آيو آهي هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت، جيڪا ڏهاڪن کان ڪراچي جي مسئلن بابت ڳالهائي رهي آهي اهي منصوبا ڇو مڪمل نه ڪري سگهي جيڪي ڏهاڪن کان التوا ۾ آهن

بقايا 3 معاهدو

تنوير احمد سي اي او مقبول احمد ۽ چيف ايگزيڪيوٽو سروسز محمد انيس سان گڏ تقريب ۾ شرڪت ڪئي ڊائريڪٽر جنرل صوبائي محتسب سنڌ نسيم الدين ميراڻي ۽ سي اي او هينڊز مقبول احمد تقريب ۾ معاهدي تي صحيحون ڪيون معاهدي تحت، عوام کي بهتر ۽ آزاد انصاف جي فراهمي لاءِ هڪ گڏيل ايڪشن پلان تيار ڪيو ويندو ان کان اڳ، محمد سهيل راجپوت هينڊز ويليفيئر فائونڊيشن جي وفد کي صوبائي محتسب سنڌ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ چيو ته صوبائي محتسب سنڌ جي بنيادي ذميواري سرڪاري کاتن سان لاڳاپيل عوامي شڪايتن کي حل ڪرڻ آهي جنهن لاءِ اهي اينڊ مهيني ان جي اثرائتي حل لاءِ شڪايت مئنيجمينٽ سسٽم شروع ڪري رهيا آهن هن چيو ته جديد شڪايت سسٽم مددگار ۽ عوامي شڪايتن جي فوري حل ۾ سنگ ميل ثابت ٿيندو ان موقعي تي چيئرمين شيخ تنوير احمد هينڊز ويليفيئر فائونڊيشن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن چيو ته صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت جي اڳواڻي ۾ عوامي شڪايتن جي ازالي ۾ قابل قدر خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ ٻئي ادارا سنڌ ۾ گڊ گورننس کي فروغ ڏيڻ لاءِ گڏيل قدم کڻندا تقريب ۾ سيڪريٽري منصور عباس رضوي، رجسٽرار مسعود عشرت، صلاحڪار ريحانه جي علي ميمڻ ڊائريڪٽر ڪوآرڊينيشن امداد حسين صديقي، ڪنسلٽنٽ آئي ٽي اڪمل نسيم ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 4 آمريڪي ڪانگريس

جون ڪثيرالملڪي امن مشقون شامل هيون رپورٽ موجب چئني ڏينهن جي جهڙپ دوران پاڪستان جي چيني هٿيارن سان ڪارڪردگي نمايان رهي اهو پڻ چيو ويو آهي ته پاڪستان جو چيني هٿيارن جي مدد سان ڀارت جي فرانسيسي رافيل جهازن کي نشانو بڻائڻ چيني هٿيارن جي وڪري لاءِ هڪ موثر دليل بڻجي ويو آمريڪي ڪانگريس جي رپورٽ موجب اهو بهترين موقعو هو ته چين جي جديد هٿيار ايڇ ڪيو 9 ميزائل ڊفينس سسٽم پي ايل 15 ايئر ٽو ايئر ميزائلز ۽ جي 10 ويڙهاڪ جهاز سڄي طرح جنگ ۾ استعمال ٿيا، جيڪو چين لاءِ عملي ميدان ۾ هڪ وڏو تجربو ثابت ٿيو چين جون 2025ع ۾ پاڪستان کي جي 35 ويڙهاڪ جهاز کي جي 500 ايئرڪرافٽ ۽ بيلسٽڪ ميزائل ڊفينس سسٽم وڪرو ڪرڻ جي منظوري ڏني رپورٽ موجب انهي مهيني ۾ پاڪستان 2025-26ع جي دفاعي بجيٽ ۾ 20 سيڪڙو اضافو ڪرڻ جو اعلان ڪيو جنهن سان مجموعي بجيٽ ۾ گهٽتائي باوجود دفاعي خرچ 9 ارب ڊالر تائين پهچي ويا.

بقايا 5 صدر زرداري

ڪنوينشن جي سالگرهه جي ياد پڻ ڏياري ٿو ڪالهه اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته پاڪستان ان ڳالهه تي يقين رکي ٿو ته هر ٻار کي بنا ڪنهن فرق جي بنيادي حق ۽ استحصال کان تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي هن چيو ته ٻارن جي حقن جو تحفظ رڳو قانوني ذميواري نه پر هڪ اهم اخلاقي فرض به آهي هن چيو ته هن سال عالمي موضوع "منهنجو ڏينهن منهنجا حق" ٻارن کي پنهنجي زندگين بابت فيصلن ۾ شريڪ ٿيڻ جي حوصلا افزائي ڪري ٿو صدر چيو ته هي موضوع گڏيل قومن جي ڪنوينشن تحت ٿيندڙ اڳڀرائي ۽ هڪ مضبوط سماجي تحفظ جي نظام جي ضرورت کي پڻ واضح ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان عالمي معاهدن جو تصديق ڪندڙ آهي جيڪي پاليسي سازي ۾ ٻارن جي آواز شامل ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪن ٿا ۽ رياست انهن اصولن جي تڪميل جي لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته پاڪستان جو آئين ٻارن جي حق جي تحفظ جي ضمانت ڏي ٿو ۽ اهو عزم ٻارن جي حقن بابت قومي ڪنوينشن ايڪٽ 2017ع، آءِ سي ٽي چائيلڊ پروٽيڪشن ايڪٽ 2018ع، جوينائل جسٽس سسٽم ايڪٽ 2018ع، ڊوميسٽڪ ورڪرز ايڪٽ 2022ع ۽ آءِ سي ٽي چائيلڊ ميريج ريسٽرينٽ ايڪٽ 2025ع جهڙن قانونن جي ذريعي وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي جنهن موجب 18 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي شادي سزا جوڳو ڏوهه آهي صدر چيو ته حڪومت ٻارن جي استحصال جي روڪٿام ۽ انهن جي ڀلائي جي لاءِ مختلف ادارا ۽ سروس ڊيليوري يونٽس قائم ڪيا آهن جن ۾ چائيلڊ پروٽيڪشن جا ادارا پڻ شامل آهن جڏهن ته هن زور ڏنو ته ٻارن جو تحفظ رياست، معاشري ۽ خاندان جي گڏيل ذميواري آهي هن سمورن حڪومتي ادارن، سول سوسائٽي، انساني حقن جي تنظيمن، ميڊيا، گڏيل قومن جي ادارن، ڪميونٽين والدين، استادن، مذهبي اڳواڻن ۽ ٻارن تي زور ڏنو ته اهي گڏجي ملڪ جي هر ٻار جي لاءِ محفوظ، صحتمند ۽ وڌندڙ ويجهڙندڙ ماحول جي جوڙجڪ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

بقايا 6 لاش مليو

شخص جو گولين لڳل لاش مليو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو جتي لاش جي سڃاڻپ سبحان بلوچ جي نالي ٿي آهي. مقتول گل محمد لائين جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي ٻئي پاسي سهراب ڳوٺ مدينا مسجد ايوب ڳوٺ مان 55 سالن جي حق نواز جو سڙيل حالت ۾ لاش مليو آهي.

بقايا 7 اتفاق

ملڪن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته توانائي ۽ معدنيات جي شعبن ۾ تعاون کي نئين بلندين تائين وٺي وڃبو اربع ڏينهن پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ۽ پاڪستان ۾ مقرر چين جي سفير جيانگ زيڊونگ وچ ۾ چيني سفارتخاني اسلام آباد ۾ ملاقات ٿي جنهن ۾ پاڪستان ۽ چين جي مضبوط ۽ پراڻي حصيداري لاڳاپن جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ملاقات ۾ توانائي ۽ معدنيات جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ ان سان گڏ ئي علائقائي استحڪام ۽ گڏيل اقتصادي ترقي جي ويزن تي به ڳالهه ٻولهه ٿي وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چين کي پاڪستان منرل انويسٽمينٽ فورم (پي ايم آءِ ايف) 2026ع ۾ شرڪت جي باضابطه دعوت ڏني هن چيو ته کاڻين جو شعبو موجوده حڪومت جي ترجيح آهي ۽ ان ۾ ٻطرفو تعاون وڌائڻ جا وسيع موقعا موجود آهن چيني سفير دعوت جي آجيان ڪندي پنهنجي ڀرپور حمايت جي خاطري ڪرائي هن چيو ته اسان پنهنجي لاڳاپيل ادارن جي سربراهن کي پاڪستان منرل انويسٽمينٽ فورم ۾ شرڪت جي ترغيب ڏينداسين هن ٻڌايو ته چين ۽ پاڪستان وچ ۾ معدنيات جي شعبي ۾ تعاون هڪ اهم ٿنڀ آهي ۽ چيني ڪمپنيون پاڪستان جي پيٽروليم ۽ معدنياتي شعبن ۾ فعال ڪردار ادا ڪري رهيون آهن ايم سي سي ۽ سي اين او سي ان شعبي ۾ نمايان طور تي ڪم ڪري رهيون آهن جڏهن ته سائينڊاڪ سميت ٻيا منصوبا چين جي سيڙپڪاري جا اهم مددگار آهن وفاقي وزير علي پرويز ملڪ مشڪل معاشي حالتن دوران چين جي مسلسل ۽ مخلصاڻي معاونت تي شڪر جو اظهار ڪيو هن چيو ته پاڪستان پنهنجي چيني ڀائرن سان هر سطح تي بيٺل آهي ۽ چين جي سلامتي ۽ علائقائي استحڪام جي مڪمل حمايت ڪري ٿو چيني سفير پاڪستان جي سڌارن واري ايجنڊا کي ساراهيندي ان کي پائيدار ترقي طرف اهم قدم قرار ڏنو هن چيو ته اسان پاڪستان جي ترقي لاءِ پرعزم آهيون ۽ گڏيل تعاون ذريعي پاڪستاني عوام جي معاشي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين ملاقات جي پڄاڻي ٻنهي ملڪن جي ان عزم جي ورجاءُ سان ٿي ته هر موسم جي آزمايل اسٽريٽجڪ حصيداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندي سيڙپڪاري ۽ گڏيل خوشحالي جا نوان رستا کوليا وڃن خاص ڪري توانائي ۽ معدنيات جي شعبن ۾ تعاون کي نئين بلندين تائين وٺي وڃبو.

بقايا 8 مانجهاندو

شهباز شريف ٽه ملڪي ڪرڪيٽ سيريز ۾ حصو وٺندڙ پاڪستان سريلنڪا ۽ زمبابوي جي ڪرڪيٽ ٽيمن جي اعزاز ۾ ڪالهه اربع ڏينهن وزيراعظم هائوس ۾ مانجهاندو ڏنو مانجهاندي ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، وفاقي گهرو وزير ۽ پي سي بي چيئرمين سيد محسن رضا نقوي، اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ريلوي وارو وفاقي وزير محمد حنيف عباسي، سريلنڪا جو هاءِ ڪمشنر ريٽائرڊ ايڊمرل فريڊ سينيويراٽني ۽ زمبابوي جو هاءِ ڪمشنر ٽائيٽس ابوسوتو پڻ موجود هئا. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته پاڪستان سريلنڪا ۽ زمبابوي جي ڪرڪيٽ ٽيمن پاڪستان ۾ ٿيندڙ ٽه ملڪي سيريز ۾ شرڪت ڪري جنهن جذبي ۽ لڳاءُ جو مظاهرو ڪيو اهو ساراهه جوڳو آهي سموري رانديگر پنهنجي پنهنجي ملڪ جي بهترين نمائندگي ڪري رهيا آهن ميچز ۾ رانديگر اسپورٽس مين اسپرٽ ۽ گڏيل احترام جو اهڙو مثال قائم ڪن جيڪو نوجوان نسل جي لاءِ مشعل راهه هجي وزيراعظم چيو ته ڪرڪيٽ بورڊ پي سي بي جي چيئرمين محسن نقوي جي سربراهي ۾ سيريز جي سمورين ميچز کي بهترين انتظامن موثر حڪمت عملي ۽ اعليٰ پيشيوراڻي مهارت سان ڪاميابي سان منعقد ڪري رهيو آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ عالمي ڪرڪيٽ جو مسلسل انعقاد ملڪ جي مثبت تشخص ۽ امن ۽ استحڪام جو ثبوت آهي، ملڪ ۾ جاري ٽه ملڪي سيريز سان ڪرڪيٽ جي شوقينن کي اعليٰ درجي جي راند ڏسڻ لاءِ ملندي، اميد آهي ته ٽنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪرڪيٽ ذريعي دوستي ۽ گڏيل تعاون وڌيڪ مضبوط ٿيندو ۽ پاڪستان اڳتي به سڄي دنيا جي ٽيمن جي اهڙي طرح ميزباني ڪندو رهندو.

بقايا 9 اسمگلنگ ناڪام

ڪسٽمز انفورسمينٽ پشاور جي اهلڪارن 5 ڪروڙ 10 لک روپيه ماليت جو سامان اسمگل ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ناڪام بنائي ڇڏي ايف بي آر طرفان هتي جاري بيان مطابق اربع ڏينهن ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ ٽرڪ کي ڪوئيڪ رسپانس فورس جي ٽيم ڊيره اسماعيل خان ۾ وزيرستان چوڪ ويجهو روڪيو ٽرڪ جي تلاشي جي نتيجي ۾ اسمگل ٿيل غير ملڪي سگريٽ، پوليسٽر ڪپڙن جا ٿان ۽ سوپاريون هٿ ڪيون ويون پاڪستان ڪسٽمز ايڪٽ 1969ع تحت گاڏي ۽ ان مان ملندڙ شيون ضبط ڪيون ويون ايف بي آر آپريشن ۾ شامل ڪسٽمز آفيسرن جي سخت نگراني ۽ ڪامياب ڪارروائي کي ساراهيو آهي ۽ اسمگلنگ جي سرگرمين کي روڪڻ ۽ قومي محصولن جي تحفظ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي.

بقايا 10 اتفاق

شريڪ ٿيا. روسي صدر ولادي مير پيوٽن اڳواڻن جي آجيان ڪئي انهي موقعي تي هن چيو ته خطي ۾ اقتصادي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ چاهيون ٿا انهي کان پهريان شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس کي خطاب ۾ نائب وزيراعظم چيو ته ايس سي او هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ ۽ انساني تعاون ۾ علائقائي سطح تي موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي بهتر صلاحيت رکي ٿي هن چيو ته پاڪستان ٽيڪنالاجي تي ٻڌل هڪ فعال ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ نظام تيار ڪيو آهي علائقائي آفتن کي منهن ڏيڻ جي تياري وڌيڪ بهتر بنائڻ جي لاءِ ايس سي او پارٽنرز سان مشقون منعقد ڪرڻ جا خواهشمند آهيون.

بقايا 11 آصفه ڀٽو

السعديات ابوظهبي ڊپارٽمينٽ آف ڪلچر اينڊ ٽورزم جي اعليٰ عملدارن سان ملاقات ڪئي ۽ مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. دوري دوران آصفه ڀٽو زرداري عالمي سطح جي نمائشگاهن ۽ گيلرين جو معائنو ڪيو ۽ فنڪارن، ڪيوريٽرز ۽ نمائش ۾ شرڪت ڪندڙن سان گفتگو ڪئي هن ڳالهه ٻولهه دوران چيو ته فنون لطيفه جو تبادلو معاشرن وچ ۾ هم آهنگي وڌائڻ ۽ ثقافتي لاڳاپا مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو خاتون اول وڌيڪ چيو ته ابوظهبي آرٽ سڄي سال جاري بصري فنون جي پروگرامن جو اهم موقعو آهي جيڪو جديد ۽ معاصر فنون کي اجاگر ڪري ٿو نمائش ۾ مقامي ۽ بين الاقوامي گيلرين حصو ورتو هو جتي مختلف آرٽسٽن جا فن پارا پيش ڪيا ويا هئا.

بقايا 12 ڪمشنر ڪراچي

ڪمشنر ڪورنگي مسعود ڀٽو ۽ ضلعي هيلٿ آفيسرن پاران بريفنگ ڏني وئي ڄاڻايو ويو ته شاهه لطيف ٽائون ۾ محراب خان جي اڏي تي قائم آئوٽ ريچ سينٽر ۽ شاهه فيصل ڪالوني ۾ شوڪت عامر ميموريل اسپتال جو جائزو ورتو ويو ڪمشنر هدايت ڪئي ته ڊپٽي ڪمشنرز مهم ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ عملدار قومي فرض سمجهي خدمات انجام ڏين جاڳرتا ۾ والدين سان رابطو ڪرڻ اسڪولن ۽ مدرسن ۾ ڪميونٽي جي مدد ۽ هر ممڪن سهولتن سان ويڪسينيشن کي وڌايو پيو وڃي بريفنگ مهم 29 نومبر تائين جاري رهندي، 6 مهينن کان 5 سالن تائين ٻارن کي حفاظتي ٽڪا لڳائڻ کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 13 سعيد غني

جمهوري عزم جو اعادو ڪيو ويندو گذريل ڏينهن پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس ۾ ڪيو ويو جيڪو صدر پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن سعيد غني جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ يوم تاسيس جي تيارين کي حتمي شڪل ڏني وئي اجلاس ۾ پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ سينيٽر سيد وقار مهدي، جنرل سيڪريٽري ڪراچي ڊويزن رؤف ناگوري، انفارميشن سيڪريٽري ڪراچي ڊاڪٽر شرميلا فاروقي، صدر ليڊيز ونگ ڪراچي ڊويزن ڊاڪٽر شاهده رحماني سميت ضلعن جا صدر جنرل سيڪريٽريز ۽ ذيلي تنظيمن جي عهديدارن پڻ موجود هئا. اجلاس جو ماحول اتحاد، وابستگي ۽ پارٽي جي جدوجهد سان گهري جذباتي نسبت جو عڪس پيش ڪري رهيو هو اجلاس ۾ پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪنن جي عظيم قربانين کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته انهن قربانين ملڪ ۾ جمهوري حقن جي بحالي، آئيني حقن جي تحفظ ۽ عوام جي وقار کي مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي شهيد محترمه بينظير ڀٽو تائين پيپلز پارٽي جي تاريخ ثابت قدمي، همت ۽ عوامي خدمت جي بي مثال جذبن سان ڀرپور آهي اجلاس ۾ اهو عزم پڻ ڪيو ويو ته پاڪستان پيپلز پارٽي صرف هڪ سياسي جماعت ناهي پر عوامي خدمت ۽ جمهوري جدوجهد جي هڪ تاريخي تحريڪ آهي، جيڪا انصاف، شموليت ۽ عوامي فلاح جي اصولن تي قائم آهي اجلاس ۾ گڏيل فيصلي طور تي اهو طئي ڪيو ويو ته هن سال يوم تاسيس کي شاندار ۽ جوش و خروش سان ملهايو ويندو ۽ ماضي جي شاندار جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪندي مستقبل لاءِ پارٽي جو عزم وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو اجلاس ۾ متفق طور تي اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته ڪراچي ۾ هڪ شاندار جلسو عام منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ عوام جي ڀرپور شموليت کي يقيني بڻايو ويندو ته جيئن پيپلز پارٽي جي نظرياتي جدوجهد ۽ تاريخي ڪردار کي شايان شان طريقي سان پيش ڪيو وڃي جلسو 30 نومبر تي ڪورنگي ساڍي ڪي نمبر تي عيدگاهه گرائونڊ ۾ منعقد ٿيندو جنهن ۾ پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ويڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندو هن موقعي تي فيصلو ڪيو ويو ته شهر ۾ يوم تاسيس کي انتهائي جوش و خروش سان ملهايو ويندو شهر جي مختلف هنڌن تي بينرز ۽ پينا فليڪس لڳايا ويندا، جڏهن ته ضلعي سطح تي سڀني ضلعن ۾ 29 نومبر تي ريليون پڻ ڪڍڻ جا انتظام ڪيا ويندا.

بقايا 14 وزيراعظم جي هدايت

پاران جاري ڪيل بيان موجب موسمياتي تبديلي جي نقصانڪار اثرن کي روڪڻ لاءِ حڪومت جي حڪمت عملي تي هڪ جائزو اجلاس اربع ڏينهن هتي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ منعقد ٿيو وزيراعظم اجلاس ۾ هدايت ڪئي ته ايندڙ سال سانوڻي جي نقصان کان بچڻ لاءِ هاڻي کان ئي تياريون ڪيون وڃن موسمياتي تبديلي واري وزارت، منصوبابندي واري وزارت ۽ اين ڊي ايم اي صوبائي حڪومتن سان گڏجي موسمياتي تبديلي جي حوالي سان هڪ جامع منصوبو تيار ڪن هن پاڻي جي بهتر انتظام بابت قومي سطح تي منصوبابندي لاءِ نيشنل واٽر ڪائونسل جو اجلاس منعقد ڪرڻ جي تياري ڪرڻ جي به هدايت ڪئي وزيراعظم حڪم ڏنو ته پيش ڪيل مختصر مدت جي منصوبي تي فوري طور تي عمل درآمد شروع ڪيو وڃي هن چيو ته پاڪستان هڪ اسرندڙ ملڪ آهي هر ٽئين سال جي ڊي پي جو هڪ اهم حصو موسمياتي تبديلي جي خراب اثرن تي خرچ ڪرڻو پوندو آهي ۽ قيمتي ۽ محدود وسيلن کي ترقي جي بدران موسمياتي تبديلي جي خراب اثرن کي روڪڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي وزيراعظم چيو ته پاڪستان جنهن جو موسمياتي تبديلي ۾ ڪردار نه هجڻ برابر آهي موسمياتي تبديلي جي خراب اثرن جي لپيٽ ۾ آهي اجلاس ۾ وفاقي وزير احسن اقبال، احد خان چيما، محمد اورنگزيب، ڊاڪٽر مصدق ملڪ، عطاءُ الله تارڙ ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس کي ايندڙ سال سانوڻي جي حوالي سان اثاڻ جي عالمي ڪاٿي تي بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ موسمياتي تبديلي واري وزارت پاران مختصر وچولي ۽ ڊگهي مدي جي منصوبن تي بريفنگ ڏني وئي وزيراعظم مختصر مدي جي منصوبي جي منظوري ڏيندي ان تي فوري طور تي عمل درآمد شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 15 ملاقات

سربراهه عادل بيگ ڪي ساماليف سان ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران اربع ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب نائب وزيراعظم کيس شنگهائي تعاون تنظيم جي قيادت سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني علائقائي تعاون جي اهميت کي اجاگر ڪندي، ٻنهي اڳواڻن ايس سي او جي قدمن ۽ ڪرغزستان جي گردشي صدارت سنڀالڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا 16 ملاقات

جڏهن ته ان موقعي تي سينيٽ جو اڳوڻو چيئرمين ۽ بلوچستان اسيمبلي جو ميمبر صادق سنجراڻي پڻ موجود هو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه اربع ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب ملاقات ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري وزارت سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان کانسواءِ ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 17 ايوارڊ کٽي ورتو

۾ سڀ کان وڌيڪ سماجي ذميواري خرچ ڪندڙ ڪمپني جو لقب حاصل ڪيو آهي اهو ايوارڊ پاڪستان سينٽر فار فلانٿراپي (پي سي پي) پاران اربع تي اسلام آباد ۾ منعقد هڪ تقريب ۾ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ سماجي ترقي ۽ برادري جي بهتري ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ڪمپنين کي تسليم ڪيو ويو تفصيل موجب مئنيجنگ ڊائريڪٽر/سي اي او او جي ڊي سي احمد حيات لڪ وفاقي وزير خزانه ۽ روينيو محمد اورنگزيب کان ايوارڊ وصول ڪيو هي ڪاميابي پاڪستان ۾ پائيدار ترقي تعليم صحت ۽ برادري جي ڀلائي لاءِ او جي ڊي سي جي ڊگهي مدي واري عزم جو ثبوت آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي، ايم ڊي/سي اي او احمد حيات لڪ چيو ته "او جي ڊي سي نه رڳو مارڪيٽ سرمائيداري جي لحاظ کان پاڪستان ۾ سڀ کان وڏي ڪمپني آهي پر سي ايس آر ۾ سڀ کان وڏو ڪارپوريٽ خرچ ڪندڙ پڻ آهي اسان جي سي ايس آر پاليسي يقيني بڻائي ٿي ته اسان ڪمپني جي آپريشنل علائقن ۾ پائيوارن ۽ مقامي برادرين سان ويجهي تعاون ۾ ڪم ڪريون اسان پي سي پي جي تصديق ٿيل اين جي اوز کي پڻ ترجيح ڏيون ٿا، جيڪو سالن کان پي سي پي سان مضبوط ۽ قابل اعتماد رشتي کي ظاهر ڪري ٿو او جي ڊي سي مستقبل ۾ به ساڳئي ڌيان ۽ عزم سان پنهنجون سماجي خدمتون جاري رکندي" او جي ڊي سي جي سماجي ذميواري پروگرامن ۾ انفراسٽرڪچر جي بهتري، تعليمي مدد، طبي سهولتن جي فراهمي، روزگار جا موقعا وڌائڻ ۽ قدرتي آفتن جي صورت ۾ فوري امدادي قدم شامل آهن اهي منصوبا هر سال هزارين ماڻهن کي سڌو سنئون فائدو ڏين ٿا ڪمپني مقامي برادرين جي ڊگهي مدت جي بهتري ۽ ملڪ جي سماجي-اقتصادي ترقي ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 18 اسپتال منتقل

جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته اهو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن ڌاڙيلن ان تي ڦر دوران فائرنگ ڪئي عوامي ڪالوني پوليس اسٽيشن جي حد ۾ هڪ ٻئي واقعي ۾، ڪورنگي بلال چورنگي ويجهو فائرنگ ۾ 25 سالن جو محمد خان زخمي ٿيو ان حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو ذاتي تڪرار دوران پيش آيو جنهن جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي جمشيد ڪوارٽر ۾ پٽيل پاڙي آصف گرائونڊ ويجهو فائرنگ ۾ 25 سالن جو حسيب الله زخمي ٿيو جڏهن ته سرجاني ٽائون علائقي ۾ فائرنگ ۾ 38 سالن جو سلمان زخمي ٿيو جنهن کي طبي علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال نيو ويو ان حوالي سان مقامي پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ جا ٻئي واقعا اڻڄاتل طرف کان ايندڙ گولين سبب پيش آيا آهن.

بقايا 19 ڪارڪن قتل

هٿيار بندن جي فائرنگ، ايم ڪيو ايم جي ٻن اڳوڻن ڪارڪنن کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو جن جا لاش سول اسپتال حيدرآباد آندا ويا جتي لاشن جي پوسٽ مارٽم ڪري لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي جنهن جي اطلاع تي پوليس پهچي ڦاٽيطو آندو مارجي ويل زبير قريشي ۽ آصف چينا سياسي جماعت ايم ڪيو ايم جا ڪارڪن هئا جڏهن ته زبير عرف زبي قريشي 14 سالن کان سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيد هيو جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ جيل مان آزاد ٿي ٻاهر آيو هيو مارجي ويلن جي وارثن الزام هنيو آهي ته سندن ماڻهن کي ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي ناصر قريشي مارايو آهي پوليس موجب واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي واقعو چولن جي چاٽ کائڻ دوران منهن ماري بعد فائرنگ سبب پيش آيو واقعي جو ڪيس وارثن جي اچڻ بعد داخل ڪيو ويندو.

بقايا 20 ڊائريڪٽر مقرر

سال گذاريا. هن وقت تائين هو ڪينيڊا جي وڏي برقي اداري بي سي هائيڊرو ۾ ڊائريڪٽر آف ايسٽ اسٽريٽجي اينڊ پلاننگ طور ڪم ڪري رهيو هو جتي هن گرڊ سسٽم جي مضبوطي ۽ بجلي جي ترسيل ۾ بهتري لاءِ اهم منصوبا سرانجام ڏنا. بين الاقوامي ڪيريئر دوران به هو پاڪستان جي توانائي واري شعبي ۾ پنهنجو حصو ڏيڻ جي عزم تي قائم رهيو. مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي تقرري هن اهم وقت عمل ۾ آئي آهي جڏهن اين جي سي حڪومت جي تنظيم نو پروگرام تحت اڳوڻي نيشنل ٽرانسميشن اينڊ ڊسپيچ ڪمپني (اين ٽي ڊي سي) مان نئين ڍانچي ڏانهن منتقلي جي مرحلي ۾ آهي. هن اصلاحاتي عمل تحت اين جي سي کي قومي ترسيلي خدمتن جي ڪمپني طور قائم ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٻه نوان ادارا به تشڪيل ڏنا ويا آهن: انڊيپينڊنٽ سسٽم اينڊ مارڪيٽ آپريٽر (آءِ ايس ايم او) ۽ انرجي انفراسٽرڪچر ڊولپمينٽ اينڊ مئنيجمينٽ ڪمپني (اي آءِ ڊي ايم سي). انهن سڌارن جو مقصد شفافيت، ڪارڪردگي ۽ پاور سيڪٽر جي مجموعي بهتري آهي. عهدو سنڀالڻ بعد الطاف حسين ڊپٽي مئنيجنگ ڊائريڪٽرز، جنرل مئنيجرز، سي- سوٽ آفيسرز، چيف انجنيئرز ۽ مئنيجرز سان آن لائن خطاب ڪيو جتي هن اين جي سي کي جديد ۽ ترقي پسند اداري ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجي وژن جو خاڪو پيش ڪيو. هن ٽيم ورڪ، نون ٽيڪنالاجيز جي اپنائڻ ۽ هر سطح تي واضح رابطا برقرار رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو. هن اداري ۾ صلاحيتن جي وڌايل ترقي لاءِ مينٽرنگ ۽ ڪوچنگ کي ضروري قرار ڏنو ۽ چيو ته اين جي سي کي جدت تي ٻڌل اداري طور اڳتي وڌايو ويندو جتي عالمي بهترين طريقا ۽ جديد ٽرانسميشن مئنيجمينٽ اپروچ اختيار ڪيا ويندا. هن اميد ظاهر ڪئي ته اين جي سي جون ٽيمون ملڪ جي بجلي جي ضرورتن ۽ اقتصادي ترقي جي حمايت لاءِ مقرر هدف بروقت حاصل ڪنديون. مئنيجنگ ڊائريڪٽر طور الطاف حسين اين جي سي جي ترسيلي نيٽ ورڪ ۽ آپريشنز جي بهتري لاءِ ڪمن جي نگراني ڪندو. هو سسٽم ۽ مارڪيٽ آپريشنز بابت آءِ ايس ايم او سان گڏجي ڪم ڪندو جڏهن ته ڊولپمينٽ منصوبن ۾ اي آءِ ڊي ايم سي سان پڻ ويجهو سهڪار ڪندو.

بقايا 21 ايران

پرڏيهي لاڳاپن بابت اسٽريٽجڪ ڪائونسل جي سربراهه ڪمال خرازي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو هن چيو ته آمريڪا کي پهريون قدم کڻڻو پوندو ته جيئن اهو ظاهر ٿئي ته هو اسان جي طئي ڪيل شرطن تي ڳالهين لاءِ تيار آهي اهي ڳالهيون برابري جي بنياد ۽ گڏيل احترام تي هجڻ گهرجن هن واضح ڪيو ته امڪاني ڳالهين ۾ ڌيان يورينيم جي رچاءُ جي عمل تي نه پر يورينيم جي مقدار تي هوندو هن چيو ته ايران ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جون ڪوششون نه ڪري رهيو آهي.

بقايا 22 نمائندو

حق حاصل ناهي پرڏيهي ميڊيا موجب گڏيل قومن ۾ چين جي مستقل نمائندي فوجونگ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ سلامتي ڪائونسل جي سڌارن جي باري ۾ خطاب ڪندي چيو ته سڀني کي خبر آهي ته دنيا ۾ صرف هڪ چين آهي، عوامي جمهوريه چين جي حڪومت مڪمل چين جي نمائندو واحد حڪومت آهي ۽ تائيوان چين جو اٽوٽ حصو آهي فوجونگ چيو ته جاپاني وزيراعظم سنائي تڪائيچي جا تائيوان بابت بيان انتهائي غلط ۽ خطرناڪ آهن جيڪي چين جي اندروني معاملن ۾ سخت مداخلت ۽ هڪ چين جي اصول ۽ چين جاپان چار سياسي دستاويزن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي هن جو چوڻ هو ته اهو عالمي عدل ۽ انصاف خلاف اشتعال انگيزي آهي، ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ عالمي نظام لاءِ نقصانڪار آهي عالمي لاڳاپن جي بنيادي اصولن جي پائمالي آهي ۽ جاپان جي امن جي رستي تي هلڻ جي بنيادي واعدن کان منهن موڙڻ آهي گڏيل قومن ۾ چين جي مستقل نمائندي چيو ته اهڙي ملڪ کي سلامتي ڪائونسل جو مستقل ميمبر بڻجڻ جو به حق ناهي.

بقايا 23 اسپتال داخل

ڊينگي جا نوان ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. انگن مطابق ڪراچي جي ليبارٽرين سان 325 مثبت ڪيس رپورٽ ٿيا، جڏهن ته حيدرآباد جي ليبارٽرين ۾ 316 پوزيٽيو ڪيس سامهون آيا. رپورٽ موجب سرڪاري اسپتالن ۾ ڊينگي جا 70 نوان مريض داخل ٿيا، جڏهن ته خانگي اسپتالن ۾ 80 نوان مريض رپورٽ ٿيا، جنهن بعد صوبي ۾ ڊينگي جي ڪل داخل ٿيل مريضن جو انگ 155 ٿي ويو آهي. وڌيڪ تفصيل موجب ڪراچي ڊويزن جي سرڪاري اسپتالن ۾ 27 نوان مريض داخل ڪيا ويا، جڏهن ته حيدرآباد جي سرڪاري اسپتالن ۾ 25 نوان مريض سامهون آيا. سرڪاري اسپتالن مان 82 مريض صحتياب ٿي پنهنجن گهرن ڏانهن واپس ويا، جڏهن ته خانگي اسپتالن ۾ 53 مريض صحتياب ٿيا. ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران صوبي جي سرڪاري ۽ خانگي ليبارٽرين ۾ 4620 ماڻهن جا ڊينگي ٽيسٽ ڪيا ويا، جن مان 641 ماڻهن جا ٽيسٽ مثبت آيا. رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران سنڌ ۾ ڊينگي سبب ڪنهن به فوتگي جي اطلاع موصول ناهي ٿي.

بقايا 24 خانگڙهه آمد

علي گوهر خان مهر پ پ ايم پي اي علي نواز عرف راجا خان مهر سان والده جي وفات تي ۽ صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر ۽ ضلعي چيئرمين بنگل خان مهر سان چاچي جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پ پ جا اتحادي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ايم پي اي نادر اڪمل لغاري، جام مهتاب ڏهر، ايم پي اي جميل احمد سومرو شاڪر خان بوزدان علي ڏنو خان مهر ۽ ٻيا موجود هئا. بلاول ڀٽو زرداري خاص هيليڪاپٽر وسيلي گوهر پئيلس خانگڙهه پهتو جتي هن مختصر وقت لاءِ مهر ڀائرن سان ملاقات ڪري کين همدردي پيش ڪئي. بلاول ڀٽو جي آمد جي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتهائي سخت انتظام ڪيا ويا هئا. گوهر پيلس جي اندر ۽ ٻاهر پوليس جي وڏي نفري تعينات هئي، جڏهن ته داخلا ۽ نڪرڻ وارا رستا به مڪمل ڪنٽرول هيٺ رکيا ويا. بلاول ڀٽو زرداري مختصر وقت تائين گوهر پيلس ۾ ترسيو جتي هن سياسي صورتحال، تنظيمي معاملن ۽ علائقي جي عوامي مسئلن بابت به مقامي اڳواڻن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. بلاول ڀٽو زرداري اڌ ڪلاڪ ترسڻ بعد هيليڪاپٽر ذريعي خانگڙهه کان سکر روانو ٿي ويو.

بقايا 25 نوجوان فوت

منتقل ڪهرام تفصيل موجب خيرپور لڳ قومي شاهراهه شاهه حسين باءِ پاس وٽ تيز رفتار ٽرڪ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ نوجوان اسلام جوڻيجو ولد محمد رشيد جوڻيجو فوت ٿي ويو آهي جڏهن پوليس نوجوان جو لاش سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي واقعي سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي.

بقايا 26 ڊرائيور فوت

مين روڊ تي رڪشا ڪلٽي نوجوان فوت خبر موجب ٽنڊوغلام علي ماتلي مين روڊ مير جي گيٽ وٽ تيز رفتار رڪشا ڊرائيور ڪتي کان بچائيندي ڪلٽي ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ڊرائيور نوجوان اشوڪ ٺاڪر سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي شهرين ڪلٽي اسپتال پهچايو جتي سندس حالت نازڪ هئڻ ڪري حيدرآباد ريفر ڪيو جتي هو زخمن جا تاب نه سهيندي حيدرآباد جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 27 مرتضيٰ وهاب

بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ٽريفڪ جام ۾ گهٽتائي ۽ ملڪ جي وڏي شهر ۾ شهري لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ لاءِ بلديه عظميٰ ڪراچي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي حدن ۾ ايندڙ 26 کان وڌيڪ اهم روڊن جي بحالي جو هڪ جامع منصوبو تيار ڪري چڪو آهي، 9 ارب روپين تي مشتمل هن تجويز کي خاص ڪراچي ڊولپمينٽ گرانٽ تحت صوبائي حڪومت وٽ منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ ميئر ڪراچي جي صدارت هيٺ بلديه عظميٰ ڪراچي جي هيڊ آفيس ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ لوڪل گورنمينٽ جو سيڪريٽري وسيم شمشاد، ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي، ميونسپل ڪمشنر سيد محمد افضل زيدي، اسپيشل سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ سيد اظهر شاهه، فنانشل ايڊوائيزر گلزار ابڙو سينيئر ڊائريڪٽر ڪوآرڊينيشن اخلاق يوسف زئي، ڊائريڪٽر ميڊيا دانيال سيال ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار شامل هئا. اجلاس ۾ مختلف ترقياتي منصوبن ۽ شهري بهتري جي پروگرام جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته شارٽ لسٽ ڪيل سڀني اسڪيمن کي حتمي شڪل ڏئي خاص ڪراچي ڊولپمينٽ گرانٽ لاءِ منظوري لاءِ موڪليو ويندو جيئن شهر ۾ ڪم جلد شروع ٿي سگهي هي منصوبو انهن اهم ۽ گهڻي استعمال ٿيندڙ شاهراهن تي ٻڌل آهي، جيڪي روزانو لکين شهرين جي آمد و رفت جو حصو آهن ۽ سالن کان ٽريفڪ دٻاءَ ۽ مناسب سار سنڀال نه ٿيڻ ڪري سخت خراب حالت جو شڪار رهيون آهن. بحالي لاءِ چونڊيل اهم روڊن ۾ شامل آهن ضلعو اوڀر (East): صهبا اختر روڊ، سردار عثمان علي صابري روڊ، نقاش ڪاظمي روڊ ۽ رهائشي ۽ واپاري علائقن کي ملائڻ واريون ٻيون سڙڪون اورنگي لنڪ روڊ، گلشن غازي، 19-D روڊ، فقير ڪالوني جون سڙڪون ۽ ٻيون اندروني لنڪ روڊن ضلعو مرڪزي (Central): هاشم رضا روڊ، شاهراهه عثمان، الامنه ايوبيه شاهراهه، عثمان کان شاهراهه نورجهان تائين ۽ ٻيون سڙڪون ضلعو ڏکڻ (South): گارڊن روڊ، مرزا آدم روڊ، سرور شهيد روڊ ۽ اهم ڳنڍيندڙ رستا ضلعو ڪورنگي: جناح اسڪوائر روڊ، لياقت مارڪيٽ روڊ، مختلف لنڪ شاهراهون، ڪڏو ڪار روڊ، مهران ڊپو کان لڳ سڙڪون ۽ مرڪزي ٽريفڪ نيٽ ورڪ جو حصو بڻجندڙ ٻيون شاهراهون انهن سڀني ضلعن ۾ روڊن جي بحالي تي لڳ ڀڳ 5.5 ارب رپيا خرچ ايندو، ترقياتي پيڪيج ۾ بلديه عظميٰ ڪراچي طرفان وڌيڪ تجويزون پڻ شامل آهن جن ۾ سيوريج نظام جي مرمت ۽ بهتري لاءِ 1 ارب رپيا، سڄي شهر ۾ اسٽريٽ لائيٽس جي بحالي ۽ اپ گريڊ لاءِ 2 ارب رپيا آهي سڀ قدم ڪراچي جي انفراسٽرڪچر کي جديد معيار مطابق بڻائڻ ۽ سالن کان حل طلب شهري مسئلن جو پائيدار حل مهيا ڪرڻ لاءِ بلديه عظميٰ ڪراچي جي وسيع ويزن جو حصو آهن. ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته هي ترقياتي پيڪيج شهرين جي سفر ۾ آساني، ٽريفڪ دٻاءَ ۾ گهٽتائي ۽ سڀني ٽائونن ۾ روڊن جي حفاظت ۽ رسائي کي بهتر بڻائيندو. هن وڌيڪ چيو ته 9 ارب رپين جي هي خاص گرانٽ ڪراچي جي ترقي لاءِ مضبوط عزم جي علامت آهي جنهن جو مقصد موثر، نمايان ۽ سڀني علائقن تائين برابر ترقي پهچائڻ آهي. هن چيو ته منظوري ملڻ شرط سڀني روڊن جي بحالي جا منصوبا ترجيحي بنيادن تي شروع ڪيا ويندا ۽ معيار ۽ بروقت مڪمل ٿيڻ لاءِ سخت نگراني ڪئي ويندي.

بقايا 28 معشوق جتوئي

اعزاز ۾ ڪراچي پريس ڪلب ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته ملڪ ۾ هڪ مضبوط قانوني نظام موجود آهي، پر ان تي وقت سر عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ته ان قانوني نظام کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ ترقي يافته ملڪن ۾ رائج قانون وانگر تبديل ڪرڻو پوندو ته جيئن ماڻهن کي جلدي ۽ در تي انصاف ملي سگهي. هن چيو ته حڪومت موجوده قانوني ترميم جي حوالي سان جيڪو بهتر سمجهي ٿي اهو ڪري ٿي، پر ماڻهن جي خدشن کي دور ڪرڻو پوندو جڏهن ته عوام کي ان حوالي سان احتجاج ڪرڻ جو حق آهي. ملڪ ۾ صحافي برادري جي شاندار ڪردار جي تعريف ڪندي، هن چيو ته ڪراچي پريس ڪلب جي سڀني ميمبرن کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ صحافين جي مسئلن جي حل لاءِ ٺوس قدم کڻڻ تي اتفاق ڪيو. هن چيو ته هن وقت صحافين کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ انهن جي اقتصادي مسئلن کي حل ۽ نوڪرين کي تحفظ ڏيڻ جي ضرورت آهي. اسان کي سڀني موجوده مسئلن کي گڏيل ڪوشش ذريعي حل ڪرڻو پوندو. هن ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن تي پڻ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا ۽ سوالن جا جواب ڏنا. ان موقعي تي هن ڪراچي پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي سان ملاقات ڪئي، جنهن موقعي تي پنهنجي ڊائو نظم پڙهي ۽ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن جو شڪريو مڃيو. جن ۾ معشوق علي جتوئي جتو ۽ شامل هو ان موقعي تي روزاني قاسمت ٽائمز جي ايڊيٽر ان چيف ۽ پيپلز پارٽي برطانيه جي نائب صدر بئريسٽر معشوق علي جتوئي کي سنڌ جو خاص تحفو اجرڪ ۽ گلدستو پيش ڪيو ويو جڏهن ته ليکڪ ستار وسطڙو کيس لونگي پارائي ۽ مشهور شاعر خالد معين کيس پنهنجو تازو شايع ٿيل ڪتاب " جنگ نامو پيش ڪيو ". تقريب ۾ ڪراچي پريس ڪلب جو اڳوڻو صدر امتياز فاران پروفيسر توصيف احمد، يونس مهر سعيد جان بلوچ، حميد ڀٽو شير محمد کهاوڙ، محمد علي ابڙو، نواب قريشي وارث رضا، قاضي آصف، ذوالفقار راڄپر، محمد علي عاجز جمالي، ذوالفقار ٿليوٽو مهيش ڪمار جاويد مهر حنيف عابد، نصرالله جمالي راهب گاهي شوڪت جاتوئي، ماريا اسماعيل ميمڻ، شوڪت ڪورائي، راجا جاني سومرو واحد علي عباسي وحيد سمون، قاضي اعجاز، فدا حسين جيسس نازش ايازي غلام مجتبيٰ گهانگرو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 29 حليم عادل

ڪئي جنهن ۾ سندن سان گڏ پي ٽي آءِ مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري انفارميشن اظهر لغاري، پي ٽي آءِ ڪراچي جي جنرل سيڪريٽري ارسلان خالد، سينيئر نائب صدر فهيم خان، آفتاب صديقي پي ٽي آءِ سنڌ جا اڳواڻ جمال صديقي، ايم پي اي ريحان بندوڪڙا، فرخ خان، فوزيه صديقي سريته خان فضه ذيشان محمد علي بلوچ، معظم خان امير حمزه، ذوالفقار ملاح سميت ٻيا پارٽي اڳواڻ پڻ موجود هئا. پريس ڪانفرنس ۾ خطاب ڪندي حليم عادل شيخ چيو ته گذريل رات ملڪ جي عظيم ليڊر عمران خان جي ڀينرن سان انتهائي ظلم ۽ بدسلوڪي ڪئي وئي، عمران خان جي ڀينرن پنهنجي ڀاءُ سان ملاقات لاءِ آيون هيون، پر انهن سان ٿيل بدسلوڪي جبر جو بدترين مثال آهي، نورين خان ۽ عليمه خان تي تشدد ڪيو ويو انهن کي اغوا ڪرڻ کان پوءِ ويراني ۾ ڇڏيو ويو هي عمل قانون، آئين ۽ انساني قدرن جي سنگين خلاف ورزي آهي. هن چيو ته عورتن تي تشدد ڪرڻ رياستي ڪمزوري ۽ بدترين ڪريل اخلاقي حرڪت آهي ڀاءُ ڀيڻ سان ملڻ لاءِ وڃڻ ۽ انهن سان بدسلوڪي ٿيڻ رياست جي ڪمزوري، خوف جو ثبوت آهي حليم عادل شيخ چيو ته سڄو ملڪ هن ظلم تي ڏک ۾ آهي اسان جي ملڪ ۾ نه قانون جي حڪمراني آهي ۽ نه آئين جي پاسداري ٿيندي آهي. عمران خان جي ڀينرن سڄي قوم جي ڀينرن جي حيثيت رکن ٿيون ۽ اسان هن ظلم ۽ جبر خلاف لائحه عمل تيار ڪري رهيا آهيون ته جيئن ان جو حساب ورتو وڃي هن زور ڏنو ته هي ظلم آهي ته هڪ پوليس اهلڪار وزيراعليٰ جي طاقت تي بيلو هڄي ۽ ماڻهن تي تشدد ڪري هن چيو ته جيڪي پوليس آفيسر هن ظلم ۾ ملوث هئا انهن کي فوري سزا ڏني وڃي، نه ته قوم پاڻ فيصلو ڪندي هن وڌيڪ چيو ته عمران خان عالم اسلام جو عظيم ليڊر آهي ۽ 837 ڏينهن کان جيل ۾ بيگناهه قيد آهن بشريٰ بي بي سميت پي ٽي آءِ قيادت جا ڪيترائي اڳواڻ ڪيترن ئي ڏينهن کان جيلن ۾ آهن ۽ ڪيترن ئي اڳواڻن کي ناجائز سزائون ڏنيون ويون آهن. حليم عادل شيخ چيو ته 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن آئين کي دفن ڪري ڇڏيو ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني ختم ٿي وئي آهي عدالت ملاقات جي اجازت ڏني ٿي، پر جيل جو هڪ حوالدار جج جي آرڊر کي نظرانداز ڪري رهيو آهي هن چيو ته هي ملڪ عمران خان جو آهي ۽ فيصلو ڪندڙن کي سمجهڻ گهرجي اسان سياسي ماڻهو آهيون ۽ پرامن احتجاج جو حق رکون ٿا اسان کي ديوار سان نه لڳايو وڃي ۽ هي ظلم ۽ بدسلوڪي وڌيڪ برداشت نه ڪئي ويندي حليم عادل شيخ اعلان ڪيو ته پي ٽي آءِ سنڌ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان ۾ شامل سمورين پارٽين سان گڏجي 21 نومبر جمعي تي ملڪ گير احتجاج ڪندي ان دوران پريس ڪلب تي ڪاري پٽيون ٻڌي احتجاج ريڪارڊ ڪيو ويندو اظهر لغاري، مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري انفارميشن چيو ته گذريل رات پوليس جا مرد ۽ عورت اهلڪار عورتن ۽ ٻارن تي ظلم ڪيو ڪالهه اسان جي مائرن ۽ ڀينرن کي اغوا ڪيو ويو ۽ انهن تي تشدد ڪيو ويو عمران خان اڄ به عوام جا منتخب وزيراعظم آهن ۽ اسان سڄي قوم سان گڏ هن ظلم خلاف آواز اٿارينداسين ارسلان خالد چيو ته پاڪستان جو خواب علامه اقبال ڏٺو ۽ قائداعظم ان کي حقيقت بڻايو بانيان پاڪستان هن ملڪ کي آزاد ڪرايو انهن ڪڏهن نه سوچيو هوندو ته اسان جي ملڪ ۾ اهڙيون حالتون ٿينديون ۽ اسان جي مائرن ڀينرن سان اهڙو ظلم ڪيو ويندو فهيم خان چيو ته ڪالهه رات جو واقعو ظلم ۽ بدسلوڪي جو بدترين مثال آهي قوم جي عظيم ليڊر عمران خان جي ڀينرن ۽ ڪارڪنن تي حملو ڏيکاري ٿو ته اهي ماڻهو ڪيترا ڪمزور آهن ظلم تي اچي ويا آهن 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن ترميم عوام جي مفاد خلاف آهي ۽ هي ظلم جي تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي هن چيو ته ملڪ تي چورن کي مسلط ڪيو ويو آهي ۽ سينڊيٽ چورن عوام لاءِ ڪا به ترميم نه آندي آهي سڀئي ترميمون ذاتي مفادن لاءِ آنديون وڃن ٿيون اسان عوام جي طاقت سان سڀني ترميمن جو خاتمو ڪرائينداسين. سريته خان، صدر وومين ونگ سنڌ چيو ته نورين آپا ۽ عليمه خان تي جيڪو ظلم ٿيو اهو لاقانونيت جي انتها آهي ۽ هر پي ٽي آءِ رڪن جو فرض آهي ته هن خلاف آواز بلند ڪري. فضه ذيشان صدر وومين ونگ ڪراچي چيو ته ڪالهه جو ڏينهن تاريخ ۾ ڪاري ڏينهن طور ياد رکيو ويندو عورتن سان بدسلوڪي جي ڪا معافي ناهي ۽ انساني حقن جي تنظيمون هن ظلم خلاف بيٺل هجڻ گهرجن بعد ۾ ڪراچي پريس ڪلب تي پي ٽي آءِ جي عورتن طرفان عمران خان جي ڀينرن تي ٿيندڙ بدسلوڪي خلاف احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو ويو پي ٽي آءِ جي عورتن پلي ڪارڊ کڻي ظلم جبر ۽ بدسلوڪي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ عمران خان جي فوري رهائي جو مطالبو ڪيو.

بقايا 30 وزيراعظم

کان وڏو سرمايو آهي برداشت ۽ ڀائيچارو پاڪستان قائم ٿيڻ جو بنياد آهي آزادي جي تحريڪ ۾ اقليتن سميت زندگي جي هر طبقي جا ماڻهو شامل هئا، الله تعاليٰ پاڪستان کي هڪ اهڙو عظيم ملڪ بڻايو جنهن ۾ سمورن مکتب فڪر ۽ سمورن مذهبن جا پوئلڳ امن ۽ سک جي زندگي گذارين هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪالهه اربع ڏينهن برداشت جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ وفاقي وزير، پارليامينٽ ميمبر ۽ ٻيون نالي وارين شخصيتون پڻ موجود هيون وزيراعظم چيو ته برداشت ۽ ڀائيچاري جي حوالي سان تقريب جو انعقاد خوش آئنده آهي. برداشت ۽ ڀائيچارو پاڪستان قائم ٿيڻ جو بنياد آهي قائداعظم جي عظيم قيادت ۾ لکين مسلمانن جي قربانين سان پاڪستان وجود ۾ آيو آزادي جي تحريڪ ۾ عوام، وڪيلن ڊاڪٽرن انجنيئرن عالمن ۽ اقليتن سميت زندگي جي هر طبقي جا ماڻهو شامل هئا، پاڪستان قائم ٿيڻ کان ٻه ڏينهن اڳ 11 آگسٽ تي قائداعظم جي تقرير ۾ اهو فلسفو بيان ڪيو ويو ته اسان اهڙو پاڪستان ٺاهينداسين جتي بردباري، تحمل ۽ برداشت کي فروغ حاصل ٿيندو، سمورن مذهبن جي پوئلڳن کي پنهنجي مذهبي عقيدن موجب عبادت جي مڪمل آزادي ٿيندي ۽ اسان پاڻ ۾ هم آهنگي ۽ برداشت کي فروغ ڏينداسين وزيراعظم چيو ته ان حوالي سان نبي ڪريم ﷺ جو اسوه حسنه اسان جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو سرمايو آهي، طائف ۾ مخالفن پٿر هڻيا پر جواب ۾ نبي ڪريم ﷺ جيڪو ارشاد فرمايو اهو قيامت تائين محفوظ رهندو اهو هڪ اهڙو پيغام آهي جنهن سان تحمل ۽ برداشت کي فروغ ملي ٿو نبي پاڪ ﷺ برداشت ۽ ڀائيچاري جو مڪمل پيڪر هو انهن جي تعليم امن ۽ ڀائيچاري تي ٻڌل آهي، صلح حديبيه به اهڙي طرح جو هڪ عظيم مثال آهي، جڏهن مڪو فتح ٿيو ته حضور اڪرم ﷺ جا بدترين مخالف به چئي رهيا هئا ته واقعي توهان الله جا سچا نبي آهيو اسان کان غلطي ٿي، تحمل برداشت، ڀائيچاري ۽ گڏيل لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ جو توهان جو پيغام ايترو مضبوط آهي جو اسان جي سوچ ۽ اسان جو سرداري نظام ان جي اڳيان ڪجهه به نه آهي وزيراعظم چيو ته اڄ ٻيهر وقت اچي ويو آهي ته اسان اسلامي تعليم کي فروغ ڏيون سمورن مذهبن ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي تعليم امن، ڀائيچاري ۽ گڏيل لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ جو درس ڏئي ٿي هن چيو ته تحمل ۽ برداشت جي قدرن کي جيڪڏهن اسان فروغ ڏيون ته پاڪستان جو معاشرو ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهندو الله تعاليٰ پاڪستان کي هڪ عظيم ملڪ بڻايو جنهن ۾ سمورن مڪتب فڪر ۽ سمورن مذهبن جا ماڻهو امن ۽ سک جي زندگي گذارين اڄ اچو اسان ان جو وچن ڪريون ته عملي ميدان ۾ عملي ثبوت ڏيون قانون، انصاف ۽ انساني حقن واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو ته سماجي ۽ معاشي سطح تي ڀائيچاري کي وڌائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي نبي پاڪ ﷺ جو اسوه حسنه اسان سڀني جي لاءِ مشعل راهه آهي برداشت ۽ ڀائيچاري جو ڪلچر اسان جو طره امتياز رهيو آهي. عدم برداشت کي شڪست ڏئي معاشري ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي اڳوڻي سينيٽر ڪامران مائيڪل چيو ته اسان پاڪستان کي سنوارينداسين نکارينداسين ۽ منفي سوچ جي نفي ڪرڻي آهي ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻ ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي اين سي ايس ڊبليو جي چيئرپرسن ام ليليٰ اظهر چيو ته هي ڏينهن اسان کي پرامن گڏيل بقاءِ جي تعليم ڏي ٿو ان موقعي تي يو اين ڊي پي پاڪستان جي ريزيڊنٽ نمائندي ڊاڪٽر سيموئل رزڪ جو وڊيو پيغام پڻ ٻڌايو ويو جڏهن ته ناليواري گلوڪار اريب اظهر صوفيانو ڪلام پيش ڪيو.

بقايا 31 بلوم برگ

ڪيو ويو آهي بلوم برگ پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي رجحانن تي پنهنجي تفصيلي رپورٽ شايع ڪئي آهي جنهن ۾ پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي بهترين ڪارڪردگي کي خاص طور تي اجاگر ڪيو ويو آهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 2025ع ۾ پاڪستان جي اسٽاڪ مارڪيٽ ايشيا جي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ مارڪيٽن ۾ شامل رهي ان مدي ۾ ريٽيل سيڙپڪارن جي ذڪر جوڳي واپسي ٿي جيڪا ايڪوٽي سيڙپڪاري تي نئين سر کان اعتماد جي عڪاسي آهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ريئل اسٽيٽ جي قيمتن ۾ بيهڪ سبب سيڙپڪارن ۽ پائيوارن کي پنهنجو سرمايو اسٽاڪ مارڪيٽ طرف منتقل ڪرڻ جي ترغيب ملي آهي گڏ ئي بئنڪ ڊپازٽ ريٽس اٽڪل اڌ رهجي وڃڻ سان شيئرز طرف عوامي رجحان وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي رپورٽ موجب اسٽيٽ بئنڪ طرفان وياج جي شرح ۾ تبديلي نه ٿيڻ جي اعلان ڪانپوءِ پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ مسلسل لاهن جي ٻن سيشنز ڪانپوءِ زبردست بحالي ڏسڻ ۾ آئي. اسٽيٽ بئنڪ جي ان فيصلي سيڙپڪارن کي وڏو رليف ڏنو ۽ مختلف شعبن ۾ نئين خريداري ڏسڻ ۾ آئي، جڏهن ته مارڪيٽ 150000 پوائنٽس جي حد ٻيهر حاصل ڪري ورتي.

بقايا 32 عوام کي مبارڪون

لاڳاپا گڏيل احترام، ثقافتي هم آهنگي ۽ دوستي جي بنياد تي قائم آهن ۽ هر گذرندڙ سال وڌيڪ مضبوط ٿي رهيا آهن ڪالهه اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري چيو ته اومان جو قومي ڏينهن سلطان جي دانشمندانه قيادت ۾ ٿيندڙ شاندار ترقي ۽ مسلسل اڳڀرائي جو جشن ملهائڻ جو بهترين موقعو آهي هن چيو ته پاڪستان سلطنت اومان سان پنهنجي لاڳاپن کي انتهائي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ ان کي وڌيڪ سگهو ڪرڻ جو خواهشمند آهي هن چيو ته اومان ۾ رهندڙ متحرڪ پاڪستاني ڪميونٽي سلطنت جي معيشت جو هڪ اهم حصو آهي ۽ انهن کي فراهم ڪئي ويندڙ سرڪاري سرپرستي ۽ تعاون ساراهه جوڳو آهي صدر ان سلسلي ۾ اوماني قيادت جي حمايت کي خصوصي طور تي ساراهيو هن ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته پاڪستان ۽ اومان جي وچ ۾ ڀائيچاري، حصيداري ۽ تعاون تي ٻڌل لاڳاپا مستقبل ۾ وڌيڪ مستحڪم ٿيندا جيڪي ٻنهي ملڪن جي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام ۾ مددگار ثابت ٿيندا. هن اومان جي سلطان جي صحت، خوشي ۽ سلطنت اومان جي عوام جي مسلسل ترقي ۽ ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا 33 فيصلو

ڪندي، ٻه رڪني بئنچ جي فيصلي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي گهٽ ۾ گهٽ 3 رڪني بئنچ ڪندي اجلاس ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو ته سپريم ڪورٽ جا وڪيل آئيني عدالت ۾ پيش ٿيڻ جا اهل هوندا ان ڏس ۾ آئيني عدالت جي فل ڪورٽ اجلاس جي فيصلن جي باري ۾ اٽارني جنرل ۽ چئني صوبن جي ايڊووڪيٽ جنرلز کي آگاهه ڪيو ويو.

بقايا 34 ملاقات

ٿيون ڪالهه آءِ ٽي ۽ ٽيليڪام واري وزارت مان جاري بيان موجب وفاقي وزير قومي ڊجيٽل انفراسٽرڪچر ڊيٽا سينٽرز ۽ نيٽ ورڪ منصوبن ۾ گڏيل سيڙپڪاري جي تجويز ڏني هن پاڪستان جي نيشنل فائبرائيزيشن پلان تي خطي جي سطح تي سهڪار وڌائڻ تي زور ڀريو ملاقات ۾ پاڪستان کي سي اي آر اي سي ڊجيٽل ڪوريڊور ذريعي علائقائي ڊجيٽل گيٽ وي بڻائڻ تي غور ڪيو ويو وفاقي وزير ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي ڊجيٽل سيڪٽر روڊ ميپ لاءِ نتيجو ڏيندڙ سيڙپڪاري ماڊل تي ڳالهه ڪئي شزه فاطمه مصنوعي ذهانت، ايڪزيونومي، فن ٽيڪ ۽ هيلٿ ٽيڪ جي پبلڪ سيڪٽر پائلٽس لاءِ فني معاونت تي ڳالهه ڪئي پاڪستان مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل انوويشن لاءِ هاءِ امپيڪٽ يوز ڪيسز تي ٻڌل فنڊنگ جي تجويز پيش ڪئي.

بقايا 35 اعلان

پنجاب ۾ غير قانوني طور تي ترسيل افغان ۽ پرڏيهي شهرين جي خلاف آپريشن جاري آهي، غيرقانوني ترسيل افغانين جي اطلاع ڏيندڙن کي روڪ انعام ڏنو ويندو هن چيو ته ڪن هفتن ۾ 6 هزار 220 افغانين کي واپس اماڻيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته اطلاع ڏيندڙ شهرين جو نالو راز ۾ رکيو ويندو ياد رهي ته 2002 کان 2005 جي دوران افغان پناهگيرن جي ٻهرين وڏي واپسي ٿي 2001 ۾ طالبان حڪومت جي خاتمي کان پوءِ گڏيل قومن جي پناهگيرن جي اداري افغان پناهگيرن جي واپسي جو هڪ رضاڪاراڻو پروگرام شروع ڪيو 2002 کان 2005 جي وچ ۾ تقريبن 30 لک افغان پناهگير پاڪستان مان واپس افغانستان اماڻيا ويا 2016 ۾ پاڪستان نيشنل ايڪشن پلان جي تحت افغان پناهگيرن جي وڏي پيماني تي واپسي جو اعلان ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ 3 لک 70 هزار افغان پناهگير واپس افغانستان ويا ۽ 8 لک کي افغان سٽيزن ڪارڊ جاري ڪيو ويو.

بقايا 36 ملاقات

آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه اربع ڏينهن جاري بيان موجب ملاقات ۾ مجموعي سياسي صورتحال ۽ سنڌ صوبي جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

بقايا 37 دورو ڪندو

معاملن ۽ سلامتي پاليسي بابت صدر ڪايا ڪالس جي دعوت تي 19 کان 21 نومبر تائين برسلز جو سرڪاري دورو ڪندو جتي هو پاڪستان — يورپي يونين اسٽريٽجڪ ڊائيلاگ جي ستين اجلاس جي گڏيل صدارت ڪندو پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران ڪالهه اربع ڏينهن جاري بيان موجب اسٽريٽجڪ ڊائيلاگ ڌرين جي وچ ۾ ادارجاتي تعامل جي اعليٰ ترين سطح آهي اهو پاڪستان ۽ يورپي يونين جي وچ ۾ پاڪستان — اي يو اسٽريٽجڪ انگيجمينٽ پلان 2019ع تحت سمورن شعبن ۾ تعاون جو جائزو وٺندو نائب وزيراعظم دوري دوران چوٿين يورپي يونين انڊو پيسفڪ وزارتي فورم ۾ پڻ شرڪت ڪندو فورم جي موقعي تي يورپي يونين جي سينيئر عهديدارن سان ڪيترين ئي ٻطرفين ملاقاتون پڻ ٿينديون نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار برسلز جو دورو پاڪستان ۽ يورپي يونين جي لاڳاپن ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي بيان موجب پاڪستان يورپي يونين سان هڪ جامع ۽ گڏيل فائديمند حصيداري کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 38 اضافو

انڊيڪس 1291.14 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 162226.67 پوائنٽس تي بند ٿيو ڪاروبار جي دوران 483 ڪمپنين جي 1029.78 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي، جنهن جي ماليت 45.17 ارب رپيا هئي 193 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 244 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 46 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 547.56 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 49228.54 پوائنٽس ۽ اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 1247.87 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 230765.90 پوائنٽس تي بند ٿيو فيوچر ٽريڊنگ تحت 12.35 ارب رپين جا سودا طئي ٿيا گذريل ڏينهن ورلڊ ڪال ٽيلي ڪام جي 160116443 شيئرز بئنڪ مڪراماه 111697141 شيئرز ۽ بي ڪو سٽيل لميٽيڊ جي 78672757 شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي بي ايف مضاربه فرسٽ ڪريٽ مينوفيڪچرنگ مضاربه ۽ ميڪ بيڪ فلمز سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون

بقايا 39 شهيد

آبادي واري حصي تي ڪيا ويا جنهن کان پوءِ ايمبولينس زخمين ۽ فوتين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪندي رهي ٻئي پاسي اسرائيلي فوج هڪ بيان ۾ دعويٰ ڪئي ته اها ڪارروائي حماس جي تربيتي ڪمپائونڊ ۾ سرگرم عسڪريت پسندن کي نشانو بنائڻ لاءِ ڪئي وئي بيان ۾ چيو ويو ته ان هنڌ اسرائيلي فوج تي حملن جي رٿابندي ڪئي پئي وئي.

بقايا 40 مظاهرو

پوليس طرفان رنگا رنگ آتشبازي جو مظاهرو ڪيو ويو. افتتاحي تقريب ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو چيئرمين سنڌ پوليس اسپورٽس سيد پير محمد شاهه سميت پوليس جا ٻين سينيئر آفيسرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب ۾ پوليس بئنڊز شاندار ۽ دلڪش پرفارمنس پيش ڪئي جڏهن ته شرڪت ڪندڙن طرفان منظم ۽ پرامن انداز ۾ تيار ڪيل اسپورٽس ايونٽ کي ساراهيو ويو. سنڌ پوليس گيمز جو آغاز محفوظ، پرامن ۽ راندين جي فروغ لاءِ سازگار ماحول ۾ ڪيو ويو آهي. چيئرمين سنڌ پوليس اسپورٽس بورڊ/ڊي آءِ جي ٽريفڪ سيد پير محمد شاهه خطاب ڪندي ٻڌايو ته سنڌ پوليس گيمز ۾ مجموعي طور 12 دستا شامل آهن جيڪي 18 مختلف راندين جي مقابلي ۾ حصو وٺي رهيا آهن. انهن مقابلن لاءِ 13 اسپورٽس جايون مقرر ڪيون ويون آهن جڏهن ته گيمز ۾ 1547 رانديگرن سان گڏ 180 کان وڌيڪ پوليس اهلڪار به شرڪت ڪري رهيا آهن. هن ٻڌايو ته بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن لاءِ 900 ميڊلز ۽ 78 ٽرافين جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ پوليس گيمز ۾ ايٿليٽڪس، ڪرڪيٽ، فٽبال، والي بال، بيڊمنٽن، ٽائيڪوانڊو، جوڊو جهڙين سميت ڪيترن ئي راندين جا مقابلا رکيا ويا آهن جن جو مقصد پوليس اهلڪارن ۾ صحتمند سرگرمين، ٽيم ورڪ، ڊسپلن ۽ باهمي تعاون کي هٿي ڏيڻ آهي. سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو ته سنڌ پوليس گيمز جو انعقاد پوليس فورس جي ذهني ۽ جسماني مضبوط قوت جي علامت آهي. هن چيو ته رانديون نه صرف صحتمند معاشري جي تعمير ۾ مددگار هونديون آهن پر فورس ۾ برداشت، اتحاد ۽ ٽيم ورڪ جي واڌاري جو به موثر ذريعو آهن. هن گيمز جي ڪامياب انتظام تي لاڳاپيل آفيسرن کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته سنڌ پوليس گيمز هر سال وڌيڪ بهتر نموني منعقد ٿيندا. هن شاندار آغاز نه صرف فورس جي حوصلن کي وڌائي ٿو پر صوبي ۾ راندين جي فروغ ۽ مثبت سرگرمين جي بحالي لاءِ هڪ اهم قدم به آهي. سنڌ پوليس گيمز جي افتتاحي تقريب سان خطاب ڪندي ضياءُ الحسن لنجار چيو ته ماضي ۾ به عوام پوليس جو ڪردار ڏٺو آهي ۽ اڄ به ڏسي رهيا آهن پر هاڻي پوليس اڳ کان وڌيڪ عوام کي سهولتون فراهم ڪري رهي آهي. هن چيو ته سنڌ پوليس گيمز جهڙا ايونٽ پوليس جي اهڙي مثبت ۽ فعال چهري جي عڪاسي ڪن ٿا. گهرو وزير آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ۽ چيئرمين سنڌ پوليس اسپورٽس سيد پير محمد شاهه کي ڪامياب ايونٽ جي انتظام تي مبارڪباد ڏني ۽ ان کي قابل تعريف قرار ڏنو. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت چاهي ٿي ته راندين جا ميدان ٻيهر آباد ٿين ڇو ته صحتمند سرگرميون نوجوانن ۾ مثبت سوچ پيدا ڪن ٿيون ۽ سماجي هم آهنگي کي به فروغ ڏين ٿيون. هن ٻڌايو ته هاڻي ڪراچي جون حالتون اڳ کان بهتر آهن ۽ هتي وڏين راندين جا ايونٽ باقاعدي منعقد ٿي رهيا آهن. جيڪي شهر جي امن ۽ استحڪام جو ثبوت آهن. گهرو وزير چيو ته عوام کي به گهرجي ته پوليس جي حوصلا افزائي ڪن، ڇو ته پوليس امن جي قيام لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ٿي ۽ ڏکين حالتن ۾ به پنهنجا فرض نڀائي ٿي. هن سنڌ پوليس گيمز جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي تجويز ڏيندي چيو ته ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ به هڪ الڳ اسپورٽس ڪوٽا رکڻ گهرجي، جيئن اهي به راندين ۽ صحتمند سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن. گهرو وزير موجب راندين جو فروغ معاشري ۾ برداشت، ٽيم ورڪ ۽ مثبت روين کي مضبوط ڪري ٿو. هن اميد ظاهر ڪئي ته سنڌ پوليس گيمز نه صرف فورس ۾ فٽنيس ۽ اسپورٽس ڪلچر کي هٿي ڏيندا، پر ايندڙ سالن ۾ انهن جو دائرو وڌيڪ وڌندو. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ افتتاحي تقريب سان خطاب ڪندي چيو ته سنڌ پوليس طرفان هن قسم جا ايونٽس هڪ صحتمند، منظم ۽ ڊسپلن واري فورس جي علامت آهن. هن ٻڌايو ته هن پنهنجي ٽيم کي هدايت ڪئي هئي ته اهڙا ايونٽ هر سال منعقد ڪيا وڃن ۽ اڄ جيڪو شاندار ماحول ۽ جذبو ڏسڻ ۾ آيو آهي، اهو پوري طرح چيئرمين سنڌ پوليس اسپورٽس سيد پير محمد شاهه جي محنت جو نتيجو آهي. هن ٻڌايو ته 14 سال پوءِ هي ايونٽ ٻيهر منعقد ٿيو آهي. آخري ڀيري سنڌ پوليس گيمز 2011 ۾ ٿيا هئا. هن چيو ته دنيا ۾ جون فورسز پنهنجي اهلڪارن کي هر سال ٽائيم آف ڏين ٿيون ۽ جيڪي ٿڪجي وڃن انهن ۾ اڪثر ذهني صحت جا مسئلا پيدا ٿين ٿا. هن چيو ته پنجاب ۽ سنڌ ۾ مختلف قسم جي ڪرائم چيلنجز جي باوجود سنڌ پوليس مثالي ڪارڪردگي ڏيکاري آهي. آءِ جي سنڌ ٻڌايو ته گذريل ٽن سالن دوران ڪراچي ۽ سڄي سنڌ ۾ آپريشن ڪليئر اپ جاري رهيو سڀني اسان گڏجي ڪم ڪيو ۽ نمايان نتيجا حاصل ڪيا. پوليس پنهنجي جان جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ جارحاڻي پوليسنگ ڪندي نالي ماتر نوگو ايرياز جو مڪمل خاتمو ڪيو. هن ٻڌايو ته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ 30 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي جڏهن ته ڦرلٽ ۾ تشدد جي شرح 60 سيڪڙو گهٽجي آهي ۽ ڀتي خاطر اغوا نهايت گهٽ رهجي ويو آهي. هن مطابق اهي سڀ ڪاميابيون پوليس فورس جي ڏينهن رات محنت جو نتيجو آهن

بقايا 41 شرجيل ميمڻ

بسون شروع ڪرڻ گهرجن گرين لائين بي آر ٽي روٽ تي عورتن لاءِ مخصوص پنڪ بس سروس جي شروعات جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته خاص صلاحيتن وارن ٻارن لاءِ خاص سائيڪلون تيار ڪيون پيون وڃن جيڪي مفت ڏنيون وينديون هن چيو ته سائيڪلون رهائش جو عمل روزاني بنيادن تي گڏجاڻين ذريعي مڪمل ڪيو ويندو هن چيو ته معاشري جي هر طبقي کي سهولتون فراهم ڪرڻ هڪ گڏيل ذميواري آهي ۽ ٽرانسپورٽ کاتو انهيءَ مقصد سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڊبل ڊيڪر بسون ايندڙ هفتي صوبي ۾ اچي رهيون آهن ۽ شروعاتي طور تي شاهراهه فيصل تي هلايون وينديون جيڪڏهن ضرورت پئي ته انهن جي روٽس ۾ اضافو ڪيو ويندو ڪوريڊور ۽ بي آر ٽي ۾ پائلٽ پروجيڪٽ طور نيون بسون شروع ڪيون ويون وڃن، جن کي شهرين کان هاڪاري ردعمل مليو آهي هن چيو ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ سان بقايا مسئلا حل ڪيا ويا آهن ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ منصوبن تي هڪ کليل بريفنگ سڀني سياسي پارٽين ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي موجودگي ۾ ڏني ويندي، سنڌ حڪومت هارين کي مفت ٻج فراهم ڪري رهي آهي ۽ سبسڊي سان ڪڻڪ جي پوک ۾ اضافو ٿيندو هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت، 21 لک ٻوڏ متاثرين جي گهرن جا مالڪاڻا حق عورتن کي ڏنا ويا آهن عورتن جي معاشي خودمختياري لاءِ صدر آصف علي زرداري بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پڻ شروع ڪيو هو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ماضي ۾ خاندان کي سياست ۾ نه گهليو ويندو هو ۽ ڪنهن جي ماڻهن تي سياسي تنقيد مناسب نه هئي فريال ٽالپر کي ڪوڙن ڪيسن ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ عيد جي چنڊ رات اسپتال کان جيل منتقل ڪيو ويو سڀني پارٽين جون عورتون عزت جي لائق آهن هن چيو ته 27 هين آئيني ترميم ذريعي برابري ۽ يڪجهتي کي مضبوط ڪيو ويو آهي هن ترميم تي تنقيد مناسب ناهي ڇو ته وڏين بار ايسوسيئيشن ان جي حمايت ڪئي آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته وزيراعظم شهباز شريف بسون فراهم ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو تنهن ڪري هاڻي ان کي پورو ڪري سنڌ حڪومت هر طبقي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي ۽ ٽرانسپورٽ جي سيڪٽر ۾ بهتري جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا 42 افسوس جو اظهار

جاري پيغام ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ، صوبائي وزير ۽ سوگوار خاندان سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم لاءِ مغفرت ۽ پوئينرن لاءِ صبر جي دعا ڪئي.

بقايا 43 تفصيل طلب

طلب ڪيا شروعاتي معلومات ۽ جاچ موجب، عورت گذريل مهيني شادي ڪئي هئي جڏهن ته عورت ڪراچي گهمڻ لاءِ بدر ڪمرشل فيز ڇهين ۾ پنهنجي مڙس جي سائٽ جي گهر رهي هئي پوليس موجب، عورت جو مڙس تربيت لاءِ ڪوئٽي ۾ آهي جڏهن ته عورت جو ڀيءُ پوليس ڪانسٽيبل آهي جيڪو ڪراچي ايئرپورٽ پوليس اسٽيشن ۾ مقرر آهي پوليس چيو ته عورت جي مڙس جي سائٽ فون تي واقعي بابت ڀيءُ کي آگاهي ڏني هئي سنڌ جي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شاهينه شير علي چيو ته پوليس ۽ اسپتال جي شروعاتي رپورٽ موجب، واقعو مشڪوڪ ۽ قتل جوڳو لڳي ٿو پوليس کي واقعي جي هر پهلوءَ جي شفاف جاچ ڪرڻ گهرجي ۽ افسوسناڪ واقعي جي ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 44 بي چلي

ويو چميڙ موجب زال مڙس روز مائي گل ڪاٺيندا آهن اڄ ساجن پيل پنهنجي زال کان اڳ مائي ڪاڏي ته جنهن تان زال مڙس ۾ ڏنڊ چڪ ٿيڻ تي ٻنهي زال مڙس ڪارڙي جي زهريلي دوا پي ڇڏي آهي چميڙ ٻنهي زال ۽ مڙس کي ڳنڀير حالت ۾ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

بقايا 45 فوت

ڪوسو ڪجهه ڏينهن اڳ ميينا منشيات جي ڪيس ۾ گرفتار ٿيو هو ۽ ضمانت تي آزاد ٿيو هو ذريعن موجب فائرنگ دوران کيس گوليون لڳيون جڏهن ته ڪجهه شاهدن جو چوڻ آهي ته هو واقعي کان پوءِ ڪجهه وقت تائين زخمي حالت ۾ زنده پڻ هو واقعي جي جاچ جاري آهي واقعي بابت مختلف حلقن پاران الزام هنيو پيو وڃي ته ميينا پوليس مقابلي ۾ رمضان ڪوسو کي نشانو بڻايو ويو ايس ايڇ او ڊيپلو حسين بخش راڄڙ واقعي بعد دل جي تڪليف جو جواز ٻڌائي اين آءِ سي وي ڊي اسپتال ملي منتقل ٿيو آهي.

بقايا 46 ڪيو ويو

پئي وڃي ته واقعي کي شفافيت سان جاچيو وڃي ته جيئن حقيقي صورتحال سامهون اچي سگهي جڏهن ته ذريعن جو چوڻ آهي ته ايس ايڇ او ڊيپلو حسين بخش راڄڙ کي دل جي ڪا به تڪليف نه هجڻ سبب ملي دل جي وارڊ مان فارغ ڪيو ويو آهي پر پوليس هن واقعي بابت ڪوبه موقف ڏيڻ کان پرهيز ڪري رهي آهي هوڏانهن نوجوان رمضان ڪوسو جو لاش ڊيپلو کان ملي روانو ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 47 سجاڳ ڏيون

ذميوارن خلاف قانوني قدم کنيا وڃن ۽ فوري طور ايف آءِ آر داخل ڪري معاملي جي آزادانه جاچ يقيني بڻائي وڃي ساڳئي وقت پوليس اهلڪار شوڪت راهموڻ سميت عملدارن جي ڪردار بابت به جاچ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي.

بقايا 48 ڀاءُ

پريس ڪلب جي صحافين کي ٻڌايو ته سندس نوجوان ڀاءُ کي ايس ايڇ او ڊيپلو حسين بخش راڄڙ اهلڪارن شوڪت راهموڻ بيدردي سان قتل ڪيو آهي هن ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو ته ايس ايڇ او ڊيپلو حسين بخش راڄڙ ۽ اهلڪارن تي قتل جو ڪيس داخل ڪري کين انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 49 موڪليو ويو

ٿرپارڪر جو مختصر موقف سامهون آيو آهي ته هن واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ۽ سي آءِ اي ٿرپارڪر جي انچارج کي جاچ ڪرڻ لاءِ سرزمين تي موڪليو ويو آهي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سلامتي ڪونسل پاران غزه امن منصوبي جي منظوري!
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
'شيرِ ميسور' کان شاعرِ انقلاب تائين!'
صفحو 4

ٽرمپ ۽ سعودي ولي عهد جي ملاقات!
منصور علي
صفحو 4

محمد مهدي
صفحو 4
ترميم، وزيراعظم ۽ جماعت اسلامي!

جيڪب آباد پوليس جو آپريشن،ڊرون فائر،ڌوهارين ٺڪاڻن کي باهيون،هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

ايس ايس پي ڪليم ملڪ جي اڳواڻي ۾ مختلف ٿاڻن جي پوليس مولاداد،آباد ۽ نوازو جاگير جي ڳوٺن ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن شروع ڪري ڏنو

پوليس بڪتربند گاڏين،ڊرون ڪيمرائن ۽ اي پي سي چينن ذريعي آپريشن ڪندي ڊرون فائر ڪيا ۽ ٺڪاڻن ڊاهي پٽ ڪرڻ بعد باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو

پوليس مقابلي بعد هڪ جوابدار ميرجان پٽ درويش گلواڻي جڪراڻي کي به زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي

ڌوهارين جي گهرن سميت ٺڪاڻن کي ڊاهي پٽ ڪري باهيون ڏئي ساڙيو ويو آهي، امن امان جي بحالي تائين ڪنهن به حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهيون:ايس ايس پي

جيڪب آباد (ڊ ر)جيڪب آباد ۾ امن امان جي مڪمل بحالي لاءِ ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ جي اڳواڻي ۾ مولاداد، نوازو جاگير سميت مختلف علائقن ۾ پوليس جو آپريشن ڊرون فائر ڌوهارين جي ٺڪاڻن کي باهيون آپريشن دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ خبر موجب: جيڪب آباد ۾ بدامني تي ڪنٽرول ۽ امن امان جي مڪمل بحالي لاءِ ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ جي اڳواڻي ۾ مولاداد، آباد سميت مختلف ٿاڻن جي پوليس مولاداد، آباد ۽ نوازو جاگير جي مختلف ڳوٺن ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن شروع ڪري ڏنو آهي ايس ايس پي جي اڳواڻي ۾ وڏي تعداد ۾ پوليس نفري بڪتر بند گاڏين ڊرون ڪيمرائن ۽ اي پي سي چينن ذريعي ڌوهارين جي گرفتارين لاءِ آپريشن ڪندي ڊرون فائر ڪيا ۽ ڌوهارين جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن ڊاهي پٽ ڪرڻ بعد باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيون جڏهن ته آپريشن دوران پوليس مولاداد ٿاڻي جي حد نوازو جاگير واري علائقي ۾ مبينه پوليس مقابلي بعد هڪ جوابدار ميرجان پٽ درويش گلواڻي جڪراڻي کي به زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ شڪ جي بنياد تي پڻ ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن جي جاچ ڪرڻ لاءِ کين مختلف ٿاڻن تي منتقل ڪيو ويو آهي پوليس پاران زخمي ٿيل گرفتار جوابدار کي جيڪب آباد جي سول اسپتال پهچايو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي جوابدار کي طبي امداد ڏني وئي. ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او مولاداد اوشاق شر صحافين کي ٻڌايو ته جوابدار ميرجان گلواڻي جڪراڻي پنهنجي 4 ساٿين سان گڏ نوازو جاگير واري علائقي ۾ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل هو آپريشن دوران هنن اسان مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن دوران هو مقابلي ۾ زخمي ٿي ڪري پيو ۽ سندس ساٿي موقعي تان فرار ٿي ويا جنهن بعد اسين زخمي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. هوڏانهن ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ رابطو ڪرڻ تي صحافين کي ٻڌايو ته جيڪب آباد ۾ امن امان جي مڪمل بحالي لاءِ مولاداد، آباد سميت نوازو جاگير جي مختلف علائقن ۾ ڌوهارين خلاف آپريشن جاري آهي، هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ شڪ جي بنياد تي ڪيترن ئي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جن جي جاچ جاري آهي، هن چيو ته ڌوهارين جي گهرن سميت ٺڪاڻن کي ڊاهي پٽ ڪري باهيون ڏئي ساڙيو ويو آهي امن امان جي مڪمل بحالي تائين پوليس ڪنهن به حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي ٻئي پاسي مبينه پوليس مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل نوجوان ميرجان جڪراڻي جي چاچي محمد سليمان گلواڻي جڪراڻي پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته منهنجو ڀائيٽو ميرجان انٽر ڪلاس جو شاگرد آهي جيڪو بلوچستان جي خضدار ۾ آرمي ۾ ڀرتي لاءِ ويل هو جيئن هو جيڪب آباد پهتو آهي ته پوليس کيس گرفتار ڪري ڪوڙو پوليس مقابلو ڄاڻائي زخمي ڪيو آهي جيڪا زيادتي آهي. هن چيو ته پوليس جيڪڏهن اهڙو سلسلو برقرار رکيو ته پوءِ شريف ماڻهون به ڌوهاري بڻجڻ تي مجبور ٿي ويندا. هن ايس ايس پي جيڪب آباد کي اپيل ڪندي چيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي. هوڏانهن حد جي مولاداد ٿاڻي تي گرفتار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل جوابدار مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

جيڪب آباد: پوليس آپريشن جو ڏيک ۽ ٻئي طرف ڌوهارين جي ٺڪاڻن کي باهه ڏنل آهي

سکر ريلوي ڪوارٽر پرسان پوليس ۽ ڦورن ۾ مقابلو،هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار

ٻه هٿيارٻند ڦورو واردات جي ارادي سان روڊ پاسي بيٺل هئا ته اوچتو پوليس پهچي وئي جنهن کي ڏسندي ئي جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني،پوليس

جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ٿي پيو،سندس ساٿي فرار ٿي ويو،زخمي ڦوري جي سڃاڻپ عضيفه عرف ڊون ميمڻ طور ٿي آهي

گرفتار جوابدار وٽان ٽي ٽي پسٽل، ميگزين، گوليون ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي، جيڪا وارداتن ۾ استعمال ٿيندي هئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ريلوي ڪوارٽر پرسان پوليس ۽ ڦورن ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو جڏهن ته سندس هڪ ساٿي اونداهي جو فائدو وٺندي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس زخمي ڦوري وٽان هٿيار ۽ موٽر سائيڪل به برآمد ڪئي،سکر پوليس ترجمان موجب ٻه هٿيارٻند ڦورو واردات جي ارادي سان روڊ پاسي بيٺل هئا ته اوچتو پوليس پهچي وئي جنهن کي ڏسندي ئي جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس پاران به جوابي فائرنگ ڪئي نتيجي ۾ هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ٿي پيو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو،گرفتار زخمي ڦوري جي سڃاڻپ عضيفه عرف ڊون ميمڻ طور ٿي آهي جيڪو چوري، ڦر ۽ مختلف سنگين وارداتن ۾ پوليس کي گهربل هو پوليس موجب گرفتار جوابدار وٽان ٽي ٽي پسٽل، ميگزين، گوليون ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي جيڪا وارداتن ۾ استعمال ٿيندي هئي پوليس جو چوڻ آهي ته زخمي ڦوري کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته فرار ٿيل ساٿي جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي جوابدار جو فوجداري ريڪارڊ مختلف ٿاڻن کان حاصل ڪيو پيو وڃي.ايس ايس پي سکر اظهر خان پوليس ٽيم جي بروقت ڪارروائي تي ساراهه ڪئي ۽ بهترين ڪارڪردگي تي پوليس اهلڪارن لاءِ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو

سکر: زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

ٺٽون آباد ۾ شاخن ۽ واٽر ڪورسن جو پاڻي سرعام وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف

پيسا دير سان ملڻ سبب ٽيليفون آپريٽر چاپ ڏياري پاڻي بند ڪرائي ڇڏيو

آبادگار ڪاهيل فصل کي پاڻي ڏئي نه سگهيا نه رهيل فصل پوکي سگهيا

ٺٽون آباد(ن ع)انجنيئر جمالو ڊويزن ۽ ايس ڊي او ايريگيشن جهول سب ڊويزن ، سموري سب ڊويزن جون 20 کان مٿي شاخون سب انجنيئر ۽ داروغن حوالي ڪرڻ بجاءِ هڪ ٽيليفون آپريٽر حوالي ڪري ڇڏيون آهن جيڪو سمورن آبادگارن کي سرڪاري ماپ تي پاڻي ڏيڻ بجاءِ ڏوڪڙن عيوض مخصوص آبادگارن کي ماپ کان وڌيڪ اضافي پاڻي ڏوڪڙن تي وڪرو ڪري رهيو آهي، اهڙو انڪشاف سدائين سڪل رهندڙ ٽيل شاخ قل وهڻ سان ٿيو آهي شاخ بابت معلومات حاصل ڪرڻ سان معلوم ٿيو ڪجهه وڏن ۽ با اثر زميندارن کان هر مهيني 2 لک روپيا رشوت وٺي ٽيليفون آپريٽر شاخ کي سندس ماپ کان وڌيڪ اضافي پاڻي ڏئي قل وهائي رهيو هڪ مهينو شاخ وهڻ ۽ پيسا پورا ٿيڻ بعد ٻيهر پيسا ٽائيم تي ملڻ نه ملڻ ڪري هن ڪاوڙ شاخ کي چاپ ڏياري ڏڪو هڻي ڇڏيو جنهن سان آبادگار ڪاهيل فصل کي پاڻي ڏئي نه سگهيا نه رهيل فصل پوکي سگهيا ، اهڙي تصديق مختلف متاثر زميندارن آبادگارن نالا ظاهر نه ڪرڻ تي ڪئي. جڏهن ته سڀني کان وڏي مک شاخ شاهو واهه جي وڏن زميندارن کي ماپ کان وڌيڪ پاڻي ڏئي واٽر وهائي ڏيڻ جا ٽيليفون آپريٽر 5 کان 7 لک روپيا وصول ڪري رهيو آهي ، جڏهن ته ننڍين ننڍين شاخن پڙو ، ٿهيس بحر ، جهول ، ليباري مائينرن جي واٽر ڪورسن جي في واٽر ڪورس 2 کان 3 لک وصول ڪري رهيو آهي جيڪو آبادگار کيس رشوت جا پيسا نه ٿو ڏي انهن جي واٽر ڪورسن کي غير قانوني ڌڪا هڻي سرڪاري ماپ کان گهٽ پاڻي ڏئي رهيو آهي جنهن سان آبادگار فصل پوکي نه سگهيا آهن اهڙو احتجاج طور آبادگار محمد عرس عبدالغفور ، غني سعار سائين بخش رحم حسين منظور علي ۽ ٻين دانهون ڪري اظهار ڪندي ڪيو ته کين پاڻي ڏيڻ لاءِ رشوت گهري وئي نه ڏيڻ جي صورت ۾ سندن واٽر ڪورسن کي ڌڪا هڻي سرڪاري ماپ کان گهٽ پاڻي ڏنو ٿو وڃي جنهن سان هو فصل پوکي نه سگهيا آهن متاثر آبادگارن موجب اهڙي دانهن هو ايس ڊي او ايريگيشن جهول جي آفيس جهول ڪئي ويا آهن ۾ صاحب ملي ڪونه ٿو

پنوعاقل ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڪارروائي،10 کان وڌيڪ هوٽلن تي ڇاپا،ڏنڊ مقرر

هوٽلن تي پيل کير ۾ ڊٽرجنٽ ۽ سوڊيم ڪلورائڊ جهڙيون آلودگيون پڻ مليا

خوراڪ جي معيار صفائي ۽ صحت جي اصولن تي عمل يقيني بڻايو وڃي:اسسٽنٽ ڪمشنر

پنوعاقل(ن ع)اسسٽنٽ ڪمشنر عروة الوثقيٰ جي اڳواڻي ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڪارروائي 10 کان وڌيڪ هوٽلن تي ڇاپا ۽ ڏنڊ مقرر پنوعاقل ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر عروة الوثقيٰ ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم شهر ۽ قومي شاهراهه تي واقع مختلف هوٽلن تي کاڌ خوراڪ جي معيار بابت معائنو ڪيو جنهن دوران شديد نوعيت جون خلاف ورزيون سامهون آيون هوٽلن ۾ استعمال ٿيندڙ تيل خطرناڪ حد تائين گندو هو جڏهن ته کير ۾ ڊٽرجنٽ ۽ سوڊيم ڪلورائڊ جهڙيون آلودگيون پڻ مليا، کاڌي جي اسٽوريج لاءِ غير فوڊ گريڊ برتن استعمال ڪيا پيا ويا ۽ فرج ۾ ڪچو گوشت کير سان گڏ رکيل هو جيڪو سخت خطرناڪ ۽ قانون جي ابتڙ آهي سپريم ڪورٽ جي پابندي باوجود ڪيترن ئي هنڌن تي اجينو موتو استعمال ٿي رهيو هو جڏهن ته صفائي ستٿرائي جون حالتون به انتهائي خراب هيون انتظاميه خلاف ورزين تي ڏنڊ مقرر ڪيو ۽ سمورين هوٽلن کي سخت هدايتون جاري ڪيون ويون ته فوري طور خوراڪ جي معيار صفائي ۽ صحت جي اصولن تي مڪمل عمل يقيني بڻايو وڃي اسسٽنٽ ڪمشنر عروة الوثقيٰ واضح ڪيو ته عوام جي صحت سان ڪنهن به سطح تي سودو نه ڪيو ويندو ۽ جيڪي به صاف شفاف معيارن تي پورو نه لهندا، انهن خلاف وڌيڪ سخت قانوني قدم کنيا ويندا

پيپلز پرائمري اسڪول سکر ۾ ٻه روزه تقرير، بحث ۽ ڊرائنگ مقابلو

تعلقي سکر، روهڙي، پنو عاقل، صالح پٽ ۽ نيو سکر جي شاگردن حصو ورتو

بحث مباحثن ۽ تقريرن دوران شاگردن ڪرپشن جهڙين سماجي برائين خلاف آواز بلند ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ)پيپلز پرائمري اسڪول سکر ۾ 18 ۽ 19 نومبر 2025 تي ٻن ڏينهن جو تقرير بحث ۽ ڊرائنگ مقابلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ايف سي ايف (ايس اي ايف) جي انتظام هيٺ تعلقي سکر روهڙي پنو عاقل صالح پٽ ۽ نيو سکر جي اسڪولن جي سوين شاگردن جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو تقريب جو بنيادي مقصد شاگردن کي فنون لطيفه جي سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ انهن جي تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ اعتماد ۽ اظهار وڌائڻ ۽ ڪرپشن خلاف شعور اجاگر ڪرڻ هو هن سال مقابلي جو مکيه موضوع "بدعنواني کي نه چئو" هو جنهن تحت شاگردن ڊرائنگ ۽ تقريري مقابلن ۾ شاندار طريقي سان پنهنجي ذهانت، تخليقيت ۽ سماجي شعور جو مظاهرو ڪيو بحث مباحثن ۽ تقريرن دوران شاگردن ڪرپشن جهڙين سماجي برائين خلاف آواز بلند ڪيو ۽ ايمانداري، شفافيت ۽ ذميوار رويي جي فروغ تي زور ڏنو ساڳئي طرح ڊرائنگ مقابلي ۾ ٻارن مختلف زاوين کان ڪرپشن جي منفي اثرن کي اجاگر ڪندي متاثر ڪندڙ آرٽ ورڪ پيش ڪيا، جن کي استادن ۽ مهمانن تمام گهڻو ساراهيو تقريب ۾ معزز مهمانن ۾ سکر جي ريجنل هيڊ ايس اي ايف مقبول احمد لغاري، ضلعي آفيسر اياز حسين انصاري، پروفيسر غلام حسين منگهڻر ۽ پروفيسر عطاءُ الله سميجو شامل هئا معزز مهمانن شاگردن جي ڪوششن جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته ايس اي ايف پاران تعليمي ۽ غير نصابي سرگرمين جي فروغ شاگردن جي شخصيت جي ترقي ۽ ذهني ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. شرڪت ڪندڙن چيو ته اهڙا مقابلا نه رڳو ٻارن جي خود اعتمادي کي وڌائين ٿا پر انهن کي انهن جي سماجي ذميوارين کان به آگاهه ڪن ٿا. هن ايس اي ايف ٽيم جي ڪوشش کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ مستقبل ۾ اهڙين سرگرمين کي جاري رکڻ تي زور ڏنو تقريب جي آخر ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون پيش ڪيون ويون جڏهن ته سڀني شرڪت ڪندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي وئي ۽ مستقبل جي ڪاميابين لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو.

هالا ۾ سنڌ حڪومت ۽ ميمبر بورڊ آف روينيو طرفان کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي

هالا (ن ع)مٽياري اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ۾ سنڌحڪومت ۽ ميمبربورڊ آف روينيو طرفان ۽ زرعي زمين ريڪارڊ ڊيجيٽل ڪمپيوٽرائز ڪرائڻ سميت آبادگارن شڪايتن کي ٻڌڻ لاءِ ڇهين ڏينهن لاءِ کلي ڪچهري رکي وئي جنهن ۾ آبادگارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي کلي ڪچهري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرمٽياري عبدالستارشيخ مختيارڪارسجادلغاري آفيس عملي کي پڻ چتاءُ ڏيندي چيو ته آبادگارن جي مسئلن کي اهميت ڏني وڃي ۽ انهن کي پريشان تنگ ڪرڻ بجاءِ يڪدم انهن جومسئلو حل ڪيووڃي انهن وڌيڪ چيو ته آبادگارن جي مسئلن لاءِ حڪومت سنڌ ۽ روينيوبورڊ طرفان آبادگارن لاءِ هي ساراهه جوڳو قدم آهي هن کلي ڪچهري ۾ آبادگارن جي زمينن فوتي کاتن سميت جيڪي به مسئلا شڪايتون آهن اهي ٻڌي ترت حل ڪري رهيا آهيون ته جيئن آبادگارن رليف ملي سگهي ۽ هن وقت ديهه مٽياري ديهه ٻليجاڻي جي آبادگارن لاءِ کلي ڪچهري رکي وئي آهي ۽ آهستي آهستي هي کلي ڪچهري ٻين تعلقن ۾ به رکي ويندي ۽ اتان جي آبادگارن جون شڪايتون مسئلا حل ڪنداسين اگر ڪنهن به آبادگار زميندار ڪوبه مسئلو شڪايت آهي ته اسان حل ڪري انهن کي پريشاني بچايو ويندو

ملي لڳ ڦانگاريو اسٽاپ وٽ تيز رفتار اي سي بس جي ٽڪر ۾ 3 پورهيت رتورت

ملي (ڊ ر)ڪالهه ملي لڳ ڦانگاريو اسٽاپ وٽ تيز رفتار اي سي بس جي ٽڪر ۾ ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار 3 ڄڻن کير وڪرو ڪندڙ پورهيتن کي ٽڪر هڻي رتورت ڪري ڇڏيو هو جن ۾ هڪ پورهيت نويد نهڙيو بروقت فوت ٿي ويو هو ۽ ٻن زخمي نوجوانن کي ملي کان حيدرآباد ريفر ڪيو ويو هو جتي ڪالهه هڪ ٻيو زخمي نوجوان ڪريم ولد جام نهڙيو زخمن جا ٽاب نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن جو لاش به ساڳئي ڳوٺ پنج پڙا پهتو ته گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو

مٽياري ۾ هيومنٽيرين پارٽنرز،اين جي اوز ۽ يو اين ايجنسين جو جنرل ڪوآرڊينيشن اجلاس

مٽياري (ڊ ر)ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ جي هدايت تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو اقراءِ جتت جي صدارت هيٺ لطيف هال ڊپٽي ڪمشنر آفيس مٽياري ۾ هيومنٽيرين پارٽنرز اين جي اوز آءِ اين جي اوز ۽ يو اين ايجنسين سان گڏ جنرل ڪوآرڊينيشن اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ صحت، سماجي ڀلائي بيلن ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا ضلعي آفيسر انساني ڀلائي سان لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ضلعي

خانپورمهر ويجهو ڳوٺ شير مهر واسي ممتاز مهر کان ڦر، احتجاجي مظاهرو

هٿيارٻندن اسان جي نوجوان کي تشدد ڪري موٽرسائيڪل ڦر ڪئي آهي، ممتاز مهر

خانپورمهر ۾ بدامني عروج تي پهتل آهي،ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي وڃي

خانپورمهر (ن ع)اسپورٽس ڪامپليڪس وٽ هٿيارٻندن ممتاز مهر کي يرغمال بڻائي کيس روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل ڦر ڪئي، واردات خلاف ڳوٺ شير مهر واسين خانپورمهر گهوٽڪي روڊ تي ڌرڻو ڏئي واهي اسٽاپ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو. ڳوٺاڻن ممتاز مهر علي محمد مهر شهباز واحد بخش مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ روڊ بلاڪ ڪري سخت نعريبازي ڪئي. مظاهرين موجب خانپورمهر ۾ بدامني عروج تي پهتل آهي، هٿيارٻندن نوجوان کي تشدد ڪري موٽرسائيڪل ڦر ڪئي آهي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي وڃي

خانپورمهر: ڳوٺاڻا ڦر ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي

پرياسٽي جوڳي محلا ۾ پنجاهه کان مٿي گهر خالي ڪرائڻ لاءِ هٿيار بند جي چڙهائي

جڳهه جوڳي برادري کي رهڻ لاءِ ڏني، هاڻ قبضو ڪرڻ چاهين ٿا:مراد شاهه

اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهه زبردستي لڏائڻ چاهي ٿو: منظور جوڳي

پرياسٽي(ن ع)پرياسٽي ۾ گذريل ڏينهن جوڳي محلا ۾ پنجاهه کان مٿي گهر خالي ڪرائڻ لاءِ هٿيار بند چڙهائي ڪئي ته ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي. جوڳي برادري جي سوين مرد عورتن قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي جوڳي محلا سامهون توڙي مين چوڪ تي روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا آهن جڏهن ته مچريل ماڻهن ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاج مظاهرو ڪندي روڊ بلاڪ ڪيو جوڳي برادري سان يڪجهتي طور ڌرڻي ۾ اڳوڻو ٽائون چيئرمين پرياسٽي سيد امير علي شاهه پهچي شرڪت ڪئي. ان سلسلي ۾ منظور جوڳي مٺل جوڳي ۽ محراب جوڳي ۽ ٻين ٻڌايو ته اسان سن سالن کان مٿي جا رهاڪو آهيون پنجاهه کان مٿي گهر آهن هر دفعي سان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي سيد حسن علي شاهه ۽ سندس والد سيد مراد علي شاهه کي ووٽ ڪندا آهيون پر هاڻ اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهه زبردستي لڏائڻ چاهي ٿو هنن چيو ته غريب مسڪين آهيون قسم پرسي واري زندگي گذارڻ سان گڏ در در پني پيٽ گذر ڪندا آهيون . هاڻ اسان پنهنجا ڪکائون گهر ڇڏي ڪاڏي وڃون. هنن چيو ته اسان غريب مسڪين آهيون پر ڪنهن به صورت ۾ گهر خالي نه ڪنداسين.جڏهن ته جهيڙي سبب غني جوڳي وقاص جوڳيجو سخت زخمي ٿي پيا جن کي پرياسٽي اسپتال داخل ڪيو ويو

پرياسٽي: جوڳي برادريءَ جا ماڻهو بالٽر خلاف احتجاج ڪندي

ڊپٽي ڪمشنر سجاول جي صدارت هيٺ ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي بابت اجلاس

انجنيئرن پاران هلندڙ منصوبن ۽ انهن جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

هير سوهو شهيد بينظير ڀٽو فيملي پارڪ جي تعمير ۾ سست رفتاري تي ڪاوڙ ظاهر

سجاول (ڊ ر)سنڌ حڪومت جي ترجمان ايم پي اي هير سوهو ۽ ڊپٽي ڪمشنر سجاول جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ جاري مختلف ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ضلعي ڪائونسل سجاول جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگ ڊويزن سجاول جي انجنيئرن سميت لاڳاپيل ٺيڪيدارن شرڪت ڪئي اجلاس دوران انجنيئرن پاران هلندڙ منصوبن ۽ انهن جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ايم پي اي هير سوهو تعلقي ميرپور بٺورو ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو فيملي پارڪ جي تعمير ۾ غيرمعمولي سست رفتاري تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هن ذميوار انجنيئرن ۽ ٺيڪيدار کي سختي سان هدايت ڪئي ته پارڪ جو ڪم فوري طور ٻيهر شروع ڪري تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام لاءِ تفريحي سهولتن جي فراهمي ۾ ڪا به رڪاوٽ نه رهي هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته پارڪ جو ڪم مڪمل ٿيڻ تائين ٺيڪيدار کي ڪنهن به قسم جي ادائگي نه ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن هدايت تي عمل نه ٿيو ته ٺيڪيدار خلاف وضاحت طلب نوٽيس جاري ڪري کيس بليڪ لسٽ ڪيو وڃي اجلاس ۾ ڳالهائيندي ايم پي اي هير سوهو چيو ته ضلعي جي عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي سنڌ حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا جي بهرين ترجيح آهي هنن واضح ڪيو ته ترقياتي منصوبا عوامي مفاد سان جڙيل آهن تنهن ڪري ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي هير سوهو وڌيڪ ٻڌايو ته سجاول بنون لاڳو پور ۽ دڙو شهرن لاءِ پيور بلاڪ اسڪيمون پڻ منظور ڪرايون ويون آهن جن تي جلد ڪم شروع ڪيو ويندو جنهن سان شهرن کي صاف ستٿرو ماحول ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ٿي سگهنديون ان کان اڳ لاڳاپيل انجنيئرن بريفنگ دوران آگاهي ڏني ته دلشاد ٽائون واٽر سپلائي اسڪيم ميرپور بٺورو ۽ سيٽائي شريف ڊرينج اسڪيم 7 ڊسمبر 2025ع تائين مڪمل ڪئي ويندي ان سان گڏوگڏ ڳوٺ غلام رسول ڙنئو لاشاري ڳوٺ سميت ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پلين جي تعمير جو ڪم پڻ جلد مڪمل ڪيو ويندو ان موقعي تي ايم پي اي ۽ ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته هر منصوبي جي وقت سر مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ عوامي مفاد کي اوليت ڏني وڃي

ڊي سي سجاول ۽ ايم پي اي جي صدارت هيٺ ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

ٻارن جي عالمي ڏهاڙي تي ضلعي انتظاميه سکر پاران آگاهي واڪ

شاگردن،استادن،سول سوسائٽي نمائندن ۽ ريسڪيو آفيسرن شرڪت ڪئي

ٻارن کي باعزت،محفوظ ۽ تعليم يافته مستقبل فراهم ڪرڻ گڏيل ذميواري آهي: بشريٰ منصور

سکر(بيورو رپورٽ)ٻارن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ضلعي انتظاميه سکر ۽ سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي جي نگراني هيٺ ٻارن جي حقن بابت هڪ آگاهي واڪ منعقد ڪئي وئي. واڪ ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن، استادن، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ ريسڪيو ادارن جي آفيسرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. واڪ جي قيادت ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سکر بشريٰ منصور ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي زبير مهر ڪئي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر پاڪستان سويٽ هوم شبير ميمڻ سماجي اڳواڻ عذره جمال، انور مهر ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر غلام مرتضيٰ شاهه تعلقه ايجوڪيشن آفيسر جاويد حميد قريشي ۽ ريسڪيو 1122 جا آفيسر پڻ موجود هئا. واڪ ۾ شرڪت ڪندڙن ٻارن جي حقن جي تحفظ، لازمي تعليم، چائلڊ ليبر جي خاتمي، تشدد کان محفوظ ماحول ۽ روشن مستقبل بابت پلي ڪارڊ کڻي رکيا هئا شرڪت ڪندڙن نعرا هڻندي سماج ۾ ٻارن جي جائز حقن جي احترام تي پڻ زور ڏنو ان موقعي تي واڪ ۾ شرڪت ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻارن کي باعزت، محفوظ ۽ تعليم يافته مستقبل فراهم ڪرڻ حڪومت، سماج ۽ والدين جي گڏيل ذميواري آهي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر بشريٰ منصور چيو ته آگاهي واڪ جو مقصد ٻارن جي بنيادي حقن بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي هن چيو ته دڪانن ۽ ورڪشاپس ۾ محنت ڪندڙ ٻارن کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ ضلعي انتظاميه جي اولين ترجيح آهي هن عزم ظاهر ڪيو ته ضلعي ادارا اهڙن سڀني ٻارن تائين پهچڻ ۽ انهن کي اسڪولن ۾ داخلا ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي تحت قدم کڻي رهي آهي ڇاڪاڻ ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي ڊپٽي ڊائريڪٽر سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي زبير مهر چيو ته ٻارن کي انهن جي حقن ذميوارين ۽ قانوني تحفظ بابت آگاهه ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي هن چيو ته ضلعي انتظاميه چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۽ ٻارن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون گڏيل مقصد لاءِ سرگرم آهن ته جيئن ٻارن کي تعليم صحت، تحفظ ۽ بهتر مستقبل لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪري سگهجي واڪ ۾ شرڪت ڪندڙن حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو ته چائلڊ ليبر جي خاتمي معياري تعليم جي فراهمي ۽ ٻارن کي تشدد کان محفوظ رکڻ لاءِ قدمن کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي. واڪ جي اختتام تي ٻارن ۾ ڪتاب ۽ آگاهي مواد پڻ ورهايو ويو.

سکر: ٻارن جي عالمي ڏهاڙي تي ضلعي انتظاميه ۽ سماجي تنظيم پاران آگاهي واڪ ڪيو پيو وڃي

راضيديرو پرسان هڪ گهر مان پنجون پيرو چوري جي ڪوشش

غلام اصغر متو جي گهر مان پنجون پيرو چوري جي ڪوشش ڪئي وئي

پوليس فهيم ڪلهوڙو کي گرفتار ڪري مقدمو ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي

راضيديرو (ن ع)اڳوڻا ٿاڻي جي حد پوليس جي لاپرواهيءَ جي ڪري چورن ۽ ڦورن جي حوالي پوليس پاپي پيٽ پالڻ جي ٻڏڪ ۾ وڙتل رهي ٿي راضيديرو پرسان محلا مخدوم سومر سوائي جي رهواسي غلام اصغر متو جي گهر تي نامعلوم چورن پاران پنجون پيرو ڪاهه ڪري چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ان سلسلي ۾ غلام اصغر متو صحافين آڏو دانهيندي ٻڌايو ته رات دير سان لڳاتار پنجون پيرو چورن منهنجي گهر تي چڙهائي ڪئي ۽ گهر جي چوديواري کي ڪاٽ هنيو ويو.جنهن بعد اسان سمورن گهرڀاتين جي جاڳي پوڻ تي چور فرار ٿي ويا پوءِ اهڙو اطلاع اڳوڻا پوليس کي ڏنوسين صبح ٿيڻ تي اڳوڻا پوليس ٿاڻي تي نوجوان فهيم علي ولد مير علي ڪلهوڙو کي جوابدار طور ڄاڻائي گرفتار ڪري مقدمو ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي آهي واضح رهي ته اڳوڻا ايس ايڇ او ۽ ان جي پوليس پهرو ڏيڻ بجاءِ ڪٿي ٿي پاڙي رهيو آهي اڪثر جڏهن به ڪو حد اندر ڏوهه ٿيندو آهي ته جهٽ پٽ ۾ ڪنهن ڪاهلجي ايندا آهن انهيءَ ڪري ڪاروبار کي بند ڪرڻ لاءِ اعليٰ انتظاميه ۽ ايس ايس پي خيرپور ڊي آءِ جي سکر آءِ جي سنڌ ۽ سنڌ حڪومت جوڳا قدم کڻي عوام کي چورن ۽ ڌوهاري ٽولن کان جند آجي ڪرائي ۽ پوليس اندر ويڙهل ڪارين رڍن جيڪي چورن ڦورن منشيات فروشن پاڃي ٽولن ڪرائي جي قانون

سنڌ ۾ 3 صوبا ٺهڻ وڃي رهيا آهن،اسان ڪو به ڪارڊ نه پيا کيڏون،سنڌ کي ٽُڪرا نه ڏجو:عامر نواز وڙائچ

سنڌ ٽيهن حصن هوندو،ٻه حصا ڪراچي ۽ مهراڻ هوندا، اسان پنهنجو قرض پيا ادا ڪيون،سنڌ ڌرتي جو پاڻي پيتو آ نمڪ کاڌو آ ان کي حلال ڪريون پيا

جدوجهد جاري رهندي سنڌ جي ماڻهن ۽ وڪيلن جي جدوجهد سبب حڪومت ڪينالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي مسئلي تي گوڏا کوڙيا

26 ترميم سبب عدالتون تباهه ٿي ويون ۽ 27 ترميم عدالتن جو جنازو ڪڍي ڇڏيو ۽ هن وقت سپريم ڪورٽ جي عمارت قبرستان بڻجي وئي آهي

جڊيشل ڪميشن ۾ سياسي ماڻهن جو تعداد وڌايو ويو آهي 20 ڏينهن هڪ جج کي آئي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس بڻايو ويو

90 نمبر واري جج کي چيف جسٽس بڻايو ويو آهي،هنن کي پنهنجي مرضي وارا جج کپن،جيڪي رياستي ڏاڍ ۽ سندن گناهن تي پردو وجهن

راڌڻ (ن ع)ڏاڙو سنڌ بار ڪائونسل جي اليڪشن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ وڪيل اڳواڻن ڪراچي بار جو صدر عامر نواز وڙائچ سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر وڪيل ڪبي لغاري وڪيل حسيب الله جمالي ۽ ٻيا وڪيل 27 آئيني ترميم خلاف عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ ميهڙ پهتا هن سلسلي ۾ مزاحمتي جدوجهد جي علامت رياستي ظلم جبر ڏاڍ ۽ قانون جي پائمالي خلاف سگهارو آواز ۽ ڪراچي بار جي صدر ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر وڪيل عامر نواز وڙائچ ميهڙ تعلقي جي دوري دوران مختلف تقريبن کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ آئيني بحران آهي 26 ترميم سبب عدالتون تباهه ٿي ويون ۽ 27 ترميم عدالتن جو جنازو ڪڍي ڇڏيو ۽ هن وقت سپريم ڪورٽ جي عمارت قبرستان بڻجي وئي آهي 26 ترميم بعد جيڪا ترميم ڪئي وئي آهي ته ججن جي سينارٽي ختم ڪئي وئي آهي ترميم تحت ججن جي بدليون ۾ سياستدانن جي مرضي مطابق ڪيون وينديون جڊيشل ڪميشن ۾ سياسي ماڻهن جو تعداد وڌايو ويو آهي 20 ڏينهن هڪ جج کي آئي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس بڻايو ويو سينيئر ججن کي ڇڏي جونيئر جج کي چيف جسٽس بڻايو ويو آهي هي عدالت کي پنهنجي مرضي مطابق بنائڻ چاهين ٿا آئيني بئنچ رڳو سنڌ ۾ ڏاهي وئي آهي يا ان ۾ به 90 نمبر واري جج کي چيف جسٽس بڻايو ويو آهي هنن کي پنهنجي مرضي وارا جج کپن جيڪي رياستي ڏاڍ ۽ سندن گناهن تي پردو وجهن هن چيو ته غني اسان ۽ سرمد جي جبري گمشدگي بعد انهن کي ظاهر ڪيو ويو ۽ مٿن دهشتگردي جو الزام هڻيو ويو جج تفصيل ڏسي انهن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ليڪن پوليس عمل نه ڪيو انهن مغوين جي آزاد نه ڪرڻ هاڻوڪي ترميمن جو نتيجو آهي هنن عدليه جي آزادي ختم ڪئي هنن ترميمن ذريعي باندر بانٽ ٿي هڪڙن کي عهدا مليا ٻين کي استثنيٰ ملي سپريم ڪورٽ هاڻي ڏال مڙس ۽ جڳهه جي مسواڙ جا فيصلا ڪندي وزيراعظم کي آئيني عدالت جي چيف جسٽس جي مقرري جا اختيار ڏيڻ جو مقصد ججن کان سياسي فيصلا وٺڻ آهي ٽن ڏينهن ۾ ڀنگي به ڀرتي نه ٿيندو آهي هنن ٽن ڏينهن ۾ چيف جسٽس مقرر ڪيو آهي هي عدليه کي پنهنجي طابع ڪرڻ چاهين ٿا 28 آئيني ترميم ۾ وڌيڪ صوبا ٺهڻ رهيا آهن سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ پيا اسان جدوجهد ڪري رهيا آهيون ڪوشش آهي ته ترميم گردي خلاف جدوجهد ڪيون هن وقت عدليه جو جنازو نڪري پيو ايندڙ وقت ۾ قومن جو جنازو ڪڍڻ چاهين ٿا ٻئي طرف جي ڏي اڳواڻ نياز علي بروڙو جي رهائش گاهه تي ڏنل آجياڻي کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪراچي بار جي صدر وڪيل عامر نواز وڙائچ چيو ته سنڌ جي وحدانيت تي وار برداشت جوڳو ناهي ڪارپوريٽ فارمنگ سميت آئيني ترميمن خلاف جدوجهد ۾ آهيون اسان جي آئيني ترميمن ڪئنالن ۽ ٻين مسئلن جي جدوجهد کي اليڪشن سان منسوب ڪري رهيا آهن پر اهي به سنڌ چاوا آهن اهي اڳيان اچن ۽ جدوجهد جي اڳواڻي ڪن پاڪستان ۾ آئين جي حڪمراني لاءِ جدوجهد جاري رهندي سنڌ جي ماڻهو ۽ وڪيلن جي جدوجهد ڪئنال مسئلن تي حڪمرانن جي گوڏا کوڙايا ڪئنال مسئلو بانس هيو جيڪو ڪوڙي ڇڏيو هاڻي نه رهيو بانس نه ٿي ويندي بانسري ، ملڪ ۾ اڳ انتشار آهي صوبن جي ڳالهه ۾ نفرتون آهن هي وڌيڪ نفرتون ڦهلائي رهيا آهن ان کان اڳ وڪيل اڳواڻن جو ميهڙ پهچڻ تي ميهڙ بائي پاس سٽي هوٽل تي شاندار استقبال ڪندي مٿس گل پاشي ڪئي

راڌڻ: ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سکر ۾ ڊسٽرڪٽ آرمڊ سروسز بورڊ جو اهم اجلاس

ڊپٽي ڊائريڪٽر ميجر (ر) احتشام،وفاقي ۽ صوبائي آفيسرن شرڪت ڪئي

شهيدن جي ٻارن ۽ اڳوڻن فوجي اهلڪارن کي درپيش مسئلن کي اجاگر ڪيو ويو

سکر(بيورو رپورٽ)ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ آرمڊ سروسز بورڊ جو اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ آرمڊ سروسز بورڊ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ميجر (ر) احتشام سميت مختلف وفاقي ۽ صوبائي کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پاڪ فوج جي شهيدن جي وارثن، ريٽائرڊ فوجي اهلڪارن ۽ پنشن سروس بينيفٽس، مالي امداد ۽ ٻين فلاحي معاملن بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران شهيدن جي ٻارن ۽ اڳوڻن فوجي اهلڪارن کي درپيش مسئلن کي اجاگر ڪيو ويو ۽ لاڳاپيل کاتن کي انهن جي فوري حل بابت هدايتون جاري ڪيون ويون. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان چيو ته پاڪ فوج جا جوان وطن عزيز جي حفاظت لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن. شهيدن جون اهي قربانيون قومي تاريخ جو فخر آهن. انهن جي خاندانن جي سار سنڀال ۽ ريٽائرڊ اهلڪارن جي مسئلن جو حل اسان جي بهرين ترجيح آهي ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ هدايت ڪئي ته شهيدن جي وارثن جي حقن جي ادائيگي ۽ ريٽائرڊ اهلڪارن جي مسئلن جي حل ۾ ڪنهن به قسم جي سستي يا لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ سڀني ڪيسن کي ترجيحي بنيادن تي مڪمل ڪيو وڃي اجلاس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته شهيدن جي خاندانن کي پنشن ۽ ٻين مالي حقن جي ادائيگي ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن کي فوري طور حل ڪيو وڃي. سڀني زير التوا ڪيسن جي مڪمل تفصيل تيار ڪري هڪ جامع رپورٽ ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪئي وڃي. جڏهن ته شهيدن جي وطن لاءِ ڏنل وڏين قربانين کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ۽ کين کي ملڪ جي سلامتي جا حقيقي هيرو پڻ قرار ڏنو ويو.

سکر: ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ڊسٽرڪٽ آرمڊ سروسز بورڊ جي اجلاس جي صدارت ڪندي

دوڙ شهر جي ريلوي ڦاٽڪ تي پل نه هجڻ سبب هر اڌ ڪلاڪ بعد ڦاٽڪ بند،ماڻهو پريشان

دوڙ (ن ع) دوڙ تعلقي جي اڌ کان وڌيڪ آبادي کي شهر سان ملائيندڙ ريلوي ڦاٽڪ تي پل نه هجڻ سبب هر اڌ ڪلاڪ بعد ڦاٽڪ بند ٿيڻ ڪري ڊيوٽي پيشا ماڻهو سميت اسڪولي شاگرد پورهيت هاري مزدور مريضن سميت هر طبقي جي هزارين ماڻهن کي پريشانين جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي دوڙ جي صحافين پاران بار بار اهڙيون خبرون هلائڻ باوجود ۾ چونڊيل نمائندا خاموش تماشائي بڻيل آهن ملڪ جو صدر آصف علي زرداري سندس ڀيڻ آصف پٽو زرداري هتان جي ايم اين اي آهي سندس ڀيڻ ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو هتان ڪيترائي ڀيرا ايم اين اي ۽ ايم پي اي ٿيڻ بعد هن وقت صوبائي وزير صحت آهي هن شهر سان تعلق رکندڙ سليم جلبائي ايم پي اي چونڊجڻ ڪانپو ڪيترن ئي عهدن تي فائز رهيو آهي پر ڪير به هن

راڌڻ ۾ جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف جوڳي برادري جي عورتن جو احتجاج

راڌڻ (ن ع)راڌڻ جوڳي محله واسي مسمات نازيه جوڳي ۽ مسمات بانهي جوڳي راڌڻ پريس ڪلب جي صحافين آڏو دانهيندي پنهنجي برادري جي نوجوان آصف جوڳي عاشق جوڳي اخيتار جوڳي بابر جوڳي ۽ اڪرم جوڳي مٿان الزام لڳائيندي ٻڌايو ته اسان مٿان هنن تشدد ڪيو آهي ۽ اسان جي نوجوان ڀائٽي وقار جوڳي مٿان به امام بارگاهه تي تشدد ڪيو آهي. جنهن جي اين سي راڌڻ ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پر هو بااثر هجڻ ڪري پوليس هن وقت تائين ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي. جڏهن ته اسان غريب ۽ بي پهچ آهيون اسان جي ڪير مدد نٿو ڪري هنن ايس ايس پي دادو ڊي ايس پي ميهڙ ۽ وس وارن کان مطالبو آهي ته خدارا نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

راڌڻ: جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف جوڳي برادري جي عورتن جو احتجاج

هالا ۾ اڏار اڪيڊمي طرفان محمد زمان لا ڪاليج ۾ ٽيڪ ايڪسپو منعقد

ڊپٽي ڪمشنر پاران افتتاح، شاگرد،شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

اختيارين کان انهن پروگرامن کي اعلا سطحي طور ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

هالا (ن ع)هالا ۾ اڏار اڪيڊمي جي طرفان مخدوم محمد زمان لا ڪاليج ۾ ٽيڪ ايڪسپو منعقد،ڊپٽي ڪمشنر پاران افتتاح ، شاگرد،شاگرديائين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري اعلا اختيارين کان انهن پروگرامن کي اعلا سطحي طور ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو ، سول سوسائٽي پاران پروگرام تي خراج تحسين هالا ۾ اڏار اڪيڊمي جي طرفان مخدوم محمد زمان لا ڪاليج ۾ ٽيڪ ايڪسپو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيئرمين ميونسپل ڪميٽي هالا گل محمد پنهور اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر برڙو پروگرام جو افتتاح ڪيو ،ان موقعي تي سول سوسائٽي جي اڳواڻن سيد گلفام شاهه ڪاظمي ، انجنيئر عنايت الله ميمڻ ، اظفر بهزار ميمڻ ، منظور ميمڻ ، سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ، حيدر آباد ۽ ڪراچي کان مختلف آئي ٽي ڪمپنين پڻ پنهنجا اسٽال لڳايا ۽ سموري ضلعي مان وڏي انگ ۾ نوجوان شاگرد ،شاگرديائين شرڪت ڪئي ناياب علي ارباب بائي اڏار اڪيڊمي ٻڌايو ته اسان 5 سالن کان سنڌ جي اندر جديد تعليم ۽ تربيت تي ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ هنن پروگرامن سان نوجوانن ۾ جديد ٽيڪنالاجي جو شعور ۽ شوق پيدا ٿيندو آهي نيشنل انڪيوبيشن سينٽر حيدرآباد جي اسسٽنٽ مينيجر پنهنجن چار اسٽارٽ اپ سان سمورن نوجوانن کي خطاب ڪيو ۽ انهن جي مفت تربيتي پروگرام کي جوائن ڪرڻ جي دعوت پڻ ڏني جيڪو حڪومت سنڌ جو پراجيڪٽ آهي ۽ هالا ۾ اڏار اڪيڊمي ذميواري سنڀالي رهيو آهي

هالا : سماجي تنظيم پاران منعقد ڪيل ايڪسپو ۾ مقرر خطاب ڪندي

سکر پوليس پاران سلطان شاهه جي واردات کان اڳ ۽ فرار ٿيڻ جي سي سي ٽي وي فوٽيج جاري

ڪجهه حلقن طرفان پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل سلطان شاهه بابت ڪيل بيان حقيقت جي ابتڙ آهن: پوليس ذريعا

جاري ڪيل فوٽيج سڀ ڪجهه واضع ڪري ٿي،فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته سلطان شاهه کي ڪارو ڪوٽ ۽ اڇي شرٽ پاتل آهي

روهڙي جي ٽاپر پيٽرول پمپ پرسان پنهنجي ڪار پارڪ ڪري ٿو، ڪار ۾ سندس پٽ به موجود آهي، جيڪو واردات دوران گاڏي ۾ ويٺل رهي ٿو

مارزمان شهر ۾ لوٽ مار دوران هڪ شخص کي فائرنگ ڪري زخمي ڪري ڇڏيو، واردات بعد سلطان شاهه موٽر سائيڪل تان لهندي واپس پنهنجي ڪار ڏانهن موٽي ٿو

فوٽيج واضع ثبوت آهي ته سلطان شاهه ڪيترين وارداتن ۾ ملوث هو ۽ سندس باري ۾ ڦهلائجندڙ ڳالهيون بي بنياد آهن:پوليس

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس بدنام ڌاڙيل سلطان شاهه ۽ سندس ساٿي جي واردات کان اڳ،دوران ۽ فرار ٿيڻ تائين جي سي سي ٽي وي فوٽيج جاري ڪري ڇڏي، جنهن واقعي جا سمورا تفصيل ظاهر ڪري ڇڏيا آهن.پوليس موجب ڪجهه حلقن طرفان پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل سلطان شاهه بابت ڪيل بيان حقيقت جي ابتڙ آهن. جڏهن ته جاري ڪيل فوٽيج سڀ ڪجهه واضع ڪري ٿي،فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته سلطان شاهه کي ڪارو ڪوٽ ۽ اڇي شرٽ پاتل آهي روهڙي جي ٽاپر پيٽرول پمپ پرسان پنهنجي ڪار پارڪ ڪري ٿو ڪار ۾ سندس پٽ به موجود آهي جيڪو واردات دوران گاڏي ۾ ويٺل رهي ٿو واڳين فوٽيج ۾ واضع آهي ته ٻنهي ملزمان شهر ۾ لوٽ مار دوران هڪ شخص کي فائرنگ ڪري زخمي ڪري ڇڏيو واردات بعد سلطان شاهه موٽر سائيڪل تان لهندي واپس پنهنجي ڪار ڏانهن موٽي ٿو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي وڃي ٿو،پوليس جو چوڻ آهي ته سلطان شاهه جيئن ئي ڪار ۾ ويهي علائقي مان نڪري رهيو هو ته روهڙي پوليس هن جو پيڇو شروع ڪري ٿي ڪجهه ئي دير بعد سکر ٿاڻو سي سيڪشن جي حدن ۾ پوليس سان مقابلو ٿئي ٿو جنهن ۾ سلطان شاهه مارجي وڃي ٿو ۽ هڪ خطرناڪ ڦورو انجام تي پهچي ٿو.پوليس مطابق جاري ڪيل فوٽيج واضع ثبوت آهي ته سلطان شاهه ڪيترين وارداتن ۾ ملوث هو ۽ سندس باري ۾ ڦهلائجندڙ ڳالهيون بي بنياد آهن پوليس شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته افواهن بدران حقيقتن تي ڌيان ڏين ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان تعاون جاري رکن

نصيرآباد ۾ حقدار هارين ۾ هاري ڪارڊ ورهائڻ واري تقريب

تقريب ۾ پ پ اڳواڻن سميت روينيو مختيارڪار شرڪت ڪئي

1380هارين کي ڪارڊ مليا،430 ڄڻن کي 14000 هزار روپيا ملي چڪا

نصيرآباد (ن ع)نصيرآباد ۾ حقدار هارين ۾ هاري ڪارڊ ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب ۾ پ پ اڳواڻن سميت روينيو کاتي جي مختيارڪار نصيرآباد امجد ڪمالاڻي زرعي توسيع کاتي جي نسيم سومرو به شرڪت ڪئي نصيرآباد ٽائون هال ۾ پ پ تعلقي نصيرآباد جي صدر انجنيئر خان محمد قلبوتو ۽ مختيار ڪار امجد ڪمالاڻيءَ جي صدارت ۾ هاري ڪارڊ ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي خطاب ڪندي پ پ اڳواڻ انجنيئر خان محمد قلبوتو وسير راجا شيخ مختيارڪار امجد ڪمالاڻيءَ ۽ ٻين چيو ته هاري ڪارڊ جو انعقاد هڪ انقلابي قدم آهي نصيرآباد ضمانت آهي بينظير هاري ڪارڊ متعارف ٿيڻ سان هارين ۾ نئون اتساهه پيدا ٿيو آهي جمهوريت جي رواداري سان روٽي ڪپڙا اور مڪان واري پروگرام ۾ جوڙيل آهي جنهن ۾ ٻوڏ ۽ برسات متاثرين لاءِ گهر گهر اڏائڻ عورتن جي خوشحالي قائم ڪرڻ لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ بينظير هاري ڪارڊ جهڙيون عوامي سهولتون فقط پيپلزپارٽيءَ جي پروگرام ۾ هونديون آهن.تقريب ۾ پ پ ڪارڪنن سميت هارين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي تقريب ۾ سينيئر نائب صدر تعلقه معتاز علي محنتي انفارميشن سيڪريٽري بابو الطاف ڪانڌڙو نائب صدر تعلقه ڪامريڊ مظفر ڪلهوڙو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 20 نومبر 2025ع

سلامتي ڪونسل پاران غزه امن منصوبي جي منظوري!

اقوامِ متحده جي سلامتي ڪونسل طرفان غزه امن منصوبي جي منظوري هڪ اهڙو واقعو آهي، جنهن نہ رڳو وچ اوڀر جي سياست ۾ نئون موڙ پيدا ڪري ڇڏيو آهي پر عالمي قوتن جي حقيقي ترجيحن ۽ مفادن کي پڻ ظاهر ڪيو آهي. هيءَ قرارداد، جنهن کي سلامتي ڪونسل جي 15 مان 13 ميمبرن جي حمايت حاصل ٿي، بظاهر امن لاءِ هڪ قدم نظر اچي ٿي پر ان ۾ ڪيترائي لاڳاپيل سوال لڪل آهن. جيڪي مستقبل ۾ امن جي امڪانن کي نہ رڳو متاثر ڪري سگهن ٿا، پر غزه جي اڳ ئي تباهہ حال صورتحال کي وڌيڪ خراب بہ ڪري سگهن ٿا. چين ۽ روس جو قرارداد تي ويٽو نہ ڪرڻ پر ووٽنگ مان غير حاضر رهڻ، هن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ عالمي سياست ۾ مفاد، اصولن کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا. ٻنهي ملڪن واضح طور چيو آهي تہ منصوبو مبهم آهي، ٻن رياستن جي حل بابت وضاحت ناهي، غزه جي مستقل حڪمرانيءَ جو ذڪر نامڪمل آهي ۽ بين الاقوامي فورس جي دائرن، اختيارن ۽ ذميوارين بابت بہ ڪليل تضاد موجود آهي. روسي سفير واسيلي نيبنزيا جو اهو بيان تہ هي منصوبو آمريڪي تجربن کي 'پردو' فراهم نہ ڪري، ڳڻتيءَ کي ظاهر ڪري ٿو حقيقت ۾ آمريڪا جي سرپرستي هيٺ پيش ٿيندڙ هر منصوبي ۾ هڪ ڳجهو عنصر ضرور هوندو آهي جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اسرائيل جي مفادن کي تحفظ ڏئي ٿو.

حماس پاران قرارداد جي سڌي مخالفت هڪ اهم سگنل آهي. مزاحمتي تنظيم جو چوڻ آهي تہ هي منصوبو فلسطيني حقن ۽ مطالبن کي نظرانداز ڪرڻ جي برابر آهي ۽ غزه تي "بين الاقوامي سرپرستي" مسلط ڪرڻ جي ڪوشش آهي، جيڪا زميني حقيقتن ۽ مقامي خواهشن جي سراسر خلاف ورزي آهي. حماس جو اهو اعتراض تہ بين الاقوامي فورس کي ڏنل ڪم ان جي غيرجانبداري ختم ڪري ڇڏيندو، هڪ جائز خدشو آهي. جيڪڏهن امن فورس جو مقصد مزاحمت کي غير مسلح ڪرڻ يا ڪنهن مخصوص ڌر جي حمايت ڪرڻ بڻجي وڃي تہ پوءِ اهو امن نہ، پر نئون تڪرار جڙي سگهي ٿو ان جي ابتڙ فلسطيني اٿارٽي قرارداد جي حمايت ڪئي آهي، سندن موقف آهي تہ هن منصوبي ۾ فلسطيني عوام جي حقِ خود ارادیت ۽ آزاد رياست جي قيام جو تصور شامل آهي ۽ غزه ۾ امداد جي بنا رنڊڪ پهچ يقيني بڻائڻ جي پڪ ڏني وئي آهي، پر مسئلو اهو آهي تہ فلسطيني قيادت پاڻ هڪ صفحي تي ناهي، حماس ۽ فلسطيني اٿارٽي جي ڌار ڌار موقف نہ رڳو عالمي فورمن تي فلسطيني آواز کي ڪمزور ڪيو آهي، پر اسرائيل کي مسلسل فائدو پهچايو آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جو موقف غيرمعمولي اهميت رکي ٿو پاڪستان جي مستقل مندوب عاصم افتخار احمد جو بيان واضح ڪري ٿو تہ اسلام آباد جو ووٽ ڪنهن مفاد يا سياسي دٻاءَ هيٺ نہ پر هڪ بنيادي اصول- انساني جانيون بچائڻ ۽ خونريزي روڪڻ- تحت ڏنو ويو. پاڪستان جو موقف هميشہ کان فلسطيني حقن جي ڀرپور حمايت تي مبني رهيو آهي ۽ هن ڀيري بہ پاڪستان عرب- اسلامي گروپ جي گڏيل فيصلي سان هم آهنگ ٿي ڪم ڪيو. پاڪستان جي تجويزن ۽ سفارشن مان سفارتي سنجيدگي ظاهر ٿئي ٿي، جيڪا ٻين ڪيترن ملڪن ۾ نظر نٿي اچي. پر سوال اهو آهي تہ ڇا هيءَ قرارداد واقعي امن جو رستو هموار ڪري سگهندي؟ ڇا غزه مان اسرائيلي فوجون مڪمل نڪري وينديون؟ ڇا فلسطيني رياست جي قيام لاءِ ڪا واضح ضمانت موجود آهي؟ ۽ ڇا بين الاقوامي فورس واقعي غيرجانبدار ثابت ٿيندي؟ هن وقت تائين انهن سوالن جا جواب اڻپورا، مبهم ۽ غيرواضح آهن.

سلامتي ڪونسل جي تازي قرارداد هڪ شروعات تہ آهي پر قيام امن لاءِ ضروري آهي تہ هن شروعات کي صحيح رخ ڏنو وڃي. پاڪستان جو اصولي موقف، چين ۽ روس جا خدشا، حماس جا اعتراض ۽ فلسطيني عوام جون جائز خواهشون- انهن سڀني کي شامل ڪرڻ سواءِ ڪو بہ منصوبو ڪامياب نٿو ٿي سگهي. دنيا کي اهو سمجهڻو پوندو تہ جنگ کان وڌيڪ قيمتي شيءِ امن آهي ۽ امن تڏهن ئي قائم ٿيندو، جڏهن انصاف مڪمل طور نافذ ٿيندو.

ترميم، وزيراعظم ۽ جماعت اسلامي!


محمد مهدي

ٽالسٽاءِ جو ناول "وار اينڊ پيس" کان پوءِ جيڪو سڀ کان بهترين ناول سمجهيو وڃي ٿو، اهو "ايون ايليچ جي موت" آهي. ڪجهہ سال اڳ جڏهن مون اهو ناول پڙهيو هو تہ ان جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ عجيب "پنهنجائپ" محسوس ٿي هئي. ٽالسٽاءِ هڪ اهڙي جج جي زندگيءَ جا آخري لمحا بيان ڪري ٿو جيڪو معمولي "غلطين" تي وڏيون وڏيون سزائون ڏيڻ ۾ مشهور هو.

اصل ۾ هي ناول "ٽولا" (جج جو نالو) عدالت ۾ مقرر هڪ جج جي زندگيءَ جي آخري ڏينهن جي تلخين جو سفر ڏيکاري ٿو. هڪ ريلوي اسٽيشن تي ٽالسٽاءِ کي ان جج جي ڏنل ظلمن مان ستايل قيدين جا مرد ۽ عورت مليا، جن کي ڏسي هن فيصلو ڪيو تہ جيڪو ٻين انسانن کي اذيت ڏيندو رهيو، ان جي آخري ڏينهن جو حال لکجي. جج جي آخري ڏينهن ۾ جيڪا ذهني ڪيفيت ۽ قرب هو ٽالسٽاءِ ان کي اهڙي طرح پڙهيو جو ڄڻ ان جج جي دل جي هر ڳالهہ پڌي رهيو هجي. جج کي لڳندو هو تہ اميدن جا سڀ سلسلا ٽوڙڻ ڪيترو آسان آهي: صرف گڏريل يادون ورجائڻ ئي ڪافي آهن. هو سوچيندو هو تہ 3 مهينا اڳ هو ڇا هو ۽ هاڻي ڇا بڻجي ويو آهي؟ زوال ڏانهن وڃڻ واري عمل ۾ بہ ڪيتري مضبوطي آهي؟ سوال اٿي ٿو تہ آخر جج زوال ڏانهن ڇو وڃي ٿو؟

جواب سادو آهي تہ: جج جي طاقت ڪنهن بندوق مان نہ پر آئين ۽ قانون تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ مان نڪري ٿي. جڏهن جج پاڻ کي قانون کان مٿي سمجهي ٿو ۽ پنهنجن فيصلن کي آخري سچ بڻائي ٿو تڏهن اصل ۾ هو انهيءَ وڻ کي ئي ڪٽي رهيو هوندو آهي، جنهن جي ڇانو کيس طاقت ڏئي ٿي. جڏهن افتخار چوڌريءَ جي دور ۾ اهو نظريو هليو "اسان ئي آئين ۽ قانون آهيون" تہ بصيرت رکندڙن کي تڏهن ئي صاف ڏسڻ ۾ اچي ويو تہ هي نظام عدل ۽ انصاف ڏيڻ بدران طاقت جو اختيار بڻجي چڪو آهي. اها صورتحال صرف افتخار چوڌريءَ تائين محدود نہ هئي. پوءِ ثاقب نثار تہ هر حد ختم ڪري ڇڏي. سول بيوڪريسيءَ جي تذليل کان وٺي سياسي نظام کي هلائي ڇڏڻ تائين سڀ ڪجهہ "صرف تفريح لاءِ" ٿيڻ لڳو. جولاءِ 2017ع ۾ جيڪو افسوسناڪ ڪردار طاقتور حلقن جي سهاري سان سامهون آيو هو ان سڄي سياسي نظام کي رتورت ڪري ڇڏي ڇڏيو ۽ اڄ تائين اهي زخم رت وهائيندا رهن ٿا.

ان جو نتيجو آخرڪار اهو ئي نڪرڻو هو جيڪو اڄ اسان جي سامهون آهي. ان سان گڏ هڪ ٻئي تصور بہ جنم ورتو تہ: تاحيات استثنا جي ضرورت ان ڪري محسوس ٿي تہ جيئن جڏهن اقتدار مان زوال ڏانهن وڃڻو پوي تہ ڪيسن کان بچي سگهجي. پنهنجي لاءِ آئيني قلعا ناهڻ ابتدائي منصوبو بڻجي ويو. جڏهن تہ اهو آئين جيڪو پاڻ کي ئي پيرا تذليل کان نہ بچائي سگهيو سو ڪنهن ٻئي کي ڇا بچائيندو؟ جڏهن طاقتور ڪجهہ ڪرڻ تي اچن ٿا تہ ڪا نہ ڪا قانوني "ڪاري لڪت" ضرور ڳولين ٿا. جيئن معزز ججن جي طاقت قانون آهي، تيئن سياستدانن جي طاقت وري آئين سان گڏ ڪارڪردگي پڻ آهي. حڪومت لاءِ اصل ڪسوٽي اها آهي تہ ان جي ڪارڪردگيءَ جا فائدا عام ماڻهوءَ تائين پهچڻ گهرجن. ڪجهہ ڏينهن اڳ بادشاهہ چارلس جي سالگرهہ جي تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف خطاب ڪيو جنهن ۾ هو چوڻ هو تہ پي آءِ اي جي بحاليءَ ۾ برطانوي سفير جين ميرٽ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. پي آءِ اي جي بحالي هڪ اهڙو هدف آهي، جيڪو سالن کان پورو نہ ٿيڻ سبب قومي خزاني تي وڏو بار بڻيل آهي. انهيءَ تقريب ۾ مون سان ڳالهائيندي برطانوي سفير جين ميرٽ پاڪستان ۽ برطانيا جي وڌيڪ بهتر لاڳاپن بابت ڳالهہ ڪئي. اهڙن متحرڪ ۽ مثبت خيالن وارن سفارتڪارن جي ڪوششن مان وڌيڪ فائدو وٺڻ جي ضرورت آهي.

سياسي ميدان ۾ هڪ تمام سٺو اشارو ڏسڻ ۾ اچڻ وارو آهي تہ جماعت اسلامي جهڙي جماعت تمام گهڻي عرصي کان پوءِ لاهور ۾ پنهنجو وڏو اجتماع ڪرڻ وڃي رهي آهي. جماعت اسلامي ملڪ جي اها واحد مذهبي جماعت آهي، جنهن جي سياسي جڙ سڄي پاڪستان ۾ موجود آهي ۽ جنهن وٽ فڪر جي دنيا ۾ مولانا مودودي جهڙي وڏي شخصيت جو علمي سرمايو آهي. هڪ مذهبي سياسي جماعت جي سڄي ملڪ ۾ جڙ هجڻ جو مطلب آهي تہ اها ملڪ کي گڏ رکڻ جي هڪ فعال قوت آهي. جڏهن هن قوت کي ڪمزور ڪيو ويو تہ ان جا منفي اثر بہ پيا. جماعت اسلامي جلد هڪ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس بہ ڪرائي رهي آهي.

جن علائقن ۾ جماعت اسلاميءَ جو اثر رهيو آهي، اتانهين سياسي جماعتن کي هن صورتحال کي هڪ صحتمند سياسي چيلينج طور وٺڻ گهرجي. پنهنجي واري سياست بدران ڪارڪردگي ۽ نظرين تي مقابلو ٿيڻ گهرجي. انگريزي ادب جو هڪ وڏو نالو وارو ليڪڪ گذريل هفتي دنيا مان هليو ويو: پنجاب يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي جو اڳوڻو سربراهہ پروفيسر رضي عابدي. هو ڪڏهن ڪرشن نگر لاهور ۾ رهندو هو. منهنجي والد سيد مظفر زيدي مون کي پڙهڻ لاءِ هن وٽ

'شيرِ ميسور کان شاعرِ انقلاب تائين!'

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

هن آفاقي حقيقت کان ڪنهن کي انڪار ناهي تہ هن دنيا ۾ ايندڙ ۽ ويندڙ ماڻهن جو سلسلو سدائين جاري رهيو آهي. هر پل جڳ ڪيترائي ماڻهو ڌرتيءَ تي ايندا آهن ۽ ڪيترائي آخري ساهہ وٺي هلي ويندا آهن پر تاريخ صرف انهن ماڻهن کي ياد رکي ٿي، جيڪي پنهنجي رب طرفان ڏنل وقت جي قدر ڪندا آهن ۽ دنيا ۾ ملندڙ زندگيءَ کي عزت، بهادري، عقل ۽ انسانيت جي خدمت ۾ گذاريندا آهن. اهڙا عظيم ماڻهو پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان سماج کي بدلائي ڇڏيندا آهن. مشڪلاتن جو دليريءَ سان مقابلو ڪندا آهن. پنهنجن خيالن سان دلين کي روشن ڪندا آهن ۽ پنهنجي عمل سان ايندڙ نسلن لاءِ هڪ مثال ڇڏي ويندا آهن منهنجي نظر ۾ 20 نومبر جو ڏينهن خاص اهميت رکي ٿو ڇو تہ اها تاريخ اسان جي خطي جي ٻن عظيم شخصيتن جي ياد ڏياري ٿي. اڄ 20 نومبر کي هندستان ۾ دبنگ، بهادر ۽ دليرحڪمران 'شيرِميسور' ٽيپو سلطان جي جنم ڏينهن سان جوڙيو ويندو آهي. جنهن غير ملڪي سامراج جي سامهون سِر نہ جهڪايو جيستائين ٽيپو سلطان زنده رهيو، انگريز هندستان تي مڪمل قبضي جي لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪندو رهيو. ساڳي طرح اڄوڪي ڏينهن 20 نومبر تي اسان جي دلين ۾ ظلم، جبر ۽ ناانصافي جي خلاف هڪ نئون حوصلو، همت ۽ ولولو پيدا ڪرڻ واري فيض احمد فيض جهڙي انقلابي شاعر آخري ساهہ ورتو 20 نومبر 1750ع تي جڏهن سلطان فتح علي صاحب ٽيپو پيدا ٿيو تہ شايد ڪنهن کي بہ اها سوچ نہ هئي تہ هي ننڍڙو ٻار مستقبل ۾ هندستان جي آزاديءَ جي جنگ ۾ هڪ مضبوط ديوار ثابت ٿيندو. ان وقت برصغير جا مختلف راجا، مهاراجا ۽ نواب برطانوي سامراج جي اڳيان سِر جهڪائي چڪا هئا، ڪيترن ئي غلاميءَ جي رستن کي اختيار ڪري ورتو هو. پر 'شير ميسور' ٽيپو سلطان برطانوي حڪمراني کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن انگريزن 1799ع ۾ سندن راڄڌاني سرنگاپٽم تي حملو ڪيو تہ ٽيپو سلطان آخري ساهہ تائين محاذِ جنگ تي جمي بيٺل رهيو. ٽيپو سلطان هڪ اهڙو مردِ ميدان هو جنهن جي شهادت ڪانپوءِ انگريزن لاءِ سڄي هندستان تي قبضو ڪرڻ آسان ٿي ويو. برطانوي جنرل جو ٽيپو سلطان جي شهادت تي چوڻ 'ٽوڊي انڊيا از اوورز' (اڄ هندستان اسان جو آهي) اسان جي تاريخ ۾ هڪ تلخ ياد طور باقي آهي. منهنجي نظر ۾ ٽيپو سلطان پنهنجي بهادري ۽ جرئت سان ثابت ڪيو تہ سامراج ۽ غير ملڪي قوتن جي سامهون جمي بيهندڙ حڪمران ئي قوم جي عزت جو مستحق آهي هن دنيا کي اهو سبق ڏنو تہ هڪ ڏينهن جي شينهن جي زندگي سئوسال جي لومڙ جي زندگي کان بهتر آهي. ٽيپو جو اهو قول اڄ بہ دنيا ۾ مزاحمت ۽ غيرت جي علامت طور سمجهيو وڃي ٿو.

انقلابي سوچ، محبت ۽ مزاحمت جو نشان، اردو ادب جو روشن تارو، انقلابي شاعر فيض احمد فيض انهن عظيم شاعرن مان هڪ آهي جن نہ رڳو محبت جا نغما ڳايا، پر انسانيت، آزادي، مزاحمت ۽ ظلم جي خلاف بہ آواز اٿاريو. حُسنِ اتفاق سان، هو اڄوڪي ڏينهن، 20 نومبر 1984ع تي دنيا کان رخصت ٿيو پر ان جا خيال ۽ نظريا اڄ بہ زنده آهن، دلين کي گرمائين ٿا ۽ ذهنن کي جاڳائين ٿا. فيض جي شاعري هر انسان جي دل ۾ اميد جي روشني پيدا ڪري ٿي، اونداهہ ۾ ڏيئي وانگر رستو ڏيکاري ٿي. ان جا هر شعر گويا انسان کي اهو پيغام ڏين ٿا تہ ظلم جو نظام سدائين قائم نٿو رهي سگهي، آخرڪار بهار اچي ٿي ۽ ڏيئا ٻرندا آهن. مون کي ياد آهي تہ جنرل مشرف جي دور ۾ جڏهن عدليہ تحريڪ شروع ٿي، تڏهن جيو ٽي وي تي فيض احمد فيض جي مشهور نظم 'اسان ڏسنداسين' ملڪ جي موجوده حالتن جي پس منظر ۾ نشر ڪئي وئي. اها نظم انهن ماڻهن لاءِ جيڪي حوصلي، مزاحمت ۽ بهادري سان اڳتي وڌي رهيا هئا، پسنديده ترانو بڻجي وئي. ان وقت هر جلسي، جلوس ۽ مظاهري ۾ فيض احمد فيض جي شاعري عوام جي دلين کي گرم ڪندي رهي ۽ پوءِ واقعي، هڪ ڏينهن سڄي دنيا ڏٺو تہ طاقت جو اصل سرچشمو عوام آهي عوام جي طاقت سان حڪومت ۾ آيل پاڪستان پيپلز پارٽي جي منتخب وزيراعظم يوسف رضا گيلاني اعليٰ عدليہ جي ججن جي بحاليءَ جو حڪم جاري ڪري، خودداري، غيرت ۽ بهادري جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي. آئون سمجهان ٿو تہ فيض احمد فيض جا اشعار صبر، حوصلي ۽ اميد جو مڪمل فلسفو پيش ڪن ٿا. انهن جي شاعري جو ڪمال اهو آهي تہ هنن ظلم جي خلاف آواز کي محبت جي لهجي ۾ پيش ڪيو. انهن جي نظم ۾ مزاحمت پڻ آهي ۽ انسانيت لاءِ تڙپ پڻ. انهيءَ سبب، سرحد پار جا انسان دوست مظاهرين بہ پنهنجي جدوجهد کي تيز ڪرڻ لاءِ فيض احمد فيض جي لازوال شاعري جو سهارو وٺندا آهن. منهنجي نظر ۾، 'شير ميسور' ٽيپو سلطان ۽ 'شاعر انقلاب' فيض احمد فيض ٻئي اها حقيقت ثابت ڪن ٿا تہ تاريخ ۾ هميشہ اهي ئي نالا زنده رهندا آهن، جيڪي پنهنجي سوچ، جدوجهد ۽ ڪردار سان انسانيت جو حوصلو وڌائين. 20 نومبر جي ڏينهن ٽيپو سلطان دنيا ۾ آيو ۽ ڪيترن سالن بعد ساڳئي تاريخ تي فيض احمد فيض دنيا کان رخصت ٿيو هڪ پنهنجي تلوار سان سامراج سان وڙهيو، ٻئي پنهنجي قلم سان ظلم جي نظام جو مقابلو ڪيو. ٽيپو سلطان آزادي لاءِ محاذِ جنگ ۾ پنهنجو خون ڏئي ڇڏيو. فيض احمد فيض آزادي جو فڪري نقشو ناهي ڇڏيو. هڪ پنهنجي قربانيءَ سان ڌرتي کي سنواريو ٻئي پنهنجي شاعري سان ڌرتي تي انسانيت جي راڄ جو مطالبو ڪيو. جيتوڻيڪ ٻنهي جو اندازِ جدوجهد مختلف هو پر انهن جي منزل هڪ هئي: آزادي، غيرت، خودداري ۽ انسانيت جي سربلندي. انهن ثابت ڪيو تہ تاريخ انهن کي ياد رکي ٿي، جيڪي پنهنجي دور جي چئلينجز جو مقابلو سِر ڪٽي مردانہ وار ڪندا آهن ۽ سچ ۽ اصول تي قائم رهندا آهن اڄ 20 نومبر تي اسان کي انهن عظيم شخصيتن کان اهو سبق وٺڻ گهرجي تہ جيڪڏهن مقصد وڏو هجي، ارادو مضبوط هجي ۽ خودداري جو دامن پڪو هجي، تہ انسان پنهنجي زندگي کي تاريخ جي صفحن تي هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيندو آهي.

پاڪ-چين لاڳاپا، قرض، عالمي بيان ۽ حقيقتن جو غيرجانبدار جائزو!


ارشد علي

پاڪستان ۽ چين جا لاڳاپا ڪيترن ئي ڏهاڪن تي ٻڌل آهن، جيڪي وقت سان گڏ نہ صرف اڳتي وڌيا آهن پر مختلف شعبن ۾ وڌيڪ گهرا ۽ اسٽريٽيجڪ تعاون ۾ تبديل ٿيا آهن. اقتصادي، دفاعي، سفارتي ۽ علائقائي سطح تي ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڀائيواري هڪ اهم مثال بڻجي چڪي آهي. تازو ئي پاڪستان ۾ چيني سفارتخاني جي ترجمان ۽ آمريڪي ناظم الامور جي بيانن سبب "قرض جي ڄار" وارو بحث ٻيهر سامهون آيو آهي. جنهن تي نہ صرف پاڪستاني ميڊيا پر عالمي سطح تي پڻ بحث ٿي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي تہ ٻنهي موقفن کي غيرجانبدار انداز ۾ ڏنو وڃي ۽ حقيقتن جو تجزيو ڪيو وڃي.

چيني سفارتخاني جي ترجمان پنهنجي بيان ۾ واضح ڪندي چوڻ هو تہ پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ مضبوط تعاون ڪنهن بہ قسم جي الزام بازي، شڪ ۽ شبهي يا سياسي بيانيي سان متاثر نہ ٿيندو سندس موجب آمريڪي نمائندي پاران "Debt Trap" يعني قرض جي ڄار واري ڳالهہ نہ صرف پراڻي بيانيي جو ورجاءُ آهي پر هڪ مخصوص سياسي ايجنڊا بہ لڳي ٿو جنهن جو مقصد چين جي ترقياتي منصوبن تي سوال اٿارڻ آهي. ترجمان جي دعويٰ آهي تہ ان قسم جا بيان حقيقتن تي ٻڌل نہ آهن ۽ انهن سان نہ ئي پاڪستان جي سياسي، اقتصادي ۽ سفارتي خودمختياريءَ تي اثر پوندو ۽ نہ ئي پاڪ-چين تعاون جي رفتار گهٽ ٿيندي.

اهو نڪتو پڻ اهم آهي تہ پاڪستان ڪيترائي ڀيرا واضح ڪري چڪو آهي تہ دنيا ۾ سندس سڀ کان وڏا قرض ڏيندڙ ادارا مغربي ملڪ ۽ عالمي مالياتي ادارا آهن، جن ۾ آءِ ايم ايف، ورلڊ بئنڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) شامل آهن. انگن اکرن موجب چين طرفان ڏنل قرضن جو پاڪستان جي ڪُل قرضن ۾ حصو ٻين ذميوارن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. ان ڪري چين جي حوالي سان "قرض جي ڄار" وارو الزام صرف نظرياتي بحث تہ ٿي سگهي ٿو پر عملي طور ان لاءِ ثبوت گهٽ آهن. ٻئي پاسي چين جو موقف اهو آهي تہ هن ملڪ جي پاڪستان سان اقتصادي ڀائيواريءَ جو بنيادي مقصد پاڪستان جي ترقي، معاشي مضبوطي ۽ عوامي ڀلائي آهي. ان حوالي سان چيني سفارتخاني خاص طور تي سي پيڪ (CPEC) کي سڀ کان اهم منصوبو قرار ڏنو آهي، جيڪو چين جي بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو جو مرڪزي حصو آهي. سي پيڪ سان لاڳاپيل انگ اکر بہ گهڻو ڪجهہ واضح ڪن ٿا تہ: پاڪستان ۾ 25.93 بلين ڊالر جي سڌي سيڙپڪاري ٿي، جنهن سان نہ رڳو نوان ادارا ٺهيا پر 2 لک 61 هزار نوڪريون پيدا ٿيون. اهڙي سطح جي نوڪريون ڪنهن بہ ترقي ڪندڙ ملڪ لاءِ وڏي اهميت رکن ٿيون، خاص طور هڪ اهڙو ملڪ جتي بيروزگاريءَ جو مسئلو ڊگهي عرصي کان موجود آهي.

ان کان علاوه سي پيڪ تحت 5 سئو 10 ڪلوميٽر موٽرويز جي تعمير ملڪ جي ٽرانسپورٽ ۽ لاجسٽڪ نظام ۾ اهم تبديلي آندي. ٽرانسپورٽ جي بهتر نظام سان نہ فقط وقت بچي ٿو پر ڪاروباري سرگرميون، اندروني واپار ۽ ماڻهن جي آمدرفت ۾ پڻ سڌارو اچي ٿو 8 هزار ميگاواٽ کان وڌيڪ بجليءَ جي پيداوار توانائيءَ جي کوٽ کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جي ڪري ڪيترن ئي صنعتي شعبن کي استحڪام مليو بجليءَ جي دستيابي وڌڻ سان ڪارخانا هلڻ لڳا، پيداوار وڌي ۽ مجموعي اقتصادي سرگرميون بهتر ٿيون. چيني ترجمان جو چوڻ آهي تہ 8 سئو 86 ڪلوميٽر ٽرانسميشن لائين جو نيٽ ورڪ نہ صرف توانائيءَ جي ترسيل کي بهتر بڻايو پر ان سان بجليءَ جي ضايع ٿيڻ جي شرح ۾ بہ گهٽتائي آئي هئي. هيٺين ۽ وچين طبقي لاءِ بہ اهو سڌارو پر سڌي فائديمند آهي، ڇاڪاڻ تہ توانائيءَ جي فراهميءَ جي بهتريءَ سان گهرن ۽ ڪاروبارن جا مسئلا گهٽجن ٿا.

چين جو موقف اهو آهي تہ اهي سڀئي عملي فائدا ڏسي سگهجن ٿا ۽ انهن مان پاڪستان جي معيشت، روزگار، صنعت، توانائي ۽ ڍانچي جاتي نظام کي حقيقي مدد ملي آهي چين جي نظر ۾ "قرض جو ڄار" وارو الزام ان سڄي ترقياتي فريم ورڪ کي نظرانداز ڪري ٿو جيڪو سي پيڪ ۽ ٻين منصوبن پاڪستان لاءِ آڻي رهيا آهن. ٻئي پاسي آمريڪا جو موقف آهي تہ چين پنهنجن قرضن ۽ منصوبن جي ذريعي مختلف ملڪن کي انحصار جو شڪار بڻائي ٿو ۽ سياسي اثر وڌائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهو عالمي سطح تي آمريڪا ۽ چين وچ ۾ هلندڙ وڏي طاقت جي سياست جو حصو آهي، جنهن ۾ اقتصادي لاڳاپا بہ هڪ اهم محاذ بڻجي چڪا آهن. جيتوڻيڪ پاڪستان جي اقتصادي صورتحال ڪيترن عنصرن تي ٻڌل آهي پر اها بہ حقيقت آهي تہ هر وڏو طاقتور ملڪ پنهنجي سفارتي ۽ اقتصادي لاڳاپن کي پنهنجي مفادن سان ڳنڍي ٿو تنهن ڪري ٻنهي طرفن جا بيان پنهنجي جڳهہ تي موجود آهن.

چيني ترجمان پنهنجي بيان ۾ اهو بہ واضح ڪيو تہ هڪ ڳالهہ تي آمريڪي سفارتڪار صحيح آهي، جنهن مطابق "پاڪستان هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ آهي ۽ کيس اختيار آهي تہ هو جنهن سان چاهي پنهنجا سفارتي ۽ اقتصادي لاڳاپا رکي" حقيقت ۾ مڪمل خودمختياريءَ جو مطلب اهو آهي تہ ملڪ پنهنجي مفادن مطابق فيصلو ڪري، بغير ڪنهن ٻاهرين دٻاءَ جي پاڪستان لاءِ بہ اهو اهم آهي تہ هو پنهنجي معاشي ضرورتن، پاليسين ۽ مستقبل جي حڪمت عمليءَ مطابق فيصلو ڪري.

حقيقت اها آهي تہ پاڪستان اڄ عالمي معاشي بحران، اندروني سياسي عدم استحڪام ۽ سيڪيورٽي چئلينجن جو شڪار آهي. اهڙي صورتحال ۾ ملڪ کي هر سطح تي اقتصادي مدد، سيڙپڪاري، ٽيڪنالاجي ۽ انفراسٽرڪچر جي ضرورت آهي ان سلسلي ۾ چين هڪ معتبر ۽ ڊگهي مُدي وارو ڀائيوار رهيو آهي پر پاڪستان لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي پاليسي لاءِ مختلف ملڪن سان متوازن لاڳاپا رکي، آمريڪا، چين، سعودي عرب، ترڪي، يوءِ اي ۽ ٻين ملڪن سان لاڳاپن کي هڪ متوازن حڪمت عملي ذريعي اڳتي وڌائڻ ئي بهتر آهي. انهيءَ ڳالهہ کي بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي تہ دنيا ۾ طاقت جو مرڪز بدلجي رهيو آهي چين جي اقتصادي طاقت وڌندڙ آهي ۽ آمريڪا پنهنجي اثر کي قائم رکڻ چاهي ٿو. اهڙي عالمي ماحول ۾ پاڪستان لاءِ چئلينج اهو آهي تہ هو ڪنهن هڪ محور جي حمايت بدران پنهنجي اقتصادي مفادن جي بنياد تي قدم کڻي. قرض جي ڄار واري بحث ۾ بہ حقيقتون ۽ انگ اکر اهم آهن. جيڪڏهن پاڪستان جون اڪثر ذميواريون مغربي ادارن ڏانهن آهن تہ پوءِ چين بابت الزام گهٽ اهميت رکي ٿو. البت قرض جي مسئلي جو حقيقي حل سڌي رستي معاشي استحڪام، برآمدات ۾ واڌ، ٽيڪس نظام جي سڌاري، بدعنوانيءَ جي خاتمي ۽ ڊگهي مدي واري پاليسين تي عمل ڪرڻ ۾ آهي.

سي پيڪ ۽ چين جو تعاون ان صورت ۾ وڌيڪ فائديمند ٿي سگهي ٿو جڏهن پاڪستان اندر شفافيت، سهڻي انتظاميا، بروقيت ۽ قومي مفاد کي اوليت ڏني وڃي. ساڳئي وقت ملڪ لاءِ ضروري آهي تہ هر وڏي منصوبي تي عوام کي اعتماد ۾ ورتو وڃي ۽ انهن جا نتيجا واضح ڪرڻ لاءِ سالائيون رپورٽون جاري ڪيون وڃن.

نتيجي طور پاڪ-چين لاڳاپا ڊگهي مدي وارا، گهرا ۽ مختلف شعبن تي پکڙيل آهن. آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي خدشن کي بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ عالمي سياست جا پنهنجا تقاضا آهن پر ان جو فيصلو آخرڪار پاڪستان جي هٿ ۾ آهي تہ هو پنهنجي معاشي ۽ سفارتي مفادن کي ڪيئن اڳتي وڌائي. پاڪستان کي اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪا دنيا جي هر اهم طاقت سان متوازن، باوقار ۽ قومي مفادن تي ٻڌل هجڻ گهرجي. پاڪستان ۾ چين جي سيڙپڪاري ۽ تعاون جا عملي ثمر موجود آهن. جڏهن تہ قرض جي ڄار وارو الزام اڃا تائين سياسي بيان ئي لڳي ٿو. بهترين رستو اهو آهي تہ پاڪستان پنهنجن بنيادي اقتصادي مسئلن جو حل پاڻ ڳولي ۽ اختيار ۽ آزادي برقرار رکندي عالمي ڀائيواريءَ کي اڳتي وڌائي.

ٽرمپ ۽ سعودي ولي عهد جي ملاقات!

منصور علي

آمريڪا ۽ سعودي عرب جي تازي سفارتي سرگرمين ۾ جيڪا گرمجوشي ڏسڻ ۾ آئي آهي، اها نہ رڳو ٻنهي ملڪن جي مستقبل جي حڪمت عملين جي ترجمان آهي پر عالمي سياست جي بدلجندڙ رخن تي پڻ گهرو اثر وجهي ٿي. واشنگٽن ۾ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان جي اها تاريخي ملاقات ڪيترن ئي حوالن سان عالمي بحثن جو مرڪز بڻجي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ملاقات ۾ صرف روايتي سلامتي يا معاشي تعاون تي ڳالهہ نہ ٿي، پر انهن موضوعن تي بہ کليل ۽ نازڪ گفتگو ٿي جيڪي گذريل ڪجهہ سالن کان عالمي سياست کي ڌوڏي رهيا آهن. صحافي جمال خاشقجي جو قتل، ابراهيمي معاهدا، دفاعي تعاون، 10 کرب ڊالرن جي ممڪن سيڙپڪاري ۽ خطي ۾ اسرائيلي- عربي تعلقات جا بدلجندڙ رجحان- اهي سڀ ڳالهيون گڏجي هن ملاقات کي غير معمولي بڻائين ٿيون.

هي بہ ڀيريون دفعو هو جو 2018 ۾ خاشقجي جي قتل واري واقعي کان پوءِ آمريڪي حڪومت کليل نموني سعودي ولي عهد جو وائيٽ هائوس ۾ استقبال ڪيو. داخلا جي وقت ٽرمپ جي گرمجوشي ۽ کليل لفظن ۾ محمد بن سلمان کي 'دوست' چوڻ، ٻڌايو تہ آمريڪا، پراڻن اختلافن باوجود، سعودي قيادت سان نئين شروعات ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ان دوران محمد بن سلمان طرفان آمريڪا ۾ 10 کرب ڊالرن جي سيڙپڪاريءَ جو اعلان هن ملاقات جي اهميت ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو. اها سيڙپڪاري رڳو اقتصادي تعاون نہ پر ٻنهي ملڪن جي سياسي مفادن کي بہ ڳنڍڻ لاءِ هڪ مضبوط پل جي حيثيت رکي ٿي. ملاقات کان اڳ ٽرمپ اعلان ڪيو تہ آمريڪا سعودي عرب کي جديد ترين ايف-35 جنگي جهاز وڪرو ڪندو. عالمي ماهرن جي نظر ۾ هيءَ اعلان رڳو معاشي يا تجارتي بنيادن تي مبني ناهي، پر اهو خطي ۾ طاقت جي نئين ترتيب جي علامت پڻ آهي. جڏهن هڪ رپورٽر ٽرمپ ۽ محمد بن سلمان کان پڇيو تہ ڇا ٻنهي اڳ ۾ ٿي آمريڪا- سعودي دفاعي معاهدي تي اتفاق ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڇا ابراهيمي معاهدن تي بہ ڳالهہ ٿولهہ ٿي؟ ان سوال تي ٻنهي اڳواڻن جا جواب خطي جي مستقبل بابت وڏا اشارا ڏئي رهيا هئا.

ابراهيمي معاهدن جو حوالو 2020 جي انهن معاهدن ڏانهن وڃي ٿو جن ۾ متحده عرب امارات ۽ ڪجهہ ٻين عرب ملڪن ڀهرين پيرو کليل نموني اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا قائم ڪيا. هاڻي سعودي عرب جي ولي عهد طرفان ان معاهدي جو حصو بڻجڻ جي خواهش جو اظهار يقيناً هڪ وڏي سفارتي تبديليءَ جو پيغام آهي. البت محمد بن سلمان واضح ڪيو تہ سعودي عرب ان عمل کي صرف تڏهن اڳتي وڌائيندو جڏهن فلسطين لاءِ 'ٻہ رياستي حل' جي طرف واضح ۽ عملي رستو موجود هوندو هيءَ ڳالهہ ظاهر ڪري ٿي تہ سعودي قيادت خطي ۾ نئين حڪمت عمليءَ تي ڪم تہ ڪري رهي آهي، پر فلسطيني مسئلي تي پنهنجي روايتي موقف کان مڪمل طور پري بہ نہ ٿي آهي.

ٽرمپ پڻ ملاقات کي 'تمام سٺي گفتگو' قرار ڏنو ۽ ٻڌايو تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي بحث ٿيو- چاهي اها هڪ رياستي يا ٻہ رياستي حل واري ڳالهہ هجي يا خطي جي مجموعي امن جي صورتحال. جڏهن ٽرمپ ولي عهد کان پڇيو تہ ڇا هنن جي ڳالهہ ٻولهہ مان ڪين سٺا تاثر مليا آهن تہ محمد بن سلمان بنا هچڪ 'ها، ضرور' ۾ جواب ڏنو. جيڪو ٻنهي اڳواڻن جي گڏيل اعتماد جو واضح اظهار هو. پر ملاقات جو سڀ کان حساس ۽ تمام گهڻو نظر ۾ ايندڙ حصو جمال خاشقجي جي قتل بابت هو. ٽرمپ دعويٰ ڪئي تہ محمد بن سلمان کي 2018 ۾ استنبول جي سعودي قونصل خاني ۾ ٿيل قتل بابت ڪجهہ علم نہ هو. هيءَ موقف ان آمريڪي انٽيليجنس رپورٽ جي سڌي نفي هو، جنهن مطابق قتل جي منظوري ولي عهد جي سطح تي ئي ڏني وئي هئي. ٽرمپ صحافين کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اهڙي سوال سان "اسان جي مهمان کي شرمنده نہ ڪيو." ملڪي ۽ عالمي ميڊيا ۾ سخت ردعمل پيدا ٿيو ڇاڪاڻ تہ خاشقجي جو قتل عالمي ضمير کي جهنجهوڙي ڇڏيو هو.

محمد بن سلمان بہ ان سوال جو جواب پاڻ ڏيڻ چاهيو ۽ اعتراف ڪيو تہ خاشقجي جو قتل هڪ 'وڏي غلطي' هئي ۽ سعودي حڪومت ان ڳالهہ کي يقيني بڻائي رهي آهي تہ ٻيهر اهڙو واقعو نہ دهرائجي. هن اهو پڻ چيو تہ جيئن آمريڪا 9/11 واقعي کان پوءِ حقائق ڏانهن واپس ويو، تيئن ئي خاشقجي جي قتل بابت بہ حقيقتن جي بنياد تي ڳالهہ ٿيڻ گهرجي. ان جواب مان اهو پهلو پڻ ظاهر ٿيو تہ سعودي قيادت پنهنجي تاثر جي بحاليءَ لاءِ سنجيده آهي، پر ان سلسلي ۾ اڃان بہ ڪيترائي سوال عالمي سطح تي موجود آهن.

اقتصادي تعاون ۽ سيڙپڪاريءَ وارو موضوع تي ڳالهائيندي محمد بن سلمان اعلان ڪيو تہ سندن ملڪ آمريڪا ۾ موجود سيڙپ 600 ارب ڊالرن کان وڌائي 10 کرب ڊالرن تائين آڻڻ چاهي ٿو. جڏهن صحافين سوال ڪيو تہ ڇا سعودي عرب وٽ حقيقتاً اهڙي گنجائش آهي؟ تہ هن کليل نموني چيو تہ سعودي حڪومت "نہ آمريڪا ۽ نہ ٽرمپ جي خوشامد لاءِ ڪو جعلي معاشي خواب تخليق ڪري رهي آهي." اهو جواب سعودي عرب جي اقتصادي اعتماد ۽ مستقبل جي منصوبابنديءَ جو اظهار پڻ ڪري ٿو خاص طور تي ويزن 2030 جي پس منظر ۾.

ملاقات دوران ايپسٽين فائلز بابت سوال بہ اڀريو جنهن تي ٽرمپ چيو تہ هن جو جيفري ايپسٽين سان ڪو تعلق ناهي ۽ هن سال اڳ ئي کيس پنهنجي نجي ڪلب مان ڪڍي ڇڏيو هو. ٽرمپ يقين جو اظهار ڪيو تہ هو چاهي ٿو تہ ڪانگريس ايپسٽين فائلز کي عوامي ڪري. هي جواب ڏيکاري ٿو تہ ٽرمپ هر حساس سوال کي سياسي حڪمت عمليءَ سان سلهاڙي مٿائڻ ۾ مهارت رکي ٿو. ٻئي پاسي سعودي عرب جو ابراهيمي معاهدي ۾ دلچسپيءَ جو اظهار ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ عرب دنيا ۾ اسرائيل جي حوالي سان روايتي موقف تي آهستي آهستي نظرثاني ٿي رهي آهي. پر سعودي قيادت لاءِ فلسطيني مسئلو اڃا بہ مرڪزي حيثيت رکي ٿو هن ملاقات مان اهو تاثر بہ ملي ٿو تہ سعودي عرب آمريڪا سان تعلقات کي نئين سطح تي وٺي وڃڻ لاءِ تيار آهي، خاص طور تي چين ۽ روس جي وڌندڙ سفارتي اثر جي پس منظر ۾. ٽرمپ جي واپسيءَ سان واشنگٽن جي خارجہ پاليسيءَ ۾ واضح تبديليون ڏسڻ ۾ اچي رهيون آهن ۽ سعودي عرب جهڙا اهم اتحادي ٻيهر آمريڪي تعاون جي مرڪزيت ڏانهن متوجہ ٿيڻ لڳا آهن.

سعودي- آمريڪا تعلقات هميشہ کان خطي جي سياست جو مرڪزي محور رهيا آهن، پر هن ملاقات مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ ايندڙ سالن ۾ اها وابستگي وڌيڪ مضبوط، گهڻ رخي ۽ گهري ٿي سگهي ٿي. اقتصادي سيڙپ، دفاعي معاهدا، خاشقجي جهڙا حساس انساني حقن جا مسئلا، ابراهيمي معاهدن ۾ سعودي عرب جي ممڪن شموليت- اهي سڀ ڳالهيون خطي جي مستقبل کي هڪ نئين شڪل ڏينديون. خطي جا ملڪ، خاص طور تي وچ اوڀر هن ملاقات کي صرف هڪ سفارتي اچ وڃ نہ پر ايندڙ عالمي پاليسين جي رخ جو ابتدائي اشارو تصور ڪري رهيا آهن. اهو بہ واضح آهي تہ ٽرمپ ۽ محمد بن سلمان جي ملاقات رڳو ٻن اڳواڻن جي ذاتي قربت جو عڪس نہ هئي پر ٻنهي ملڪن جي مفادن جي ڀرپور هم آهنگيءَ جو بہ ثبوت هئي، هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ 10 کرب ڊالر سيڙپڪاريءَ جو اعلان، دفاعي تعاون ۽ ابراهيمي معاهدن بابت سعودي عرب جو موقف مستقبل ۾ ڪهڙي صورت اختيار ڪري ٿو. البت هن وقت آمريڪا ۽ سعودي عرب داخلي ۽ خارجي چئلينجن جي باوجود هڪ ٻئي جي ويجهو اچي رهيا آهن، جنهن جا اثر نہ رڳو ٻنهي ملڪن بلڪ سڄي عالمي نظام تي پوندا.

لطيفي لات ——— شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

اَڳِنَ مَٽِي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِينهَن ڏِٺاءِ؛
ڪُنجُون جي قُفِلَنِ جون، تان ڪنهن لَلِ لِڪاءِ؛
تہ سُياڻي سَنڌِياءِ، ٿِئي ساڙوٺِي سَسُئِي!

(سُر ديسي)

بارن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان

ٻار گهر جي رونق، والدين جو سُڪون ۽ مستقبل جا معمار آهن!


سميرا مختيار

اڄ سڄي دنيا ۾ ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي تہ جيئن ٻارن جي حقن جي تحفظ ۽ بهتريءَ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو وڃي تہ دنيا جي هر ٻار کي محفوظ ۽ پُرسڪون ماحول فراهم ڪيو وڃي ۽ کين پڙهڻ لکڻ ۽ سکڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي گڏيل قومن ٻارن جي ڀلائيءَ ۽ حقن کي فروغ ڏيڻ لاءِ 1954ع ۾ يونيسيف جو ادارو قائم ڪيو هو. جنهن جي ذمي ٻارن جي لاءِ تعليمي سرگرميون، ورڪشاپ، سيمينار رانديون ۽ تقريبون ڪرائڻ شامل آهن ۽ انهن قدمن سان ٻارن کي اهو بهتر ماحول ملي سگهي ٿو جنهن جا اهي حقدار آهن جڏهن 1959ع ۾ ٻارن جي حقن بابت گڏيل قومن جو ڪنوينشن منظور ڪيو ويو هو ان جو مقصد سڄي دنيا ۾ ٻارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ انهن جي حقن کي برابريءَ جي سطح تي آڻڻ هو هن ڪنوينشن ۾ اها بہ منظوري ڏني وئي تہ تعليم سان گڏ ٻارن جو بنيادي حق بہ آهي جو تہ ٻارن جا حق انساني حق آهن ۽ جڏهن اسان سڄي دنيا ۾ نظر وجهون ٿا تہ ڇا اسان ٻارن سان انصاف ڪيو آهي؟ خاص ڪري جڏهن اسان دنيا جي غريب ٻارن تي نظر وجهون ٿا، خاص ڪري ايٿوپيا ۽ آفريقا جي ٻارن کي تہ افسوس ٿئي ٿو تہ انهن ٻارن کي پنهنجن حقن يا بنيادي حقن جي بہ خبر ناهي، خاص ڪري فلسطين ۽ لبنان ۾ ڇا ٿي رهيو آهي هن وقت تائين 30 هزار کان وڌيڪ ٻارڙا شهيد ٿي چڪا آهن ڇا ڪنهن انهن جي تحفظ لاءِ آواز اٿاريو؟ انهن لاءِ ڪجهہ ڳالهايو، رڳو خالي ڳالهيون جاري آهن هر سال وانگر هن سال بہ ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي ۽ هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد اهو آهي تہ هر ٻار کي ان جو حق حاصل آهي بنيادي حق، جنهن ۾ تعليم، صحت، کاڌو ۽ رهائش شامل آهي ۽ اهو دنيا جو

ٿا يا والدين انهن تي ڌيان نہ ٿا ڏين اها افسوسناڪ ڳالهہ آهي جو حڪومتي سطح تي اسان جي ٻارن کي تحفظ نٿو ڏنو وڃي. سڄي دنيا ۾ هڪ ارب ٻار هڪجهڙا غريب آهن تعليم، صحت، رهائش ۽ صفائيءَ جي سهولتن کان محروم آهن هڪ طرف هر سال 30 لک ٻار غذائي کوٽ سبب بنيادي حقن کان محروم آهن.

جيڪڏهن اسان رڳو پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ ڏسنداسين تہ اسان کي ميڊيا ذريعي مختلف رپورٽون ملن ٿيون جن ۾ خاص طور تي نياڻين کي گهرن ۾ تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جن گهرن ۾ ٻارن تي تشدد ٿئي ٿو جسماني يا جنسي زيادتي ٿئي ٿي.

فلسطين ۾ اڄ بہ ٻار پنهنجي بنيادي حقن کان پري آهن پر انهن لاءِ زندگيءَ جو هر لمحو موت جو لمحو آهي. انهن لاءِ نہ گهر آهي، نہ تعليم ۽ نہ ئي بنيادي سهولتون. ان سڀني ڪمن جو ذميوار ڪير آهي؟ ٻارن جي بدحاليءَ جو ذميوار ڪير آهي هتي اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪوبہ ملڪ آواز اٿارڻ جي جرئت نٿو ڪري تہ اسان ٻارن جي محرومين جو ازالو نہ ڪري سگهون؟ پر افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اڄ جا ٻار جيڪي ترقي يافتہ ملڪ آهن. انهن جي روين اڄ جي ٻارن کي نہ صرف ايترو وڏو ڪري ڇڏيو آهي پر انهن کي اخلاقي ماحول ۾ بہ پست ڪري ڇڏيو آهي. سوشل ميڊيا جو گهڻو استعمال ٻارن ۾ بداخلاقيءَ جو سبب بڻجي ٿو اهي سوشل ميڊيا تي پُرتشدد رانديون ڏسن ٿا ۽ پوءِ ان تي

سبب هو؟ ٻارن سان ڪهڙو رويو هو؟ اڄ جي جديد دور ۾ ٻارن کي جديد سهولتن سان گڏ زندگيءَ ۾ ٻاهر وڃڻ جي ضرورت ناهي، اهي انٽرنيٽ تي سڀ ڪجهہ حاصل ڪن ٿا پر ان جي باوجود اها پڻ حقيقت آهي تہ اڄ جا ٻار بہ ماڊرن ٻار آهن، هُنن وٽ هر ڳالهہ جو جواب آهي ۽ هو سڄي دنيا کي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ اسان جا والدين ۽ اسان جا استاد غلط آهن. پر هاڻي نئون ڪلچر شروع ٿي ويو آهي بندوقن ۽ بندوقن سان کيڏڻ جو يعني پب جي گيم، مشن پوسيبل ۽ بندوق ۽ گولين جهڙيون رانديون ٻارن کي تشدد طرف مائل ڪري رهيون آهن ۽ سماج کي بگاڙيو پيو وڃي انهيءَ ڪري والدين جي ذميواري آهي تہ هُو ڏسن تہ انهن جا ٻار هر وقت ڇا ڪري رهيا آهن يا ڇا ڪن ٿا؟ ٻار نہ ڪنهن کي ٻڌن ٿا ۽ نہ ئي ڪنهن کي انهن جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿا. گڏيل قومن جي اداري يونيسڪو پاران ٻارن جي اخلاقي ۽ جسماني تعليم تي خاص ڌيان ڏيڻ لاءِ مختلف معاهدا ڪيا ويا آهن. جن ۾ خواندگيءَ جي راند ۽ ٻارن جي ذهني صلاحيتن بابت آگاهي پروگرام شامل آهن. ٺهنڪري اسان کي اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ اسان انهن

تي ڪڏهن بہ غور نہ ڪيو آهي تہ حڪومت پاران ننڍڙن ٻارن جي مزدوري ڪرڻ تي پابندي آهي، ان جي باوجود سڄي ملڪ ۾ ٻار ڪم ڪندا نظر اچن ٿا، جتي ڪين نہ صرف بدتميزيءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن ڪين تشدد جو نشانو بہ بڻايو وڃي ٿو جنهن ڪري نہ رڳو ٻارن جو ذهني ماحول خراب ٿئي ٿو پر اهي ٻار بہ مختلف ملڪن ۾ گڏيل قومن جي پاليسين کان باغي ٿي وڃن ٿا. پر ان جي ابتڙ غريب ملڪ، گڏيل قومن جون پابنديون ۽ قانون مختلف آهن جڏهن تہ امير ملڪ مڪمل طور تي آزاد آهن. اها ڳالهہ هاڻي نہ رهي تہ سڄي دنيا ۾ ٻارن تي ظلم ۽ زيادتي ٿي رهي آهي ڪي ٻار اهڙا بہ آهن، جن نہ رڳو پنهنجو نالو "گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ" ۾ شامل ڪرايو آهي پر هو ننڍي عمر ۾ اعزازي "پي ايچ ڊي هولڊر" بہ آهن. ان جو هڪ ننڍڙو مثال پاڪستان ۾ ميڊيڪل اسڪولن جي ٻارن جو آهي تہ هڪ ٻار سياڻيءَ جو مستقبل محفوظ ڪري سگهي ٿو. گڏيل قومن موجب صرف هڪ ڏينهن کي ٻارن جي عالمي ڏينهن طور ملهائڻ سان هن سماج ۾ ڪو بہ فائدو نہ ٿيندو پر جيڪڏهن هر پيءُ ۽ هر ماءُ پنهنجي ذميوارين کي محسوس ڪندي پنهنجي ٻارن کي سٺي تعليم ڏين ۽ انهن کي بنيادي حق ڏين. ٻارن سان پنهنجو رويو نرم رکن تہ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهي ٻار بہ سماج جو حصو بڻجي بهتر مستقبل طرف وڌندا.

اڄ جڏهن اسان ٻارن جو عالمي ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون تہ اسان کي پنهنجي ٻارن جي مستقبل تي نظر وجهڻ گهرجي. گڏيل قومن سڄي دنيا جي ٻارن کي برابر جا حق ڏنا آهن. پر فلسطين جا ٻارڙا کُليل آسمان هيٺ زندگي گذارين ٿا. انهن کي نہ گهر آهي ۽ نہ ئي ڪا بنيادي سهولت آهي پر اهي ٻار هڪ مائي ۽

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 134 سال 2025

مسمات ڪريمان ڌيءُ پير محمد ذات مري مسلم بالغ رهاڪو ڳوٺ ميانداد مري ديهه-118 بي او ميرپورخاص تعلقو ۽ ضلعو ميرپورخاص پي ايس ميرپور اولڊ سيل نمبر: 0342-3094289....پلينٽف..خلاف: راڄجهو پٽ ڪيڻل مسلم بالغ ذات مري رهاڪو ڳوٺ دائم مري ضلعو ٽنڊوالهيار پي ايس پيارو لنڊ سيل نمبر 0343-1319368....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر ...... سال 2025

مسمات مهڪ پيرن...پلينٽف..خلاف: محمد انور لانگاهه پٽ نواب خان مسلم بالغ ذات لانگاهه رهاڪو شاهه لطيف چوڪ نانگو لين ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو سيل نمبر 0314-2499226، 0348-1367135....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ رڪوري آف ڊاور امائونٽ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 551 سال 2025

مسمات سڪينه ڌيءُ غلام قادر مسلم بالغ رهاڪو ڳوٺ ديوان ڪوڙو مل ديهه-26 داد تعلقو نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: جواد احمد پٽ علي حيدر خاصخيلي مسلم بالغ رهاڪو علي حيدر خاصخيلي چڪن شاپ تاج ڪالوني نوابشاهه. سيل نمبر: 0328-2405910.....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

فورٿ جڊيشل مئجسٽريٽ اينڊ فيملي ڪورٽ حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1978 سال 2025

مسمات امينه ڌيءُ محمد شريف....پلينٽف..خلاف: نور محمد پٽ غلام بالغ مسلم رهاڪو رمضان ڪالوني ويجهو ميرپور شگر مل ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فورٿ جي ايم اينڊ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-I ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 113 سال 2025

مسمات شمشاد ڌيءُ نور احمد بالغ مسلم ذات دايو رهاڪو ٻهراڻي محلا ضلعو ٽنڊو محمد خان...پلينٽف...خلاف: محمد شهزاد پٽ گل حسن بالغ مسلم ذات دايو رهاڪو بخاري محلا وارڊ نمبر 01 تعلقو ۽ ضلعو ٺٽو سيل نمبر 0316-3775389....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-I ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 167 سال 2025

مسمات ريشمان بيواهه مرحوم عبدالغفور برهماڻي مسلم بالغ رهاڪو ڳوٺ حاجي سوز علي برهماڻي تعلقو دوڙ .....ايپليڪينٽ...خلاف: پبلڪ ايٽ لارج...آپوننٽس

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 7، 10،9 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 ان دي ميٽر آف دي اپائنٽ دي ايپليڪينٽ ايز گارڊين آف دي پرسن آف مائنر نالي: (1) حيدار علي عمر اٽڪل 15 سال (2) ظفر علي عمر اٽڪل 07 سال ٻئي پٽ مرحوم علي دوست لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I هالا
گارڊين ايپليڪيشن نمبر..... سال 2025

عبدالسلام انصاري پٽ عبدالعزيز انصاري بالغ مسلم ذات انصاري رهاڪو انصاري محلا تعلقو هالا ضلعو مٽياري....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) حذيفه سلام انصاري عمر اٽڪل 17 سال (2) آفريا سلام انصاري عمر اٽڪل 14 سال (3) عبدالله سلام انصاري عمر اٽڪل 11 سال سڀ پٽ ۽ ڌير عبدالسلام انصاري جا سڀ مائنر مسلم ذات انصاري محلا تعلقو هالا ضلعو مٽياري ريسپانڊنٽس نمبر 01 کان 3 مائنرز معرفت سندس نيڪسٽ فرينڊ اينڊ ريئل ميٽرنل انڪل شاهد علي، محمد علي پٽ پٽ الهه بچايو ميمڻ بالغ مسلم ذات ميمڻ رهاڪو هالا نيو ضلعو مٽياري (4) جنرل پبلڪ....ريسپانڊنٽس

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 7، 9، 10 ۽ 29 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 01-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي جج-I هالا

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محبوب علي ولد رمضان ڪوسو درخواست ڏني آهي ته سندس پيءُ نالي رمضان ولد محمد صابر ڪوسو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ٻاڻار ٽپو بدين تعلقي بدين سروي نمبر 194 مان هڪ پلاٽ ايراضي 1250 چورس فوٽ پلاٽ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي رمضان ولد محمد صابر ڪوسو جي جائز وارثن جو تالا وارثن جا 1محبوب علي پٽ فوتي جو 2 گورنر پٽ فوتي جو فوت 3 صدام حسين پٽ فوتي جو 4 مسمات نجما ڌيءُ فوتي جي 5 گل بڪاولي ڌيءُ فوتي جي 6 نصرت ڌيءُ فوتي جي 7 شمع ڌيءُ فوتي جي 8 مقدر ڌيءُ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين جاٿايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو.

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب محمد يوسف شورو پٽ يار محمد شورو ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته زمين ڪيٽ نمبر (00-20) 06، (00-50) 08 ٽوٽل ايريا 00-70 ايڪڙ ۾ شيئر 0-50 پئسا ايريا ايز پر شيئر 00-35 ايڪڙز مڪان الهندو چڪرو ديهه ڪوهستان 7/1 تپو جهمپير تعلقو ۽ ضلعو ٺٽو مٿي جاٿايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل جاٿايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب محمد يوسف شورو پٽ يار محمد شورو ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته زمين ڪيٽ نمبر (00-20) 05 ۽ ڪيٽ نمبر (00-02) 02، ٽوٽل ايريا 00-04 ايڪڙز آف مڪان الهندو چڪرو ديهه ڪوهستان 7/1 تعلقو ٺٽو مٿي جاٿايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل جاٿايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي علي احمد ولد ارشد احمد گهر نمبر 503/1 صدر ڪينٽ حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي ڊاڪٽر ارشد احمد پٽ حاجي محمد اسحاق تاريخ 19-10-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 324 مان ٺهيل پلاٽ 15 ۽ 01 ايراضي ٽوٽل 2700 چورس فوٽ ديهه هوٽڪي ٽپو ٽنڊو ڄام تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ جاٿايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) علي احمد (پٽ) (2) مبين احمد (پٽ)، (3) محمد حسنين (پٽ) (4) امنه ارشد (ڌيءُ). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جي ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي محمد سليم ولد عبدالله رهاڪو ڳوٺ قائم ٻير تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي نصير حسين ولد محمد عثمان تاريخ 01-04-2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 25،26،77،78 ايراضي حصي موجب ديهه مولان ٽپو مولان تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ جاٿايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) محمد امين (ڀاءُ) (2)شفيع محمد (ڀاءُ) (3) عبدالرحمان (ڀاءُ) (4)فوتي عبدالله (ڀاءُ) (5)فوتي حاجره (ڀيڻ) (6) رضيه (ڀيڻ) (7) هميرا (ڀيڻ) (8) زرينه (ڀيڻ) (9) زبيده (ڀيڻ) (10) آسيت (ڀيڻ) (11)نظيران (ڀيڻ) (12)مسمات حاجره مورخه 26-05-2018 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث (1) نثار احمد (پٽ)(2)حبيب الله(پٽ) (3) صغران (ڌي) (4) عذره (ڌي) (5)معران (ڌي) جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر عام و خاص ماڻهن کي اطلاع ٿو ڏجي ته هڪ عدد پلاٽ نمبر 0-20 ٽوٽل ايراضي 3.00 ايڪڙ واقع سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ۾ آهي پلاٽ جو نالو ميسرز بسم الله پولٽري اينڊ هيچري آهي ۽ پلاٽ جي مالڪ جو نالو: جناب منظور علي لاکير پٽ محمد سليمان شناختي ڪارڊ نمبر: 1-41205-5089271 مان ان جو پلاٽ نمبر 0-20 ايراضي 3.00 تي ايڪڙ خريد ڪري رهيو آهيان جيڪڏهن ڪنهن به شخص سرڪاري يا نيم سرڪاري اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر دستاويزي ثبوتن سميت سيڪريٽري سائيٽ آفيس منگهوپير روڊ ڪراچي کي اطلاع ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ کانپوءِ سودي جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

طارق قادر پٽ غلام قادر شناختي ڪارڊ نمبر: 35201-9740766-9، ايڊريس: گهر نمبر 218/2 اسٽريٽ نمبر 37 محلا خيابان قاسم فيز-8 ڊي ايڇ اي ڪراچي

عام اطلاع

هر عام و خاص ماڻهن کي اطلاع ٿو ڏجي ته مون پنهنجي فيڪٽري ميسرز مڪ آٽا چڪي پلاٽ نمبر D-12 سائيٽ ايريا ڪوٽڙي ۾ آهي، جنهن جي ڪل ايراضي 0.59 ايڪڙ آهي جيڪو آئون پنهنجي ڀاءُ جناب طارق قادر پٽ غلام قادر شناختي ڪارڊ نمبر: 35201-9740766-9 کي تحفي طور ڏيئي رهيو آهيان جيڪڏهن ڪنهن به شخص سرڪاري يا نيم سرڪاري اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر دستاويزي ثبوتن سميت سيڪريٽري سائيٽ لميٽيڊ منگهوپير روڊ ڪراچي کي اطلاع ڪري، ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ کانپوءِ سودي جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

ياسر قادر لاکير پٽ غلام قادر لاکير شناختي ڪارڊ نمبر: 41306-8426532-5، ميسرز مڪ آٽا چڪي پلاٽ نمبر D-12، S.I.T.E ايريا ڪوٽڙي

عام اطلاع

هر عام و خاص بشمول سمورن لاڳاپيل ادارن، سرڪاري ۽ نيم سرڪاري کاتن کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته لاهور ڊايوسيسن ٽرسٽ ايسوسيئيشن جي طرفان ڪيتري ئي عرصي کان منهنجي موڪل ڊايوسيسن آف حيدرآباد (چرچ آف پاڪستان) کي هيٺ جاٿايل غير متحرڪ جائيدادن لاءِ پنهنجو مجاز نمائندو نگران (Caretaker) ۽ مختار مقرر ڪيو آهي

(i) چرچ مشن ٽرسٽ پراپرٽي، مشن انگلش اسڪول (هائي پگٽ ميموريل گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول) رڪنڊ سٽي سروي نمبر 3534 ايراضي 0-2735 چورس وال واقع وارڊ "اي" جيڪب روڊ تلڪ چاڙهي حيدرآباد.

(ii) چرچ مشن ايسوسي ايشن بمعروف سينٽ فلپ چرچ رهائشي فليٽس، شاپنگ سينٽر وغيره رڪنڊ سٽي سروي نمبر 2870 ايراضي 0-11126 چورس وال واقع وارڊ "اي" جيڪب روڊ تلڪ چاڙهي حيدرآباد.

اهو ته منهنجي موڪل ۽ لاهور ڊايو سيسن ٽرسٽ ايسوسيئيشن جي ذميوارن جي ڄاڻ ۾ آيو آهي ته ڪجهه مفاد پرست شخص پنهنجن ڪڌي ڪم جي تڪميل لاءِ ڪجهه بااثر شخصن سان گڏجي مذڪوره جائيداد جي ناجائز ۽ غير قانوني ذريعن سان وڪري جي سازش ڪري رهيا آهن. انهن شخصن جو منهنجي موڪل ڊايو سيسن آف حيدرآباد سان ڪوبه تعلق نه آهي ۽ نه ئي لاهور ڊايوسيسن ٽرسٽ ايسوسيئيشن سان.

مٿي جاٿايل ٻئي ادارا انهن سازشي فردن کان لاتعلقي جو اظهار ڪن ٿا ۽ عام و خاص شخص، لاڳاپيل ادارن ۽ کاتن کي آگاهه ڪريون ٿا ته مٿي جاٿايل جائيداد جي غير قانوني ۽ ناجائز خريد ۽ وڪري جي عمل کان پاسو ڪن ۽ ان جي حصي ۾ ڪو ٿي سٽي سروي آفيسر سٽي حيدرآباد ۽ سب رجسٽرار حيدرآباد الرٽ رهن.

جيئن ته جاٿايل ملڪيتون ڪيترن ئي ڏهاڪن کان منهنجي موڪل جي قانوني طبعي قبضي ۽ اختيار ۾ آهن ۽ هو ان جي سمورن ڪمن معاملن، مالي معاملن، انتظامن وغيره وغيره کي ڏسندو رهي ٿو لاهور ڊايوسيسن ٽرسٽ ايسوسيئيشن مٿي جاٿايل ملڪيتن جي جانشين (Successor) جي طور تي مڪمل طور تي ان جو مالڪ آهي مٿي جاٿايل ملڪيتون بلا استثنا مسيحي برادري جون آهن.

جيڪڏهن ڪوبه شخص، اداري يا بلڊر انهن کي خريد ڪرڻ جو حصو بڻجي ٿو ته هو پنهنجي غير قانوني عمل جو پاڻ ذميوار هوندو ۽ ان خلاف مروج پاڪستاني قانون تحت سخت تاديبي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

المشتهر:
خورشيد احمد شيخ ايڊووڪيٽ
آفيس نمبر 8 باسر چيمبرز
ويجهو حيدر چوڪ گاڏي کاتو
حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

پروڪليميشن آف سيل انڊر آرڊر XXI رول 66 آف دي ڪرو
(روبرو جناب لوسلان جعفري)
سيڪنڊ سينئر سول جج حيدرآباد
فرسٽ ڪلاس سوٽ نمبر 783 سال 2021

(1) مسمات شمع حنيف بيواهه محمد حنيف قريشي رهاڪو هائوس نمبر 30/2 محلا گارڊن G.W Pritive روڊ ڪراچي سائوٿ (2) مسمات صدف جمال ڌيءُ مرحوم محمد حنيف قريشي زال جمال رهاڪو هائوس نمبر 160 ويجهو زميندار هوٽل نيو گوليمار ڪراچي (3) مسمات صبا نعيم ڌيءُ مرحوم محمد حنيف قريشي زال ايم. نعيم الدين قريشي رهاڪو فليٽ نمبر 109 محلا قريشي ڪالوني گل بهار روڊ ڪراچي سينٽرل (4) مسمات نمرا فرقان ڌيءُ مرحوم محمد حنيف قريشي زال فرقان احمد رهاڪو هائوس نمبر 12 رفيق منزل رام سوامي ڪراچي نارٿ (5) سحر فرحان ڌيءُ مرحوم محمد حنيف قريشي ڌيءُ فرحان احمد رهاڪو فليٽ نمبر 59/23 محلا لياقت ڪراچي سينٽرل...پلينٽف...خلاف: (1) مسمات شاهده حنيف بيواهه (2) محمد آفاق (3) محمد شيراز (4) مسمات رائما (5) مسمات عروج (6) محمد دانيال سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم محمد حنيف قريشي رهاڪو هائوس نمبر 18 ناڳا شاهه گاڏي کاتو حيدرآباد. بي ايڊريس: سي ايس نمبر 911 وارڊ "ايف" ڏنل شاهه جو پڙ حيدرآباد (7) دي مختيارڪار سٽي/ سٽي سروي آفيسر وارڊ "ايف" حيدرآباد (8) اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي حيدرآباد (9) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو شهباز بلڊنگ ٿڌي سڙڪ حيدرآباد (10) سب رجسٽرار رجسٽريشن سٽي آفيس واقع ايٽ ويجهو راڻي باغ ٿڌي سڙڪ حيدرآباد (11) شمس الدين شيخ ايڊووڪيٽ (12) عتيق بٽي مسلم بالغ ٽيننٽ آف سي ايس نمبر 911 وارڊ "ايف" ڏنل شاهه جو پڙ حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

عدالتي حڪم موجب هي غير منقوله ملڪيت جيڪا هيٺ ڏنل شيڊول ۾ بيان ٿيل آهي کليل نيلامي ۾ وڪرو ڪئي ويندي تنهنڪري هن اشتهار وسيلي عام ماڻهن کي اطلاع ڏجي ٿو ته هو پاڻ يا پنهنجو مجاز نمائندو موڪلي نيلامي ۾ حصو وٺي سگهن ٿا نيلامي جي ڪارروائي 25-11-2025 تي منجهند 00-12 وڳي مقرر آهي نيلامي سائيٽ تي ٿيندي.

پراپرٽي جو شيڊول
سٽي سروي نمبر 911 ايراضي 7-50 اسڪوائر يارڊ وارڊ ايف ڏنل شاهه جو پڙ حيدرآباد

سيل جا شرط ۽ ضوابط
(1)واڪ ڏيندڙ نيلامي ۾ حصو وٺڻ لاءِ 100000 روپيا ڪراس چيڪ جمع ڪرائڻ جا پابند هوندا جنهن سان CNIC جي فوٽو ڪاپي پڻ شامل هوندي واڪ ۾ ڪاميابي نه ملڻ جي صورت ۾ ڪيس رقم واپس ڪئي ويندي
(2)ملڪيت جي قيمت جيڪا مختيارڪار روينيو سٽي حيدرآباد پاران لڳائي وئي آهي -/7100000 لک روپيا (II)سيال رئيل اسٽيٽ پاران -/7800000 کان -/8000000 لک روپيا (III) پائر رئيل اسٽيٽ پاران -/7500000 لک روپيا
(3)واڪ رقم ۾ اضافو نيلامي ڪندڙ آفيسر طئي ڪندو
(4)وڌيڪ واڪ ڏيندڙ کي خريدار قرار ڏنو ويندو بشرط قانوني طور تي واڪ ۾ حصووٺڻ جو اهل هجي جيڪڏهن مجاز آفيسر سمجهي ته ڏنل سڀ کان وڏو واڪ گهٽ قيمت آهي ته اهو واڪ رد ڪري سگهي ٿو
(5)مجاز آفيسر رول 69 آرڊر 21 سي پي سي تحت نيلامي ملتوي ڪرڻ جو مجاز هوندو
(6)وڌيڪ واڪ ڏيندڙ خريدار مڪمل واڪ جو 25 سيڪڙو رقم چيڪ يا پي آرڊر جي جمع ڪرائيندو باقي 75 سيڪڙو 15 ڏينهن اندر ادا ڪندو جيڪڏهن خريدار مقرر مدت اندر مڪمل رقم ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ته ڪيس نااهل قرار ڏنو ويندو ۽ -/100000 لک روپيا وارو جمع چيڪ ضبط ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته فوتي غلام شبير ولد تاج محمد مزاري وينل گلشن مدينه ڪالوني ميهڙ جيڪو مورخه 6/10/2010 تي فوت ٿي ويو هو هن جي نالي تي هڪ عدد رهائشي جاءِ آهي پلاٽ سروي نمبر 591/156 مان 1600 فوٽ ۽ پلاٽ سروي نمبر 591/155 مان 200 فوٽ ٽوٽل 1800 فوٽ آهي جيڪا جاءِ گلشن مدينه ڪالوني ديهه ڪسيرو ميونسپل ميهڙ ۾ آهي جڏهن ته فوتي غلام شبير ولد تاج محمد مزاري جا هيٺيان شرعي ۽ قانوني وارث آهن جن مان هرهڪ: 1) زوهيب علي (پٽ) (2) شعيب علي (پٽ)(3) شاهده (ڌي) (4) ناهيد بختاور (ڌي) (5) نظيران زال فوت ٿيندڙ غلام شبير ولد تاج محمد مزاري جي سندس وارث فوتي ڪاتو متائڻ چاهين ٿا اگر ڪنهن کي ڪو اعتراض هجي ته پنهنجو اعتراض داخل ڪرائين نه ته فوتي جو ڪاتو سندن مٿي ذڪر ڪيل وارثن جي نالي تي متايو ويندو

زوهيب علي (پٽ) (2) شعيب علي (پٽ)(3) شاهده (ڌي) (4) ناهيد بختاور (ڌي) (5) نظيران زال

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجا ڪاغذ پڪي رجسٽري ايراضي 4500 سو اڪرين چار هزار پنج سو چورس فوٽ جي حيدرآباد کان مورو ايندي گم ٿي وئي آهي جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي هٿ اچي ته هيٺين نمبر تي اطلاع ڏئي ته مهرباني رجسٽري نمبر 1687 تاريخ 4/9/2019 جي آهي.

سريش ڪمار لوهاڻه ولد واسومل لوهاڻه وينل حال مورو

بقايا 1 ٻه ڄڻا فوت

راولپنڊي کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ گڏهه کي بچائيندي ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪوڪر محلا حيدرآباد واسي هڪ عورت 40 ساله عظمیٰ زال معشوق هوت بلوچ ۽ هڪ مرد راولپنڊي واسي 38 سال عاصم سعيد ولد محمد سعيد فوت ٿي ويا. جڏهن ته چار ڄڻا جنهن ۾ ڪراچي واسي ڪامران احمد رند ، رخسانه بلوچ ، حيدرآباد واسي عابده قريشي ، شمشاد زخمي ٿي پيا آهن زخمين کي تعلقه اسپتال سڪرنڊ آندو ويو زخمين کي اسپتال آڻڻ بعد سرڪاري اسپتال سرنج ، پايوڊين ۽ پٽي نه هئڻ جنهن سبب مريض تڙپندا رهيا. جنهن ۾ تعلقه اسپتال سڪرنڊ جي ايم ايس يوسف مگسي پنهنجي کيسي سان 2 هزار روپين جو دوائون گهرائي مريضن جو علاج ڪيو جڏهن ته زخمين کي سندن وارث کڻائي ويا. جڏهن ته واقعي واري جاءِ تي اسسٽنٽ ڪمشنر سڪرنڊ رميز راڄا پهچي بس ۾ ڦاٿل مسافرن کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي جڏهن ته فيصل ڪوچ مورو جي مئنيجر عبدالستار راڻا پهچي مسافرن کي متبادل ٻئي ڪوچ ۾ روانو ڪيو ۽ جڏهن ته فوت ٿيل ۽ زخمين کي سندس وارثن ڏانهن پهچائڻ ۾ مدد ڪئي.

بقايا 2 نينگر زخمي

طرف اينڊڙ 14 سالا معصوم نينگر عقيب الرحمان سومرو کي فتح واهه شاخ ويجهو سال پڙهي مان اينڊڙ چونڪائي سال چپيائي ڇڏيو جنهن کي نينگر ٻيڙ ۾ ڌڪ لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور تعلقا اسپتال ميرپوربٺورو آندو ويو جتي کين ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي، نينگر جي وارثن پاران سال پڙهي انتظاميا ۽ آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ ڪورٽ سگهوري ۾ هن احتجاجي معاملي تي درخواست داخل ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو آهي واضح رهي ته مين بس اسٽاپ کان شهر طرف اينڊڙ ويندڙ رستي تي سالوندن جي لاپرواهي سبب اڳ به ڪيترائي ماڻهون زخمي ٿي چڪا. شڪايتن باوجود سال پڙهي انتظاميا سميت اختيارين ڪو به نوٽيس نه ورتو آهي

بقايا 3 سامان سڙي رک

۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي هن چيو ته تقريبن پنج لک کان مٿي جو نقصان ٿيو آهي وڏو نقصان ٿيو آهي زندگي گذارڻ ٻچڙن کي سنڀالڻ گهر جو چرخو هلائڻ لاءِ اهو دوڪان ئي سهارو هو جيڪو سڙي ويو آهي وس وارا مدد ڪن ته جيئن ٻيهر دوڪان کولي سگهان

بقايا 4 ڦري ويا

ڦر جا تفصيل وٺي، ڦورن جي تلاش شروع ڪري ڇڏي سيڊارجا پنهنجي پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڦر جي مڪمل معلومات حاصل ڪري ڦورن جي تلاش شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ تمام جلد ڦر ٿيل روڪ رقم، موبائيل فون واپس ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري متاثرين کي انصاف فراهم ڪري پوليس جو عوامي اعتماد بحال ڪيو ويندو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو به ڪيس داخل ٿي نه سگهيو

بقايا 5 لاڏاڻو ڪري ويو

سياسي سماجي شخصيت، ٽائون ڪميٽي ٽنڊوڄام جو ٻهريون چيئرمين مير شاهه محمد ٽالپر جو والد مير غلام اڪبر خان ٽالپر ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو

بقايا 6 جنازو ڪيي ريلي

جتوئي، جتي ڪمان تنوير سولنگيءَ ايڊووڪيٽ گلزار خاصخيلي، عديل پنهور رميز ابڙو سميت وڏي انگ شرڪت ڪئي

بقايا 7 اين سي داخل

وٺي آهي ٻڌايو پيو وڃي ته گم ٿيل نوجوانن جو تعلق ڪنڊيارو ڀرسان ڳوٺ پيرل لاکو سان آهي جيڪي ڪنڊيارو شهر جي ڪلدار پور محلا ۾ پيٽرول تي مزدوري ڪندا آهن هوڏانهن آخري اطلاعن تائين گم ٿيل نوجوانن جو ڪوبه پتو نه پئجي سگهيو

بقايا 8 متاثر جو احتجاج

عباسي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو آهي ته پائيٽي بااثر ويا جين سان ملي منهنجو مٿو ڪوڙي تذليل جو نشانو بڻايو آهي پائيٽي سميت ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف پيرگوٺ پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار فراز کي گرفتار ڪيو هو وارث پاڻ نهي ويا جنهن ڪانپوءِ ڪيس آزاد ڪيو آهي

بقايا 9 باهيون روڊ بلاڪ

ڪلاڪ ڌرڻو ٽريفڪ معطل خبر موجب عمرڪوٽ کان ڇاڇرو مٺي ننگرپارڪر سميت مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ روڊ جي آبادي وارن مڪ علائقن تي اسپيڊ بريڪر نه هجڻ خلاف علائقي جي سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪري ٽائرن کي باهيون ڏيئي 4 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو

بقايا 10 اين سي داخل

لکين روپين ماليت جي چوري ٿي آهي ڪٽڪ جي پوکائي ٽائيم پاڻي جي بورينگ تي لڳل سولر پليٽون ۽ انورٽر چوري ٿيڻ سبب ڪاهيل فصل کي نقصان

رسندار هن ڪ ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي چوري واپسي ڪرائي ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا 11 متاثر جو احتجاج

تي يرغمال ڪري نئي سي ڊي موٽرسائيڪل، روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪئي، نوجوان پاران مزاحمت ڪرڻ تي هٿيارٻند ڦورن پسٽل جي گولي نوجوان جي ٽنگ ۾ هڻي کيس زخمي ڪري فرار ٿي ويا، نوجوان پاران ڪڪڙ ٿاڻي پهچي ڦر جي رپورٽ داخل ڪرائي پر پوليس روائتي سستي جو مظاهرو ڪندي ڪک پڇين بيٺو ته ڪيو هوڏانهن متاثر زخمي نوجوان پاران ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺي ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪري موٽرسائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا 12 کلي ڪچهري

شڪايتون ڪيون جنهن جي حل لاءِ لکت ۾ درخواستون پڻ ورتيون ويون

بقايا 13 مظاهرو

مُڪيش شاهنواز خواجا ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته ٽنڊوڄام جي يونين سيڊ ڪمپني لاڙ پٽ سميت سنڌ جي مختلف شهرن جي ٻج جي ڊيلرن ۽ واپارين سان ڪي ڪروڙ روپين کان مٿي جو فراڊ ڪيو آهي

بقايا 14 احتجاجي مظاهرو

ايريگيشن عملي جي ملي ڀڳت سان شاخ تي لفٽ مشينون، صيفل ۽ ٽوڙا هڻي پاڻي پنهنجي زمينن ڏانهن موڙين ٿا

بقايا 15 ڪارروائي

سٽي جي قيادت ۾ ڪئي وئي گڏيل طور تي ڪارروائي ۾ غير قانوني تعميراتي ڪم فورن بند ڪرايا ويا ۽ ملوث ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو

بقايا 16 آگاهي سيشن

آئيني ۽ قومي اهميت تي تفصيلي روشني وڌي، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن کي ووٽر رجسٽريشن، مقرر عمر جي حد، شناختي ڪارڊ جي اهميت ۽ پولنگ جي طريقيڪار بابت به جامع آگاهي فراهم ڪئي وئي

بقايا 17 اي ڊي سي

ته رائس مل مالڪن ۽ آبادگارن وچ ۾ گهٽي پاڻي مسئلا حل ٿي چڪا آهن روينيو کاتو ۽ ماپ تور وارو کاتو ڪنهن به شڪايت اچڻ جي صورت ۾ بروقت رائس مل جا ڪانٽا چيڪ ڪيا ويندا

بقايا 18 امام الدين شوقين

۾ اسڪول جي نئين تعمير ٿيل ڪمري جي افتتاح ڪرڻ جي تقريب پرنسپل ميڊم راحيلا انور ميمڻ جي ميزباني هيٺ منعقد ڪئي وئي

بقايا 19 راشد محمود

ٿئي ديني مدارس امت جي فڪري، روحاني ۽ علمي سرچشمون آهن ۽ اهي جيئن ماضي ۾ دين جي حفاظت جا قلعو رهيا،

بقايا 20 قادر مگسي

جسڪاڻي کي دوکي سان شهيد ڪيو ويو بهادر پٽ وطن خاطر شهادت ڏيندا آهن انهن جي ڦڙي ڦڙي جو حساب ڏيندو شهيد الطاف جسڪاڻي جي قاتلن کي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو ته مذمت ڪبي

بقايا 21 سڪرسان ملاقات

تنظيم جي ڪوشش کي ساراهيو.هيومن رائٽس يونٽي فائونڊيشن جي اڳواڻن شهر ۾ وڌندڙ جرائم کي روڪڻ لاءِ سيف سٽي سکر جي قيام جو تجويز پيش ڪئي.

بقايا 22 اچا به پڙڪيل

ساٿهن موجب علائقي ۾ پوليس جي گشت جي کوٽ چورين ۽ ڦرن کي روزانو جو معمول بڻائي ڇڏيو آهي

بقايا 23 مارجي ويو

کيو ويو جتي عابد ڪوسو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته عبدالصمد ڪوسو کي سيريس حالت ۾ نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 24 لاڏاڻو ڪري ويو

سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾" شرڪت ڪئي مرحوم پوئينرن ۾ چار پٽن ۽ ڪن نياڻين کي سوڳوار ڇڏيو آهي

بقايا 25 منعقد ڪئي وئي

شهدادپور زاهده سندن آجيان ڪئي پنهنجي خطاب ۾ ڊي آءِ جي فيصل بشير پاسنگ آئوٽ ٿيندڙ ريڪروٽس ۽ آفيسرن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته پوليس جو صوبي ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۽ دهشتگردي جي خاتمي ۾ اهم ڪردار آهي

بقايا 26 11پمپس سيل

حيدر ،هوسڙي، ٽنڊو فضل، ٽنڊو عالم مري ۽ سيري ۾ غير قانوني پيٽرول ۽ ڊيزل جي 11 غير قانوني پيٽرول پمپن کي بروقت سيل ڪري ڇڏيو

بقايا 27 وفات ڪري ويو

اصغر چانڊ ، ضلعي ڪائونسل ميمبر سردار محمد خان نائچ ، سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شريڪ ٿيا

بقايا 28 افتتاح ڪيو

انصاري سول ڪورٽ لڪي پهتو ته لڪي بار جي وڪيلن مٿس گلن جي ورکا ڪندي سندس شاندار آجيان ڪئي، ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالڪريم انصاري لڪي سول ڪورٽ جي نئين تعمير ٿيندڙ عمارت جي پيڙهه جو پٿر رکي دعا پڻ گهري. جنهن بعد سيشن جج عبدالڪريم انصاري سول ڪورٽ جي هلندڙ مرمتي ڪم جو جائزو ورتو

بقايا 29 لياقت جتوئي

جتوئي واضح موقف اختيار ڪندي چيو ته 27هين ترميم ڪنهن به صورت ۾ سنڌ ۾ قابل قبول نه آهي

بقايا 30 تماشائي بڻيل

سان ريتي جي کوٽائي ڪري کڻائڻ جو سلسلو وڏي عرصي کان بند نه ٿي سگهيو آهي ريتي کڻڻ لاءِ وڏا کڏا کوٽڻ سبب برسات جو پاڻي گڏ ٿيڻ سبب معصوم ٻارڙن ۽ جانورن جون زندگيون پڻ داءُ تي لڳل آهن

بقايا 31 عورت فوت

عورتون ٻهه بار ۽ رڪشو ڊرائيور رڪشو ڪلٽي ٿيڻ سبب هيٺ ڪري پيا ۽ سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ هڪ عورت ڪيهن ورهين جي مسمات مجيدان زال رهاب اوڳاهي ڦٽڻ جي فوت ٿي ويئي جڏهن ته ماڻي بشيران. ماڻي شهزادي. مسمات لالي ۽ رڪشو ڊرائيور عبدالسبحان اوڳاهي سخت زخمي ٿي پيا جن کي سندس وارث کڻائي غوثپور جي سرڪاري اسپتال ۾ آيا ته اسپتال اندر ڪوبه ڊاڪٽر موجود نه هيو

بقايا 32 عورت فوت

هنيو جتي عورت موقعي تي فوت ٿي وئي جڏهن ته سندس پٽ زخمي ٿي پيو زخمي کي سول اسپتال داخل ڪيو ويو جڏهن ته فوتي عورت جو لاش قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا 33 موبائل فون ڦر

امداد شيخ جي ڪاٽي تان رياض شيخ کان ڏيڍ لک ڪيش رقم ٻه عدد موبائيل فون هڪ عدد شناختي ڪارڊ ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا .

بقايا 34 عامر نواز وراڻيچ

ته سنڌ جو نمڪ ڪارو آهي ڌرتي جي وحدانيت عزيز آهي مڪار بزدل حڪمرانن جي سازشن جو مهاڏو اٽڪيو ويندو هن چيو ته 26 ، 27 ترميم ذريعي اسان جي آزاد عدليه تي وار ڪيو ويو سينئر ججز جي جاءِ تي پنهنجا جونيئر ججز مقرر ڪري انصاف ڏيندڙ ادارن کي ورهايو ويو هيٺئر 28 ترميم آڻي سنڌ ڌرتي تي وار ڪري ڌرتي کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جي سازش تيار ڪئي پئي وڃي پر اسان ٿيڻ ڪونه ڏينداسين ان موقعي تي تقريب ۾ ڳالهائيندي قمبر شهدادڪوٽ بار جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو چيو ته اسين قمبر شهدادڪوٽ جا سڀئي وڪيل سنڌ جي جديد دوڙي ۽ هيمو ايڊووڪيٽ عامر وراڻچ سان ماضي جيان هن هلندڙ جدوجهد ۾ به گڏ آهيون ۽ گڏ رهنداسين ماضي ۾ به گڏيل جدوجهد وسيلي سنڌو دريا ۽ ان جي پاڻي کي بچايو سين هاڻي ۾ گڏجي آزاد عدليه جي حرمت سنڌ صوبي جي وحدانيت ۽ آئيني ترميمن جي خاتمي لاءِ جاکوڙيندا سين پنهنجي عدليه ۽ ڌرتي ماءُ جي حفاظت لاءِ جدوجهد ڪندا سين ٻئي طرف هن کان اڳ جڏهن وڪيلن جو قافلو بار آفيس پهتو ته وڪيلن سندن شاندار استقبال ڪيو مٿن گلن جون پتيون نڇاور ڪيون ۽ معزز مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن ٽوپين ٽوڙي گلن جا تحفا پيش ڪيا ويا تقريب ۾ ٻين ڪانسواءِ سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر ايڊووڪيٽ حسيب جمالي ايڊووڪيٽ ڪي بي ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ ايڊووڪيٽ ساجد ميرجت ۽ ايڊووڪيٽ راجا رجب مگسي سميت وڪيلن جي هڪ وڏي انگ پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 35 ڪينسر ۾ مبتلا

علاج نه ڪرائي سگهيا آهن جنهن ڪري بيماري وڌيڪ وڌڻ لڳي آهي علي شير ترڪ گهر جو واحد سهارو هو ۽ بيماري سبب مزدوري نه ڪري سگهڻ ڪري خاندان سخت مالي تنگيءَ ۾ مبتلا آهي دوا ۽ علاج جا خرچ برداشت ڪرڻ مشڪل ٿي پيا آهن ۽ گهر ۾ پريشاني وڌي وئي آهي علي شير ترڪ جا معصوم ٻارڙا روز پنهنجي پيءُ ڏانهن اميد سان ڏسن ٿا ۽ ڪنهن مسيحا جي ايندڙ مدد جا منتظر آهن. علي شير ترڪ جا معصوم ٻارڙا مٽيارين جي چونڊيل نمائندن توڙي مخير حضرات کان مطالبو ڪيو ته اسان جي بابا علي شير ترڪ جي علاج ۾ مدد لاءِ اڳتي وڌن ، جيئن هن جو علاج وقت سر جاري ٿي سگهي ۽ هو پنهنجي خاندان جو ٻيهر سهارو بڻجي سگهي.

بقايا 36 زبير ٽالپر

ڪرشنگ شروع نه ڪرڻ خلاف 24 نومبر تي حيدرآباد ۾ احتجاج جو سڏ ڏئي ڇڏيو سنڌ آبادگار اتحاد جي صدر نواب زبير احمد ٽالپر چيو آهي ته نومبر ختم ٿيڻ وڃي پيو مگر ڪمند جي پيڙائي اڃان تائين شروع نه ڪئي وئي آهي جيڪي شگرملون آڪٽوبر ۾ هلڻ ڪينديون هيون اهي نومبر جي اڌ گذري وڃڻ باوجود نه هلايون ويون آهن هن وڌيڪ چيو ته پنجاب ۾ ڪجهه ملن پيڙائي شروع ڪري ڇڏي آهي مگر سنڌ ۾ ساڌار آهي هن چيو ته جڏهن کنڊ جو اگهه 120 روپيا ڪلوگرام هو تڏهن ڪمند 400 کان 500 روپيا من خريد ڪيو ويو هو اڄ جڏهن کنڊ 230 روپين کان ٽپي وئي آهي تڏهن به ڪمند جو اگهه 400 روپيا ڏنو پيو وڃي جيڪو قدر آبادگار جو معاشي قتلام آهي جڏهن ڪمند نه ٽڪرندو ته ڪٽڪ ڪٽڻ پوکبي پهرين ڪٽڪٽڻيءَ سارين بعد هاڻي وري ڪمند جي اگهه ۾ زيادتي ڪئي پئي وڃي هن چيو ته هميشه سنڌ ۾ ڪمند جي پيڙائي اڳڀائي شروع ٿيندي آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ ڪمند جو فصل پهرين صوبن کان اڳڀائو رهندو آهي سنڌ آبادگار اتحاد ان سلسلي ۾ سنڌ هائيڪورٽ ۾ پڻ پٽيشن داخل ڪري ڇڏي آهي سنڌ آبادگار اتحاد چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر 24 نومبر تائين شگرملون نه هليون ته پريس ڪلب حيدرآباد آڏو 24 نومبر تي ٻنپهرن جو 12 بجي ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 37 ورسي ملهائي

بيدردي سان قاسم آباد ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو قتل ڪيو ويو 10 سال گذرڻ باوجود ان جا قاتل اڃان تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن هنن چيو ته شهيد انور جا قاتل سنڌ جي حڪمران جماعت پيپلزپارٽي آهي ۽ هنن چيو ته شهيد انور لغاري سچو ۽ آدرشي انسان هو سندس جدوجهد سنڌ جي مظلوم مسڪين ماڻهن جي خوشحالي لاءِ هئي هنن چيو ته سنڌ ڏکي حالتن مان گذري پئي سنڌ کي ورهائڻ لاءِ قانونسازي ڪئي وئي آهي جنهن کي سنڌ جا ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا هنن چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳ ٿي آئين سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ لاءِ عملي جدوجهد ڪرڻ پوندي

بقايا 38 مطالبو

سوالي نشي ۾ ڌت ٿي ڪري اسان سان هر روز جهڳڙو وغيره ڪندا رهندا آهن اسان ايس ايس پي ٿرپارڪر ايس ايڇ او ڊانو ڌانڌل ننگرپارڪر اپيل ٿا ڪريون ته اهڙن سوالين جي خلاف قانون ڪارروائي ڪري ڳوٺاڻن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 39 دعوي

جي دعوا ڪئي آهي ياد رهي ته ٻنهي ڌرين ۾ ٻه ڄڻا مارجي چڪا آهن

بقايا 40 دعوي

ٽارون هٿ ڪري ورتيون ۽ 15 کان وڌيڪ چور ڪيڪر ڪوڏرون ۽ ڪهاڙيون ڇڏي

بقايا 41 ڪٺ ڪيو ويو

سماجي شخصيتون جن ۾ رئيس رحيم بخش زرداري رئيس طارق علي زرداري ۽ ٻيا معزز فيصلي ۾ شريڪ ٿيا

بقايا 42 وينز متحرڪ

مرحلي "(INVR-5)"جي پيش رفت جو جائزو ورتو ويو

بقايا 43 بائيڪاٽ ڪيو

ايندڙ ماڻهو سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهن.

بقايا 44 معائنو ڪيو

نبي چنڊ کيس شعبن بابت تفصيلي بريف ڪيو ۽ کيس اهو پڻ ٻڌايو ته سينٽر ۾ هن وقت سنڌ جي مختلف ضلعن جا 27 سئو کان وڌيڪ ٻار رجسٽرڊ آهن جن کي رت، دوا ۽ ڪائونسلنگ مفت فراهم ڪيو ويندو آهي بريفنگ ۽ معائني دوران ڊاڪٽر مدثر حسين ڊومڪي انتظامن سميت ڪم ۽ انتظاميه جي خلوص دل سان ڪم ڪرڻ کي ساراهڻ سان گڏ کين مختلف شعبن جي حوالي سان بهتر مشورا پڻ ڏنا هن وڌيڪ چيو ته ماشاء الله سينٽر هر حوالي سان بهتر ڪم ڪري رهيو آهي ان شاء الله ضلعي صحت کاتي جو هن اداري سان مڪمل سهڪار رهندو معائني دوران ڊي ايڇ او ۽ مختلف وارڊن ۾ وڃي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات ڪري سندن عيادت پڻ ڪئي ان موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جو انفارميشن سيڪريٽري قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هو ان کان اڳ سينٽر پهچڻ تي ٿيليسيميا فائيٽر نافع علي ڊاڪٽر مدثر حسين ڊومڪي کي گلدستو پيش ڪري سندس آجيان ڪئي :

بقايا 45 تقسيم ڪيا ويندا

پرعزم ڏسجن پيون تماشائين ۾ به فائنل مئچ لاءِ خاص جوش ۽ بيچيني پيدا ٿي وئي آهي ۽ وڏي انگ ۾ ماڻهن جي گرائونڊ تي اچڻ جو امڪان آهي مقابلي جي ونر ٽيم کي ٽرافي ۽ ڪيش انعام ڏنو ويندو جڏهن ته رانديگرن جي حوصله افزائي لاءِ اسڪول جي پرنسپل ۽ استاد پڻ موجود هوندا ڪرڪيٽ جي شوقينن لاءِ اڄ جو ڏينهن خاص ۽ فائنل مئچ وڏي دلچسپيءَ جو مرڪز بڻيل آهي

بقايا 46 عمره سمون

تيار آهيون. هنن وڌي چيو ته هڪ طرف ملڪ ۾ 26هين ۽ 27هين آئيني ترميم خلاف وڪيل سياسي ۽ سماجي ڌرين جا احتجاج جاري آهن ته ٻي طرف ان دوران حڪمرانن جا بيان شروع ٿي ويا آهن

بقايا 47 ڇاپو ۾ رڌل

ڪارروائي ڪندي اڳڙا پوليس جي ڳوٺ ولي محمد ٽنيو ۾ ليڊيز پوليس سميت شڪيل قريشي جي گهر ۾ هلندڙ مبينه منشيات جي اڏي تي ڇاپو هڻي منشيات هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪندي سندس جي ملان ڪيس داخل ڪري ورتو آهي ۾ منشيات فروش فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب رابطو ڪرڻ تي اڳڙا پوليس ٻڌايو ته اطلاع هيو ته اڳڙا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ولي محمد ٽنيو ۾ شڪيل قريشي نالي پنهنجي گهر اندر منشيات جو ڪاروبار ڪري رهيو آهي تنهن جي ڪري گهر اندر هلندڙ منشيات جي اڏي تي ڇاپو لڳايو ويو جنهن وٽان وڏي تعداد ۾ پنڪ هٿ آئي آهي جوابدار پوليس کي ڏسي فرار ٿي ويا ۾ انهن خلاف منشيات رکڻ ۽ وڪڻڻ جو سنڌن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جلد جوابدارن کي به گرفتار ڪيو ويندو واضح رهي ته ايف آءِ ۾ چار ڄڻا چاڙهايا ويا آهن ۾ گرفتاري ڪابه نه ٿي سگهي

بقايا 48 منصوبن جو آغاز

ڪائونسلر نذير احمد گوپانگ، سيڪريٽري بلاول گڏاڻي، سرور سومرو افضل ملڪ سميت ٻيا معزز شخصيتون به موجود هيون يوسي چيئرمين وڌيڪ چيو ته يو سي 8 ۾ هن وقت گهٽين گهٽين ۽ پاڻي جي نيڪال واري نظام جي بحالي ۽ ٽٽل رستن جي مرمت جو ڪم تيزي سان جاري آهي علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته سالن کان گهٽين ۾ گندو پاڻي جمع رهڻ نڪاسيءَ آب جو غير فعال نظام ۽ ٽٽل رستا شهرين جي روزمره زندگي کي مشڪل بڻائي ڇڏيو هو رهاڪن ٻڌايو ته هٽ روزانو گندو پاڻي بيٺل هجڻ سبب نماز پڙهڻ ويندڙ ۽ اسڪول وڃندڙ ٻارن ۽ وڏن کي سخت مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پوندو هو اهڙي صورتحال ۾ ترقياتي منصوبن جو آغاز علائقي جي ماڻهن لاءِ وڏي خوشخبري کان گهٽ ناهي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه دوران چئرمين محمد اجمل ملڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوامي جماعت رهي آهي

بقايا 49 چيئرمين

وڌيڪ سهولت مهيا ڪرڻ خاطر نادرا جي وين 19 نومبر کان 27 نومبر 2025 تائين ميونسپل ڪاميٽيءَ ۾ موجود هوندي شڪارپور جي شهرين جي سهولت خاطر پيدائشي ٻار کان 1 مهيني جي ٻارن جي پنهنجي داخلا پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ ڪرايو ۽ ڪمپيوٽرائيزڊ رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ پڻ حاصل ڪيو

حيدرآباد اليکٹرک سپلائی کمپنی
HESCO
ٹینڈر نوٹس

1۔ مالی سال **2025-26** کے لیے مختلف مدات کے تحت منظور شدہ/منظور ہونے والے بجلی کاری کے کاموں کی انجام دہی کے لیے، پی پی آر اے قواعد کے مطابق سنگل اسٹیج سنگل اِنویلپ بڈنگ طریقہ کار اختیار کرتے ہوئے درج ذیل ای۔بڈز طلب کی جاتی ہیں۔ یہ کام (کنٹریکٹ/ لیبر ریٹ) کی بنیاد پر تعلقہ/ضلع وار، حدودِ اختیار حیسکو کے تحت کیے جائیں گے۔ اہل بڈرز کے لیے لازمی ہے کہ وہ پاکستان انجینئرنگ کونسل میں **C5** یا اس سے اوپر کی کیٹیگری میں **(CE 10, EE 04 & EE 05)** کی اسپشلائزیشن کے ساتھ رجسٹرڈ ہوں۔ کنٹریکٹ کاموں/ بڈ رقم اور بڈ سیکیورٹی کی تفصیلات ہر ایک کے سامنے درج ہیں۔

Sr. No.	Tender No.	Taluka	District	Bid Amount including all Taxes (Rs. In Million)	Bid Security / Call Deposit Amount @5% (Rs in Million)
1.	001/2025-26	Hyderabad Rural	Hyderabad	30.00	1.50
2.	002/2025-26	Latifabad	Hyderabad	30.00	1.50
3.	003/2025-26	Hyderabad City	Hyderabad	30.00	1.50
4.	004/2025-26	Qasimabad	Hyderabad	30.00	1.50
5.	005/2025-26	All Talukas	Tando Allah Yar	30.00	1.50
6.	006/2025-26	All Talukas	Tando Muhammad Khan	30.00	1.50
7.	007/2025-26	All Talukas	Matiyari	30.00	1.50
8.	008/2025-26	Talhar / Matli / Badin	Badin	30.00	1.50
9.	009/2025-26	Tando Bago / Khoski / S.F. Rahu	Badin	30.00	1.50
10.	010/2025-26	Sindhri / Shujabad / Mirpurkhas	Mirpurkhas	30.00	1.50
11.	011/2025-26	Digri / Jhuddo / Kot Ghulam Muhammad	Mirpurkhas	30.00	1.50
12.	012/2025-26	Umerkot / Samaro	Umerkot	30.00	1.50
13.	013/2025-26	Kunri / Pithoro	Umerkot	30.00	1.50
14.	014/2025-26	All Talukas	Tharparkar	30.00	1.50
15.	015/2025-26	Thatta / Ghora Bari	Thatta	30.00	1.50
16.	016/2025-26	Mirpur Sakro / Ketti Bunder	Thatta	30.00	1.50
17.	017/2025-26	Sujawal / Jati / Kharo Chan	Sujawal	30.00	1.50
18.	018/2025-26	Mirpur Bathoro / Shah Bunder	Sujawal	30.00	1.50
19.	019/2025-26	Jamshoro / Manjhand / Sehwan	Jamshoro	30.00	1.50
20.	020/2025-26	Kotri	Jamshoro	30.00	1.50
21.	021/2025-26	Thana Bola Khan	Jamshoro	30.00	1.50
22.	022/2025-26	Nawabshah	Shaheed Benazirabad	30.00	1.50
23.	023/2025-26	Kazi Ahmed	Shaheed Benazirabad	30.00	1.50
24.	024/2025-26	Daur	Shaheed Benazirabad	30.00	1.50
25.	025/2025-26	Sakrand	Shaheed Benazirabad	30.00	1.50
26.	026/2025-26	Tando Adam / Shahadadpur / Jam Nawaz Ali	Sanghar	30.00	1.50
27.	027/2025-26	Sanghar / Khipro / Sinjhoro	Sanghar	30.00	1.50

2۔ بولیاں جمع کرانے کی تاریخ ووقت (آخری تاریخ) **10-12-2025**، صبح **11:00** بجے تک
3۔ بولیاں کھولنے کی تاریخ ووقت **10-12-2025**، صبح **11:30** بجے تک
4۔ ای۔بڈنگ دستاویزات، جن میں شرائط وضوابط، طریقہ خریداری، بولی جمع کرانے کا طریقہ، بولی سیکیورٹی، بولی کی معیاد، تشخیصی معیار وغیرہ شامل ہیں، ای پی اے ڈی ایس (**www.eprocure.gov.pk**) پر رجسٹرڈ بڈرز کے لیے دستیاب ہیں۔
5۔ پاکستان انجینئرنگ کونسل کے **C5** اور اس سے اوپر کیٹیگری کے وہ تمام کنٹریکٹرز/فرمز جن کی مالی سال **2025-26** کی تجدید ہو چکی ہے اور جنہوں نے **CE-10**، **EE-04**، **EE-05** کی اسپشلائزیشن داخل کی ہوئی ہے، انہیں **EPADS** پر اپنی ای۔بڈز جمع کرانے کی دعوت دی جاتی ہے۔
6۔ فرم/کنٹریکٹر کا سندھ سیلز ٹیکس اور انکم ٹیکس ڈیپارٹمنٹ میں رجسٹرڈ ہونا لازمی ہے اور وہ ایس آر بی اور فیڈرل بورڈ آف ریونیو کی ایکٹو ٹیکس پیئرز لسٹ میں شامل ہونے چاہئیں۔
7۔ فرم/کنٹریکٹر کو ایک حلف نامہ جمع کرانا ہوگا جس میں یہ یقین دہانی ہو کہ فرم/بڈر کسی بھی قسم کی عدالتی کارروائی میں ملوث نہیں اور نہ ہی کسی وفاقی/صوبائی ادارے کی جانب سے بلیک لسٹ ہے۔
8۔ الیکٹرانک بڈز **EPADS** کے ذریعے مقررہ تاریخ اور وقت پر جمع کرائی جائیں۔ دستی بڈز قبول نہیں کی جائیں گی۔ الیکٹرانک بڈز اسی دن کھولی جائیں گی۔
9۔ تمام ای۔بڈز کے ساتھ بولی کی رقم کا **5%** بطور بولی سیکیورٹی لازمی منسلک ہو، یعنی (**1.50** ملین روپے) جیسا کہ ہر ٹینڈر/ بولی کے سامنے درج ہے۔ یہ بولی سیکیورٹی پراجیکٹ ڈائریکٹر کنسٹرکشن (آپریشن)، حیسکو حیدرآباد کے حق میں کسی بھی شیڈولڈ بینک سے جاری کی جائے۔ بولی سیکیورٹی/کال ڈپازٹ کی تاریخ اس اشتہار کی اشاعت کے بعد کی ہونی چاہیے اور یہ فرم/کنٹریکٹر کے نام پر جاری ہو۔ بولی **EPADS** پر بڈ سیکیورٹی/کال ڈپازٹ کی اسکین کاپی اپ لوڈ کرے، جبکہ اصل دستاویز بولی جمع کرانے کی آخری تاریخ ووقت سے پہلے پروکیورنگ ایجنسی کو فراہم کی جائے، بصورتِ دیگر بولی مسترد کر دی جائے گی۔
10۔ بولیوں کو ٹینڈر/ بڈنگ دستاویزات کی شرائط وضوابط کے مطابق تیار کیا جائے۔ شرائط کے خلاف بولیاں نا قابلِ قبول (**Non-Responsive**) قرار دی جائیں گی۔ متبادل تجاویز یا مشروط بولیاں بھی نا قابلِ قبول سمجھی جائیں گی۔ ایسی بولی جو بولی دستاویزات کے مطابق نااہل ہو، وہ بھی نا قابلِ قبول شمار ہوگی۔
11۔ یہ اشتہار **PPRA** کی ویب سائٹ **www.ppra.org.pk** اور **HESCO** کی ویب سائٹ **www.hesco.gov.pk** پر بھی دستیاب ہے۔
12۔ نیپرا/حیسکو سیفٹی کوڈ میں درج تمام حفاظتی ہدایات کو حرف بہ حرف اختیار کرنا لازمی ہوگا۔
13۔ تمام خریداری **PPRA Rules 2004** اور اس میں ہونے والی تازہ ترین ترامیم کے مطابق کی جائے گی۔

نوٹ:
i۔ **PPRA Rules 2004** کی شق 48 کے تحت تشکیل کردہ **GRC** کا نوٹیفکیشن **EPADS** پر **www.eprocure.gov.pk** پر فراہم کر دیا گیا ہے۔
ii حیسکو کو **PPRA Rules 2004** کی شق 33(1) کے مطابق ٹینڈر/ بولی کی مسترد گی کا پورا حق حاصل ہے جس کے لیے کوئی وجہ بتانا ضروری نہیں۔

پراجیکٹ ڈائریکٹر کنسٹرکشن (آپریشن)
حیسکو حیدرآباد
فون: 022-9240086

PID(H) 195/2025

سڪرنڊ ويجهو مسافر بس ڪاٺي ٿيڻ سبب عورت سميت ٻه ڄڻا فوت، چار ڄڻا زخمي

قومي شاهراهه لڳ چوڙون ميل اسٽاپ وٽ راولپنڊي کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ ڳڙهه کي بچائيندي ڪاٺي ٿي پئي

حادثي ۾ حيدرآباد واسڻ 40 ورهين جي عظيمه زال معشوق بلوچ ۽ روالپنڊي واسي 38 ورهين جو عاشم فوت ٿي ويو

لاشن ۽ زخمي ڪامران احمد رند، رخسانه بلوچ، عابده قريشي ۽ ٻين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي پرويز سنائي) سڪرنڊ ويجهو قومي شاهراهه تي مسافر بس ڪاٺي هڪ عورت ۽ مرد فوت، چار ڄڻا زخمي ٿي پيا. سڪرنڊ ويجهو قومي شاهراهه لڳ چوڙون ميل اسٽاپ وٽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: حادثي جو شڪار ٿيل بس ٻئي طرف فوت ٿيل عورت جو لاش

ٽنڊوآدم ۾ نوجوان پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي علائقي خير محمد ڳوٺ ۾ 25 سالا نوجوان وسيم ولد لال محمد گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس حياتي بچائي ورتي.

سيٺارجا لڳ هٿياربند ڳوٺاڻن کان روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا ٿاڻي جي حد سيٺارجا سٽي گٽس روڊ صديق آباد بس اسٽاپ ويجهو نامعلوم موٽرسائيڪل ڦورو هٿيارن جي زور تي سيٺارجا واسي راز علي ولد ميرخان لنڊ ۽ مجاهد علي ولد علي گل لنڊ کي روڪي 60 هزار روڪ ۽ 3 موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، اهڙو اطلاع ملڻ تي سيٺارجا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد هٿياربند دوائن جي واپاري کان موبائل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار

حيدرآباد(ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ميڊيسن بازار مان دوائن جي واپاري زاهد کتري کان هٿياربندن هڪ لک روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا اهڙي رپورٽ سٽي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي

ٽنڊوڄام جو ڀريون چيئرمين مير غلام اڪبر ٽالپر لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام جو ڀريون چيئرمين مير غلام اڪبر ٽالپر لاڏاڻو ڪري ويو جنازي ۾ مختلف سياسي سماجي شخصيتن جي شرڪت. تعزيت جو سلسلو جاري. خبر موجب شخصيت مير غلام اڪبر ٽالپر ٽنڊوڄام جي ٽالي واري بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ وڪيلن پاران مبينا آئيني چيڙڇاڙ خلاف علامتي جنازو ڪڍي ريلي

ريلي ۾ وڏي انگ ۾ وڪيلن شرڪت، هٿن ۾ ڀلي ڪارڊ، آئيني تحفظ لاءِ نعريبازي

آئين جي بالادستي، عدليه جي آزادي ۽ شهري حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي: اڳواڻ

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ وڪيل برادري پاران آئين پاڪستان سان ٿيندڙ مبينا چيڙڇاڙ ۽ غير قانوني منظور ٿيل ترميمن خلاف علامتي احتجاج طور آئين پاڪستان جو جنازو ڪڍي عدالتي احاطي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ وڏي انگ ۾ وڪيلن ايڊووڪيٽ فيصل مغل شفي پيرزادو ڏٺي بخش سولنگي هارون بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو لڳ ڪار سوار هٿياربند ٻن پورهيتن کي اغوا ڪري ويا، اين سي داخل

ڪلتاپور محلي واسي عبدالستار ۽ وقار لاکو کي ڪار سوار کڻي ڪاهي ويا

واقعي خلاف وارثن پاران ٿاڻي تي اين سي داخل، پوليس پاران جاچ شروع

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو شهر جي ڪلتاپور محلي مان نامعلوم ڪار ۾ سوار هٿياربند ٻن ڄڻن عبدالستار لاکو ۽ وقار لاکو کي کڻي ويا واقعي بعد ڪنڊيارو ٿاڻي معشوق لاکو اين سي داخل ڪرائي ته سندس پٽ عبدالستار ۽ وقار علي لاکو جيڪي ڪلتاپور ۾ پيٽرول تي مزدوري ڪندا آهن انهن کي ڪار ۾ سوار ڪي هٿياربند هٿيارن جي زور تي کڻي ويا آهن هوڏانهن ڪنڊيارو پوليس موجب اين سي داخل ڪرڻ بعد جاچ شروع ڪئي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پيرجوڳوٺ ۾ نافرمان ڀائيٽي پاران چاچي جو مٿو ڪوڙي تذليل، متاثر جو احتجاج

ڀائيٽي ٻاٿر رياجين سان ملي مٿو ڪوڙي تذليل جو نشانو بڻايو آهي: رستم عباسي

ڀائيٽي سميت ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(د ر) پيرجوڳوٺ ۾ نافرمان ڀائيٽي فراز عباسي پاران پنهنجي سڳي چاچي رٽائرڊ ملازم رستم عباسي جو مٿو ڪوڙي تذليل ڪئي آهي جڏهن ته اهڙي وڊيو هن سوشل ميڊيا تي وائرل پڻ ڪري ڇڏي آهي جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته جوابدار فراز عباسي پنهنجي چاچي جو مٿو ڪوڙي تذليل ڪري رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي ته مونکي رحم لاءِ نه چئو تنهنجو وڊيو پري تنهنجي مائٽن کي موڪليان ته جيئن انهن کي به خبر پئي ان سلسلي ۾ متاثر رستم بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

"اسپيڊ بريڪر ٺهرايو" عمرڪوٽ ۾ شهرين جو احتجاجي ڌرڻو، باهيون، روڊ بلاڪ

مظاهرين مٺي، چاچرو، ننگرپارڪر جي مک روڊن تي ٽائرن کي باهيون ڏيئي 4 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

اسپيڊ بريڪر ٺهيل ناهي جنهن ڪري روڊ حادثا ٿيڻ معمول بڻيل آهن. ڪيترائي ماڻهو پنهنجي حياتي وڃائي چڪا آهن:مظاهرين

ٻاٿر ٺيڪيدار پنهنجي من پسند ماڻهن جي گهرن آڏو بريڪر ٺهرائي ڇڏيا پر هتي رشوت کانسواءِ ڪم نٿو ٿئي

عمرڪوٽ(رپورٽ: قاضي يوسف) "اسپيڊ بريڪر ٺهرايو" عمرڪوٽ ۾ سياسي سماجي حلقن، شهرين جو چاچرو ٻاءِ پاس تي اسپيڊ بريڪر نه ٺهرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ٽائرن کي باهيون ڏيئي 4 بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ ٿيل نمائش ۾ شاگردياڻيون اسٽال تي بيٺل آهن

ڪمال ديرو ويجهو چور زميندار جي زمين تان سولر پليٽون کڻي ويا، اين سي داخل

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو ويجهو ڪجي جي علائقي بکري ٿاڻي جي حد ۾ مقامي زميندار نظر خان ساميتيو جي زرعي زمين تي لڳل سولر پليٽون هڪ انويٽر نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا واقعي جي اين سي حد جي بکري ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي نظر خان ساميتيو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته منهنجي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽڙ سيٽيزن فورم ڪلوئي جي درخواست تي محتسب اعلي ٿرپارڪر جي کلي ڪچهري

شهرين پاران صفائي صحت، اسڪولن ۾ استاد نه هجڻ پاڻي ۽ منشيات خلاف شڪايتون

ٿرپارڪر جي سمورن تعلقن ۾ کلي ڪچهريون رکيون آهن، جائز مسئلا حل ڪرائيندا: محمد عمر ٻنهور

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي ۾ ٽڙ سيٽيزن فورم ڪلوئي جي درخواست تي محتسب اعلي ٿرپارڪر محمد عمر ٻنهور پاران يونين ڪائونسل ڪلوئي ۾ کلي ڪچهري رکي وئي علائقي جي ماڻهن پاران شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا شهر ۾ صفائي نه ٿيڻ صحت جون سهولتون نه ملڻ تعلقي جي مختلف ڳوٺن ۾ استادن پاران اسڪولن نه وڃڻ ۽ منشيات ۽ پاڻي جي کوٽ خلاف بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ويجهو هٿياربند ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا، متاثر جو احتجاج

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ ٻيهر بدامني جي لهر، نامعلوم موٽرسائيڪل سوار 3 هٿياربند ڦورن مين روڊ انڊس هاءِ وي درمحمد ابڙو اسٽاپ ويجهو دادو واسي نوجوان سلطان ٽيٽو کي هٿيارن جي زور بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد لڳ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو، هڪ زخمي

هٿياربندن جي فائرنگ ۾ عابد ولد غلام نبي ڪوسو ۽ عبدالصمد ولد غلام نبي ڪوسو سخت زخمي

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي عابد ڪوسو زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

قاضي احمد(رپورٽ غلام مصطفي چانديو) قاضي احمد لڳ نامعلوم هٿيارن جي فائرنگ ۾ عابد ڪوسو ولد غلام نبي ڪوسو ۽ عبدالصمد ڪوسو ولد غلام نبي ڪوسو سخت زخمي ٿي پيا. جن کي اسپتال منتقل بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: فوتي نوجوان جو لاش پيل آهي

حيدرآباد جي صحافي جام فريد لاکو جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

مرحوم جي آخري رسمن ۾ لالا رحمان، خالد ڪوڪر،وسيم خان، جڳ پرڪاش جي شرڪت

نظام مگسي، جاني خاصخيلي، سخي غلام حسين، منصور ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي جنرل سيڪريٽري ۽ نجي ٽي وي چينل جي رپورٽر جام فريد لاکو جي والده ڪالهه 72 سالن جي ڄمار ۾ ٿورو عرصو بيماري ڪاٽڻ بعد لاڏاڻو ڪري وئي. مرحومه جي جنازي نماز ۽ تدفين قاسم آباد چنڊ قبرستان ۾ ڪئي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ صحافين، وڪيلن سياسي سماجي مذهبي پارٽين ۽ زندگي جي مختلف شعبن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ ريڪروٽ ڪورس 183 هين پاسنگ آئوٽ پريڊ تقريب منعقد ڪئي وئي

ٽريننگ اهلڪار ۽ آفيسر اعلي تعليم يافته ۽ يونيورسٽين جا گريجوئيٽ آهن: ڊي آءِ جي

پوليس صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي

شهدادپور(ن ع) ريڪروٽ ٽريننگ ڪورس بيچ نمبر 02/2025 جي 183هين پاسنگ آئوٽ پريڊ ۽ لوئر اسڪول انٽرميڊيئيٽ اسڪول ۽ اپر اسڪول ڪورسز جي 183هين گريجوئيشن تقريب پوليس ٽريننگ ڪاليج شهدادپور ۾ منعقد ٿي تقريب جا خاص مهمان ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ڊويزن فيصل بشير ميمڻ هئا. ايس ايس پي/پرنسپل پوليس ٽريننگ ڪاليج بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: ڊي آءِ جي فيصل بشير ۽ پوليس ٽريننگ ڪاليج جي پرنسپال زائده پروين پاسنگ آئوٽ پريڊ کي خطاب ڪري رهي آهي

ستاويهين آئيني ترميم ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي: لياقت جتوئي

سنڌ جا وسيلا وفاقي سطح تي اڳ ئي مسلسل ڦٻايا ويا آهن ۽ نظرانداز ٿي رهيا آهن

موجوده دور ۾ سنڌ لاءِ اتحاد هوشياري ۽ سياسي سجاڳي وڌيڪ ضروري ٿي چڪي آهي

راڌڻ (رپورٽ ستار ميراڻي) ستاويهين آئيني ترميم ڪنهن به صورت ۾ قابلي قبول ناهي اها ترميم صوبن جي اختيارن ۽ وسيلن تي سڌو سنئون حملو آهي جنهن کي سنڌ جو باشعور عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو اهو لياقت جتوئي خبر موجب اڳوڻي وڏي وزير ۽ جي ڊي آءِ جي اهم اڳواڻ لياقت علي خان جتوئي پيٽو جتوئي هائوس ۾ ميڊيا بريفنگ ۾ سنڌ جي موجوده ڏاڍي سياسي صورتحال 27هين ترميم ۽ سنڌ سان جڙيل مختلف عوامي مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ڪيترن ئي اهم نقطن تي روشني وجهندي، سياسي ماحول ۾ نئين جدت پيدا ڪري ڇڏي بريفنگ دوران لياقت علي خان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سن پرسان ندي مان ريتي جي غير قانوني کوٽائي جاري، انتظاميا تماشائي بڻيل

غير قانوني طور سياسي پٺڀرائي سان جديد مشينري ذريعي تيزي سان ريتي جي کوٽائي جاري

ريتي کڻڻ سبب وڏا کڏا انسانن چوپائي مال ۽ جيوت جون زندگيون داءَ تي لڳل

وڏا کڏا کوٽڻ سبب برسات جو پاڻي گڏ ٿيڻ ڪري معصوم ٻارڙن ۽ جانورن جون زندگيون داءَ تي لڳل

مانجهند (ن ع) سن پرسان انڊس هاءِ وي ۽ ريلوي اسٽيشن جي وچ ۾ رني ڪوٽ کان ايندڙ سن ندي ۾ با اثر سرعام ريتي ڪڍي وڪرو ڪرڻ لڳا غير قانوني طور سياسي پٺڀرائي سان جديد مشينري ذريعي تيزي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: بندرگاهه تي ڪاريگر نيون ٻيڙيون تيار ڪري رهيا آهن

بهاولپور: تقريري مقابلي ۾ شاگردياڻي خطاب ڪري رهي آهي

ميرپوربٺورو: فتح واهه شاخ ويجهو چوپائي مال جي ٽڪر ۾ ٽينگر زخمي

شهر طرف ويندڙ رستي تي مالوندن جي لاپرواهي سبب اڳ به ڪيترائي ماڻهون زخمي ٿي چڪا

متاثرين ٽينگر جي وارثن پاران مال پڙي انتظاميا ۽ آبپاشي کاتي عملدارن خلاف رپورٽ داخل

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو شهر جي احمد شاهه موري وٽ آبپاشي کاتي جي نااهلي سبب فتح واهه شاخ کي وڏو ڪٽ لڳل هجڻ ڪري پرسان سان قائم مال پڙي جو چوپايو هر وقت فتح واهه شاخ تي اچڻ ۽ وڃڻ ڪري مين بس اسٽاپ طرف ايندڙ ويندڙ عورتن معصوم ٻارڙن جون زندگيون خطري هيٺ اچي وڃن آهن انهي سلسلي ۾ اڄ صبح مين بس اسٽاپ کان پنهنجي گهر بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ اليڪٽرڪ جي دڪان کي باهه، لکين رپين جو سامان سڙي رک

دادو چونڪ وٽ سجاد علي ڪوسو جي دڪان کي موٽر مان باهه لڳي وئي

باهه زندگي ڀر جو سرمايو سڙي رک ٿي ويو آهي، سرڪار مدد ڪري ته ٻيهر دڪان ڪري سگهان: متاثر

مورو(ن ع) مورو شهر جي دادو چونڪ وٽ اليڪٽرانڪ اسٽور ۾ بجلي جي موٽر مان باهه لڳڻ سبب دوڪان ۾ پيل اليڪٽرڪ جي سامان کي باهه وڪوڙي وئي جنهن جي اطلاع مورو فائر برگيڊ عملي کي ڏني وئي جنهن جي پهچڻ کان اڳ دوڪان ۾ پيل سموري سامان کي ساڙي رک جو ڍير بڻائي ڇڏيو ان موقعي تي اليڪٽرانڪ دوڪان جي مالڪ سجاد علي ڪوسو ٻڌايو ته دوڪان اندر اليڪٽرانڪ جو سامان پيل هو پاڻي وارو موٽر کولڻ دوران باهه لڳي وئي جنهن بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ٻاٿر حملو ڪري عورت کي رتوڇاڻ ڪيو، متاثره جو احتجاج

پورل شاهه ڪالوني جي رهواسڻ عورت زاهده مگسيجو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو

سڳاوني تان ٻاٿر جوابدارن حملو ڪري زخمي ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: زاهده مگسيجو

خيرپور(د ر) خيرپور لڳ گهر تي ٻاٿر جوابدارن جو حملو عورت رتوڇاڻ پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ان ڏس ۾ خيرپور جي پورل شاهه ڪالوني جي رهواسڻ عورت زاهده مگسيجو پاڪ ڪتاب کڻي ميڊيا آڏو سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته سڳاوني تان ٻاٿر جوابدارن حملو ڪري تشدد ڪيو پاڪ ڪتاب جا واسطو ڏيڻ باوجود مونکي رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو ۽ ٻيهر حملو ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي هن چيو ته تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

حيدرآباد: نيشنل ڪميشن فار هيومن رائٽس ۽ نيشنل لائنگ ڊيليگيشن فار ميناريٽي رائٽس پاران اقليتن بابت جوڙيل قانونن جي آگاهي واري تقريب کي ڪرشن شرما خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوڄام ۾ سنڌ جي مختلف شهرن جي واپارين جو ٻج ڪمپني خلاف مظاهرو

يونين سيڊ ڪمپني مختلف شهرن جي ڊيلرن ۽ واپارين سان فراڊ ڪيو آهي:مظاهرين

ٻج ڏيڻ بهاني ۾ سال اڳ ڪروڙين رپيا ورتا ۽ هاڻي ٻج ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي

ٽنڊوڄام (ت ر) سنڌ جي مختلف شهرن جي واپارين پاران ٻج ڪمپني خلاف، ٽنڊوڄام ۾ احتجاجي مظاهرو ڪروڙين رپين جي فراڊ جو الزام انصاف جي گهر خبر موجب ٽنڊوڄام جي ٻج ڪمپني جي فراڊ خلاف مختلف شهرن جي ٻج جي ڊيلرن ۽ واپارين ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي انهي موقعي تي آصف خواجا اشوڪ ڪمار ڏيڪ، بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

مسوپرگڙي ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو

اريگيشن عملي رشوت وٺي پاڻي غيرقانوني رخ موڙي ڏين ٿا:مظاهرين

آبادگار جو سيڪريٽري اريگيشن ۽ صوبائي وزير آبپاشي کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي لڳ هزارين ايڪڙ پوکيءَ جي زرعي زمين هن وقت سخت پاڻي جي کوٽ سبب برباديءَ جي ڪناري تي پهچي وئي آهي، جتي جي چار شاخ تي اريگيشن عملي جي مبينا رشوت خوري، ٻي جا مؤهيل روڪ ٽوڪن ۽ پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ بابت ڳڻتيون وڌي رهيون آهن علائقي جي آبادگارن مطابق رات جي اونداهي ۾ بااثر شخصيتون بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ريشم بازار ۾ غير قانوني روڊ ڪٽائي تي ڪارروائي

ڊپٽي ڪمشنر جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ پوليس ڪارروائي ڪئي

غير قانوني تعميراتي ڪم بند، ملوث ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ريشم بازار ۾ غير قانوني روڊ جي ڪٽائي تي ڪارروائي حيدرآباد انتظاميا ريشم بازار ۾ غير قانوني روڊ جي ڪٽائي جي پيڇڪڙي تي بروقت ڪارروائي ڪندي سمورين سرگرمين بند ڪرائي ڇڏيون اها ڪارروائي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي بابر صالح راهپوٽو ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر پاران عوامي ووٽر آگاهي سيشن

جامع مسجد قطر ۾ علمائن، مدرسن جي شاگردن ۽ ڪميٽي جي ميمبرن جي شرڪت

مهم جو مقصد شهري باشعور، ذميوار ۽ فعال ووٽر بڻائڻ آهي: محمد حنيف

بدين (د ر) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر بدين محمد حنيف پاران ووٽر آگاهي ۽ رجسٽريشن مهم جي سلسلي ۾ جامع مسجد قطر بدين ۾ هڪ اهم عوامي آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ معزز علمائن مدرسن جي شاگردن ۽ ووٽر ايجوڪيشن ڪميٽي جي ميمبرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي اجلاس دوران ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر بدين ووٽ جي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

رائس مل مالڪن ۽ آبادگارن وچ ۾ گهٽ پاڳي مسئلا حل ٿي چڪا آهن:ڊي سي

ريونيو کاتو ۽ ماپ تور وارو کاتو شڪايت جي صورت ۾ رائس مل جا ڪانٽا چيڪ ڪيا وڃن

رائس مل مالڪ ۽ آبادگار پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ تي رهن ٻنهي کي ڪوبه نقصان نه ٿئي

بدين (د ر) آبادگارن پاران رائس ملز طرفان ماپ تور وارن ڪانٽن ۽ موئسچر مشينن متعلق مسلسل شڪايتن جو نوٽيس وٺندي ڊائريڪٽر ڪنٽرولر ماپ تور کاتو سنڌ رحان محمد خان هڪ ڏينهن جي دوري تي بدين پهچي دربار هال ۾ رائس مل مالڪن ۽ آبادگارن سان گڏجاڻي منعقد ڪئي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي چيو بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

منهنجو مشن تعليم جي بهتري لاءِ ڪوششون ڪرڻ آهي: امام الدين شوقين

ذاتي حيثيت ۾ تعليمي ادارن ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪري رهيا آهيون

آئل ۽ گئس ڪميٽي سانگهڙ ضلعي جي چيئرمني دوران اسڪول تعمير ڪرايا هئا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي گورنمينٽ شهيد بينظير ڀٽو گرلز هاءِ اسڪول کي پ پ جي اڳوڻي سينيٽر ملڪ امام الدين شوقين پاران پنهنجي خرچ تي فرنيچر سميت تعمير ڪرائي ڏنل ٽن ڪمرن جي افتتاحي تقريب منعقد رپورٽ موجب ٽنڊوآدم جي گورنمينٽ شهيد بينظير ڀٽو گرلز هاءِ اسڪول کي پ پ جي اڳوڻي سينيٽر ملڪ امام الدين شوقين پاران ذاتي خرچ تي نوان ڪمرا ٺهرائي ڏيڻ سميت سولر سسٽم ۽ فرنيچر ڏنو ويو ان سلسلي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ملڪ ۾ نظرياتي، خانداني ۽ تهذيبي بنيادن تي حملن ۾ شدت آئي آهي: راشد محمود سومرو

ختم نبوت صه جي قانون، اسلامي نصاب تعليم ۽ ديني مدرسن جي ڪردار کي ٽڪرائي بڻايو پيو وڃي

دين جي بنيادن سان چڙ ڪندڙ هر شخص تاريخ جي ناڪامين ۾ دفن ٿي ويندو: ڪراچي ۾ خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته ملڪ ۾ نظرياتي، خانداني ۽ تهذيبي بنيادن تي حملن ۾ اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شدت اچي وئي آهي ختم نبوت صه جي قانون اسلامي نصاب تعليم ۽ ديني مدرسن جي ڪردار کي متنازع بڻائڻ لاءِ عالمي سطح تي ڪوششون جاري آهن پر ديني مدرسن جو فيض قيامت تائين جاري رهندو انهن جي نصاب ۾ تبديلي جو سوال ئي پيدا نٿو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

الطاف جسڪاڻي جي شهادت کي پنج سال گذري ويا، قاتل جيل ۾ زنده آهن:قادر مگسي

عدالتن کان گهر ڏو ڪريان ته شهيد الطاف جسڪاڻي جي قاتلن کي ڦاهي تي لٽڪايو وڃي

تاريخ گواهه آهي ته ترقي پسند جي سياست ڌرتي سان جڙيل آهي، انهي ابي جي حفاظت ڪئي

ايس ٽي پي سربراهه قادر مگسي جو ٽنڊوالهيار ۾ شهيد الطاف جسڪاڻي جي ورسي ۾ خطاب

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار ۾ شهيد الطاف جسڪاڻي جي پنجين ورسي نصرپور روڊ ايس ٽي پي هائوس آڏو ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي سميت سنڌ جي مختلف علائقن کان سوين ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ورسي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته الطاف جسڪاڻي جي شهادت کي پنج سال گذري ويا آهن قاتل جيل ۾ زنده آهن عدالتن کان گهر ڏو ڪريان ته شهيد الطاف جسڪاڻي جي قاتلن کي ڦاهي تي لٽڪايو وڃي الطاف بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

هيومن رائٽس يونٽي فائونڊيشن وفد جي ڊي آءِ جي سکر سان ملاقات

شهر جي امن امان جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

اڳواڻن پاران شهر ۾ جرائم کي روڪڻ لاءِ سيف سٽي سکر جي قيام جو تجويز پيش

شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ پوليس جي پهرين ترجيح آهي:فيصل عبدالله چاچڙ

سکر (بيورو رپورٽ)هيومن رائٽس يونٽي فائونڊيشن آف پاڪستان جي چيئرمين ايڊووڪيٽ الاهي بخش ميتلو جي اڳواڻي ۾ وفد ڊي آءِ جي سکر فيصل عبدالله چاچڙ سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ شهر جي امن امان جي مجموعي صورتحال ۽ ان کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف تجويزن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي .ملاقات ۾ جان محمد ڀٽو وحيد ڀٽو سکر سٽي جي صدر وڪي ميمڻ سميت ٻيا ساٿي پڻ موجود هئا. وفد پاران ڊي آءِ جي سکر کي سنڌ جي ثقافتي سجاڳي اجرڪ جو تحفو پڻ پيش ڪيو ويو جنهن تي ڊي آءِ جي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ملاڪاتيار روڊ تي پنجاري موري اسٽاپ وٽ بدامني جي باهه اڃا به ڀڙڪيل

ملاڪاتيار(ن ع)ملاڪاتيار روڊ تي پنجاري موري اسٽاپ وٽ بدامني جي باهه اڃا به ڀڙڪيل آهي جتي چار هٿياربند ڦورن پڪ اپ سوزوڪي سوار ڳوٺ غلام حسين سومرو ۽ سيدپور ٽڪر جي سبزي ۽ فروٽ جي واپارين غلام نبي سومرو نور حسن سومرو محمد حسن سومرو عبدالستار سومرو پيرو باگڙي، اسلم ميمڻ ۽ دليپ ڪولهي کان 3 لک 25 هزار رپيا ڦر ڪري با آسانيءَ سان فرار ٿي ويا جڏهن ته سليمان سومرو لنڪ روڊ جوڻيجا موري وٽان عبدالرزاق چنو کان ٻه هٿياربند موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا مقامي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: پي پي ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو جو پيٽيو صدرالدين جوڻيجو وفات ڪري ويو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ويجهو پ پ ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو جو پيٽيو 50 سالن جي ڄمار ۾ صدرالدين جوڻيجو حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ، سندس جنازي نماز ڳوٺ علي بخش جوڻيجو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ اهم شخصيتن شرڪت ڪئي ، شرڪت ڪندڙن ۾ حاجي محمد اسماعيل سوهو، بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ڀهراڙي ۾ غير قانوني پيٽرول پمپس خلاف ڇاپا، 11 پمپس سيل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ڀهراڙي انتظاميا پاران غير قانوني پيٽرول پمپس خلاف ڪارروائي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي هدايت تي تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي جي ريونيو ٽيم اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي گوهر مسرور جي سربراهي ۾ مختلف علائقن ۾ اوچتا ڇاپا هنيا _تفصيل موجب ٽيم ٽنڊو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سيشن جج شڪارپور لکي غلام شاهه سول ڪورٽ جي نئين تعمير ٿيندڙ عمارت جو پيڙهه جو پٿر رکي مرمتي ڪم جو افتتاح ڪيو

لکي غلام شاهه (ن ع) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج شڪارپور عبدالڪريم انصاري لکي غلام شاهه سول ڪورٽ جي نئين تعمير ٿيندڙ عمارت جي پيڙهه جو پٿر رکي مرمتي ڪم جو افتتاح ڪري ڇڏيو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالڪريم بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ ٽرڪ جي ٽڪر ۾ عورت فوت

حيدرآباد(ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي هٽڙي ٿاڻي جي حد مين نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪ جي ٽڪر عورت فوت ٿي وئي آهي فوتي عورت پنهو پنهنجي پٽ خان محمد سان وڃي رهي هئي ته ٽرڪ کين ٽڪر بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ملاڪاتيار لڳ واپاري يرغمال، روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر

ملاڪاتيار (ن ع) ملاڪاتيارٿاڻي جي حد ڪوڪرلڳ سانگ ميانڻ روڊ تي تي نامعلوم ٻٽ ٻڌل هٿياربند ڦورو سارين جي واپاري بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو5

ڪراچي: پ پ اڳواڻ پيرمظهر الحق اداڪار مصطفي قريشي جي عيادت ڪري رهيو آهي

ننگرپارڪر ۾ ڳوٺاڻن جو موالين خلاف احتجاجي مظاهرو، ڪارروائي جو مطالبو

سلي (د-ر) ننگرپارڪر جي ڳوٺ اونڙو پيل ۾ چرس آفيم آئس جي وڪرو سميت موالين جا لڏا لعل ڳوٺاڻن جو جٿو جنجال ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسان ننگرپارڪر پوليس کي بار بار چئي چڪا آهيون پر اسان جي ڪير ٻڌڻ وارو ناهي اسان جو نوجوان نسل تباهه ٿيڻ لڳو آهي اسان پنهنجي گهرن ۾ به نٿا رهي سگهون بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو5

شڪارپور پوليس پاران ٻن ڪاروائين دوران قتلن ۾ ملوث 4 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

شڪارپور (د ر) شڪارپور جي نيو فوجداري ٿاڻي جي حد خانچندآباد محلي ۾ شجراءِ برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار تان ڪجهه ڏينهن اڳ جهيڙي دوران مارجي ويل مير محمد شجراءِ جي قتل ۾ ملوث جوابدار بابر پٺاڻ شجراءِ کي نيو فوجداري ٿاڻي جي پوليس گرفتار ڪري سندس جي قبضي مان هڪ ٽي ٽي پسٽل هڪ ڪرڻ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو5

بوزدار وڏا پوليس پاران ٻن جوابدارن کي چوري جي سامان سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي

بوزدارودا (ن ع) بوزدارودا پوليس ٿاڻي جي ايس ايڇ او آغا عابد علي پٺاڻ سپاهه سميت گذريل رات دير سان بوزدارودا ڦري ميرواهه روڊ جي پاسي کان پوريل پي ٽي سي ايل کاتي وارن جي ڪروڙين رپين جي ماليت واءِ ڦاءِ ڪامي جي تار ڪيندي 2 جوابدارن مهتاب علي ولد الطاف سومرو کي گرفتار ڪري چوري ڪيل بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو5

خيرپور بار پاران 27 آئيني ترميم ۽ وڪيلن تي تشدد خلاف ٽئين ڏينهن به ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو

خيرپور(د ر) 27 آئيني ترميم نامنظور ڊسٽرڪٽ بار خيرپور پاران احتجاج جاري عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ 27 آئيني ترميم ٽوڙي وڪلاء ڪنوينشن دوران وڪيلن تي تشدد خلاف سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي ڊسٽرڪٽ بار خيرپور پاران 3 ڏينهن به احتجاج جاري رکيو آهي ان ڏس ۾ عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪيو ويو آهي اهڙي صورتحال ڪري ٻڌئين تي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو5

ڊي ايڇ او نوابشاهه ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر جو دورو ڪري مختلف شعبن جو معائنو ڪيو

سڪرنڊ (ن ع) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر مدثر حسين دورڪي ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو جتي هن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو پڻ ڪيو جنهن ۾ ليبارٽري ، بلڊ بينڪ ، فري فارما ، آئي سي يو ۽ ميل فيميل وارڊ شامل هئا ان موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو5

خانپورمهر ۾ هلندڙ ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو فائنل اڄ کيڏبو، کٽيندڙ ٽيمن ۾ انعام تقسيم ڪيا ويندا

خانپورمهر (ن ع) انٽر اسڪول ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو رومانچڪ فائنل اڄ هائر سيڪنڊري اسڪول جي گرائونڊ تي کيڏيو ويندو جتي سرهان پبلڪ اسڪول خانپورمهر ۽ بوائز ايليمينٽري اسڪول خانگڙهه وچ ۾ ڏاڍي مقابلي جي اميد آهي ٻنهي ٽيمون مڪمل تياري سان ميدان ۾ لهڻ لاءِ بيٺل آهن ۽ پنهنجي شاندار ڪارڪردگي ذريعي فائنل ٽرافي کٽڻ لاءِ بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو5

ملتان: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني مقامي ڪاليج جي ڪانووڪيشن ۾ شيلڊون ورهائي رهيو آهي

عوام جي سهولت لاءِ نادرا جي وين 19 نومبر کان 27 نومبر تائين شڪارپور ميونسپل آفيس ۾ موجود هوندي: چيئرمين

شڪارپور (د ر) گذريل ڏينهن شڪارپور ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين فياض محمود شيخ جي هدايتن تي نادرا انتظاميا پاران ميونسپل آفيس شڪارپور ۾ هڪ ٻيهر موبائل وين ذريعي پنهنجون سروسز فراهم ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ نادرا جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آصف علي ميمڻ ثاقب علي ڀٽو ۽ تاج محمد سومرو ٻڌايو ته شهرين کي بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو5

غوثپور پرسان ڊاٽسن جو چنگچي رڪشا سان ٽڪر، عورت فوت، 4 ڄڻا زخمي

مين انڊس هاءِ وي تي تيز رفتار ڊاٽسن جو سامهون ايندڙ چنگچي رڪشا سان ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ مسمات مجيدان زال وهاب اوڳاهي ٽڏي تي فوت ٿي وئي

زخمين ۾ بشيران، شهزادي، لالي ۽ رڪشا ڊرائيور عبدالسبحان شامل، اسپتال منتقل

غوثپور(ن ع) شهر پرسان مين انڊس هاءِ وي تي ڳوٺ ملان مينهون لاڙو واري علائقي ۾ تيز رفتار ڊاٽسن جو سامهون ايندڙ چنگچي رڪشه سان ٽڪر ٿي پيو جنهنجي نتيجي ۾ رڪشه ۾ سوار چار بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شهدادڪوٽ: وڪيل جي ڪنوينشن ۾ وڪيل اڳواڻ عامر نواز وڙائچ کي اجرڪ اوڍائي پئي وڃي

اسين پنهنجي ڌرتي جي وجود کي بچائڻ لاءِ نڪتا آهيون: عامر نواز وڙائچ

حڪمران پنهنجي اقتدار کي ڊيگهه ڏيڻ ۽ سنڌ کي ورهائڻ لاءِ ترميم جو سهارو وٺي رهيا آهن

سنڌ جو نمڪ کاڌو آهي ڌرتي جي وحدانيت عزيز آهي جي سازشن سان مهاڏو اٽڪايو ويندو

شهدادڪوٽ (د ر) ڪراچي بار جي صدر ايڊووڪيٽ عامر نواز وڙائچ چيو آهي ته اسين پنهنجي ڌرتي جي وجود کي بچائڻ لاءِ نڪتا آهيون سڪار حڪمران پنهنجي اقتدار کي ڊيگهه ڏيڻ لاءِ سنڌ ڌرتي کي ورهائڻ لاءِ ترميم جو سهارو وٺي رهيا آهن پر وڪلا باشعور آهن اهي حڪمرانن جي انهي سازشن کي ڪامياب ٿيڻ ڪونه ڏيندا قمبر شهدادڪوٽ ضلعي بار ۽ وڪيلن پاران سنڌن مان ۾ ڏنل آجياڻي کي خطاب ڪندي وڪيل اڳواڻ عامر وڙائچ جو چوڻ هو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

مٽياري واسي پورهيت ٻن سالن کان وات جي ڪينسر ۾ مبتلا

علي شير ترڪ غريب هجڻ سبب ڪينسر جي علاج ڪرائڻ کان قاصر

معصوم ٻار ۽ گهر وارا مقامي نمائندن ۽ مخير حضرات کان مدد جا منتظر

مٽياري (د ر) مٽياري جي ٻاٿيل پوڙ محلي جو رهواسي، هڪ معصوم ٻياڻي ۽ ٻن معصوم ٻچن جو پيءُ، گهر جو واحد سهارو علي شير ترڪ گذريل ٻن سالن کان وات ۾ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا بيماري وڌڻ سبب هو بيماري جي بستري تي پيل ڪانڊ ڪيڻ کان به قاصر ٿي ويو آهي.گهر وارن پنهنجي وس آهر ڪافي علاج ڪرايو ليڪن غربت سبب وڌيڪ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

نومبر ختم ٿيڻ وارو آهي پر ڪمند جي پيڙائي شروع نه ڪئي وئي آهي: زبير ٽالپر

شگرملون آڪٽوبر ۾ هلڻ کپنديون هيون اهي نومبر جي اڌ گذري وڃڻ باوجود نه هلايون ويون آهن

ڪمند نه نڪرندو ته ڪڻڪ ڪٿان پوکبي، پهرين ڪڻڪ، ڦٽي، سارين بعد هاڻي وري ڪمند جي اگهه ۾ زيادتي ڪئي پئي وڃي

اگر 24 نومبر تائين شگرملون نه هليون ته حيدرآباد ۾ 24 نومبر تي ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ آبادگار اتحاد پاران ڪمند جي ڪرشنگ وقت سر شروع نه ڪرڻ خلاف احتجاج جو اعلان سنڌ آبادگار اتحاد جي صدر نواب زبير احمد ٽالپر ڪمند جي بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ايس يو پي اڳواڻ شهيد ڊاڪٽر انور لغاري جي 10هين ورسي ملهائي وئي

تقريب ۾ سياسي سماجي اڳواڻن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت. قاتلن جي گرفتاري ۾ دير تي احتجاج

10 سال گذرڻ باوجود انصاف فراهم ناهي ٿي سگهيو سندس قتل سياسي سازش آهي:اڳواڻ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ايس يو پي اڳواڻ شهيد ڊاڪٽر انور لغاري جي 10 هين ورسي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ سياسي سماجي اڳواڻن ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ايس يو پي جي مرڪزي اڳواڻ روشن علي برڙو، امير علي ٿيٻو ڊاڪٽر بدر چند،رسول بخش ٿيٻو،منور خاصخيلي، سمع چانديو ۽ ٻين چيو شهيد انور لغاري کي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايس يو پي پاران ڊاڪٽر انور لغاري جي ورسي تقريب ۾ اڳواڻ اسٽيج تي ويٺل آهن

مورو ويجهو راهو ۽ زرداري تڪرار جو نبيرو، ڌرين کي ڪير ڪنڊ ڪيو ويو

ڪجهه وقت اڳ صادق راهو ۽ بکڻ زرداري ڌرين ۾ مال پيل تان تڪرار ٿيو

زرداري برادري جي نيڪ مرد رئيس سڪندرعلي ٻن ڌرين کي گهرائي ڪير ڪنڊ ڪيو

مورو(ن ع) ڪجهه ڏينهن اڳ مورو لڳ ڳوٺ نصرالله راهو جي ڳوٺ جي نيڪ مرد حاجي محمد صادق راهو ۽ مکراڙي واسي بکڻ زرداري جو ٻاڙ ۾ مال جي پيل تان معمولي جهيڙو ٿيو هيو جنهن ۾ يوسي لنڊڪي جو ڪائونسلر شفيق راهو سخت زخمي ٿي پيو هيو جن جو فيصلو مورو شهر جي زرداري برادري جو نيڪ مرد رئيس سڪندر علي زرداري جي نگراني ۾ زرداري هائوس مورو تي ٻنهي ڌرين جو فيصلو ڪيو ويو فيصلي ۾ موجود سياسي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ عورتن جي ووٽر رجسٽريشن لاءِ موبائل رجسٽريشن وينز متحرڪ

ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر احمد نديم شيخ جي صدارت ۾ آفيس ۾ اجلاس، رجسٽريشن مهم جو جائزو

INVR-5مهم جو مقصد صنفي فرق گهٽائڻ ۽ عورتن جي ووٽ جو عمل ۾ شموليت وڌائڻ آهي:احمد نديم

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر حيدرآباد احمد نديم شيخ موبائيل رجسٽريشن وينز(ايم آر ويز) جي ذريعي حيدرآباد جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ عورت ووٽرز کي رجسٽرڪرڻ جي حوالي سان پنهنجي آفيس جي او آر ڪالوني حيدرآباد ۾ جائزه اجلاس جي صدارت ڪئي _ اجلاس ۾ قومي شناختي ڪارڊ / ووٽرجي رجسٽريشن مهم پنجين بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سڪيون: مقامي اسڪول ۾ ٿيل تقريب ۾ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا پيا وڃن

ملڪ ۾ 26 ۽ 27 ترميم خلاف احتجاج پيا ٿين ته وري 28 ترميم آندي پئي وڃي:عمره سمون

28ترميم ذريعي نوان صوبا ناهڻ بلدياتي نظام کي بدلائڻ ۽ ٻيون خطرناڪ ترميمون شامل آهن

پ پ قيادت بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڪرائڻ لاءِ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لاءِ تيار آهي

سنڌياڻي تحريڪ 21 ڊسمبر تي عوامي تحريڪ طرفان لاڙڪاڻي شهر ۾ اعلائيل احتجاجي ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ڪندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ مرڪزي اڳواڻ سپائي ڏاهري، حسنه راهوجو ۽ ڊاڪٽر آمنه راحيل ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي اعلان ڪيو ته عوامي تحريڪ پاران اعلائيل 21ڊسمبر تي لاڙڪاڻي ۾ اعلائيل احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته اسان سنڌ حڪومت جي لاڳو قلم144کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو ته اسان انهي ڪيس ۾ ضمانت نه ڪرائي ويندي سنڌ حڪومت جي دم آهي ته اسان کي گرفتار ڪري اسان جيل وڃڻ لاءِ بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

اڳڙا پوليس مبينه منشيات فروشن کي پڪڙڻ بجاءِ پڃائڻ ۾ رڌل

پاڙ وٽ رڪيل منشيات چاپن هٿڻ مهل ظاهر هڪ ڄڻي کي ڪسڪايو ويو

ايف آءِ آر ۾ چار ڄڻا ڄاڻايا ويا آهن پر گرفتاري ڪابه نه ٿي سگهي

راضيديرو(ن ع)اڳڙا پوليس مبينه منشيات فروشن کي پڪڙڻ بجاءِ پڃائڻ ۾ رڌل باقي پاڙ وٽ رڪيل منشيات چاپن هٿڻ مهل ظاهر علائقي ۾ عوامي پڇارن جي پڇار ۾ ڏينهن اڳ مبينه طور تي ٽي منشيات فروش پنگ ۽ موٽر سائيڪل سميت گرفتار ڪيا ويا هئا جن مان هڪ ڄڻي کي ڦڏي تي ڪسڪايو ويو جنهن لاءِ علائقي ۾ اهو پڻ آواز گونجي رهيو آهي ته اهو پوليس اهلڪار جو ويجهو ۽ ذات وارو هيو تنهن ڪري ان کي اتان ڪسڪايو ويو اڳڙا پوليس منشيات فروشن جي وٽ پڪڙ کي اڳتي وڌائيندي اهڙي ڦوٽي ڪندي ٽڪري بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

سکر يوسي 8 آدم شاهه ڪالوني ۾ملتوي ٿيل ترقياتي منصوبن جو آغاز

گهٽين جي نيڪال واري نظام جي بحالي ۽ ٽٽل رستن جي مرمت جو ڪم جاري

ترقياتي منصوبن جو آغاز علائقي جي ماڻهن لاءِ خوشخبري کان گهٽ ناهي:شهري

سکر (بيورو رپورٽ)سکر جي يونين ڪائونسل نمبر 8 آدم شاهه ڪالوني ۾ ڊگهي عرصي کان ملتوي ٿيل ترقياتي منصوبن جو باقاعده آغاز ڪيو ويو آهي علائقو ڪيترن سالن کان بنيادي سهولتن جي کوٽ جو شڪار هو پر يو سي 8 جي چيئرمين محمد اجمل ملڪ جي ڪوششن ۽ ميئر سکر بيرسٽر ارسلان شيخ جي خاص هدايتن تحت هاڻي هتي ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن.ترقياتي سرگرمين جي شروعات جي موقعي تي چيئرمين محمد اجمل ملڪ سان گڏ وائيس چيئرمين غلام حسين لغاري، ڪائونسلر راشد ملڪ، بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

سيالڪوٽ: لاڏائو ڪٽنب جا ٻارڙا جهوپڙين آڏو راند ڪيڏي رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.